


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر کوهياري

مرتب
منظور احمد قناصرو

ثقافت کاتو حکومت سنڌ
2007ع/١٤٢٨هه

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻه سؤ تيهٺ هين عرس جي موقعي تي شايع ڪيل

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: سُر ڪوهياري
مُرتب: منظور احمد قناصرو
پهريون ڇاپو: فيبروري 2007ع
ڇپائيندڙ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي فون: 021-2737290

بيِت: 200/= روپيا

Jeay Sindh

ملڻ جو هنڌ
ثقافت کاتو ڪتاب گهر
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي74400

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ٻہ اکر | | 5 |
| سُتي نہ سرندياءِ | | 7 |
| 1۔ شاھ جي شاعريءَ ۾ مشاهدي جي تيزي | مير محمد پيرزادو | 11 |
| 2۔ سر کوهياري ۾ ڏک جو فلسفو | محمد "مارو" خشڪ | 28 |
| 3۔ سر کوهياريءَ ۾ سجاڳيءَ جو سبق | ڊاڪٽر بشير احمد شاد | 40 |
| 4۔ ننڊ جي سائنس ۽ سُر ڪوهياري | ڊاڪٽر اسد "جمال" پلي | 47 |
| 5۔ سر ڪوهياري ۽ سنڌي سماج جا رويا | ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو | 60 |
| 6۔ سر ڪوهياريءَ جو تحقيقي جائزو | مريم مجيدي | 66 |
| 7۔ سر ڪوهياري ۾ ڏکن ۽ سورن جو ڪيفيتون | سيف الله خالد يوسفاڻي | 76 |
| 8۔ سر سسئي ڪوهياريءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي ابياس | سليم ڀٽو لطيفي | 85 |
| 9۔ سر ڪوهياري ۾ صفي ۽ نحوي ترڪيبون | معمور يوسفاڻي | 98 |
| 10۔ غافل غفلت ڇوڙ! | محمد حسين ڪاشف | 119 |
| 11۔ سر ڪوهياري ۽ رنداني راز | مولانا عبداللطيف سڪندري | 127 |
| 12۔ حقيقت هن حال جي....!! | زاهده شيخ | 132 |
| 13۔ سُر ڪوهياريءَ جو مطالعو | غلام مصطفيٰ سمو | 140 |
| 14۔ "ڪرجهن" سندا ڪم، ڪري ڪير "ڪريم" ري! | ارباب نيڪ محمد | 148 |


Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| 15ـ شاهه جي ڪوهياري | پروفيسر مخدوم شبير احمد | 155 |
| 16ـ سُر ڪوهياريءَ جا ڪردار | محمد ابراهيم سنڌي | 166 |
| 17ـ سُر ڪوهياري ۾ "پب" جبل جو ذڪر | حزب الله آءِ سومرو | 174 |
| 18ـ سُر ڪوهياريءَ تي هڪ نظر | نذير ناز | 179 |
| 19ـ سُر ڪوهياريءَ جو جائزو | اعجاز ممنائي | 184 |
| 20ـ سُر ڪوهياريءَ جي موسيقيءَ سسئيءَ جون ڪيفيتون | "عاطف" عبدالجبار جوڻيجو | 191 |
| 21ـ سر ڪوهياريءَ ۾ ورائڻ جي سٽا | بدر ڏامراهو | 201 |
| 22ـ سُر ڪوهياري بابت | خان محمد سولنگي | 205 |

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پہ اکر

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو ساليانو عرس مبارڪ ورهين کان وٺي ڀٽ شاھ تي نهايت احترام ۽ عقيدت سان ملهايو پيو وڃي، جنهن ۾ ميلن ملاڪڙن ۽ موسيقيءَ جي پروگرامن سان گڏ، هر سال سنڌس رسالي مان ڪنهن هڪ سُر تي عالمن، اديبن ۽ محققن طرفان تحقيقي مقالا ۽ مضمون پڙهيا ويندا آهن. ان نيڪ روايت جو بنياد، سنڌي ٻولي، لوڪ ادب ۽ شاھ سائين جي فڪر کي اجاريندڙ هڪ وڏي محقق ۽ اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڌو ۽ پاڻ صديءَ تائين نهايت سنجيدگي ۽ وڏي جوش جذبي سان سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ رهندڙ اديبن ۽ محققن کي ساري ڪوٺ ڏيئي، چونڊيل سر جا مختلف عنوان مقرر ڪري، مقالا پڙهائيندو هو. ان بعد انهن کي ايڊٽ ڪري ايندڙ عرس تي پڌرو ڪندو هو. ان علمي ۽ ادبي روايت "لطيف شناسي" ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

وقت سان گڏ، ثقافت کاتي جا سڀ سيڪريٽري ان روايت کي جاري رکندا پيا اچن. اسان ان روايت ۾ صرف ايترو اضافو ڪيو آهي جو اڳ چونڊ عالمن ۽ اديبن کي خط لکيا ويندا هئا ۽ ڪافي اسڪالرن کي شڪايت رهندي هئي تہ کين وساريو وڃي ٿو. اسان جي نظر ۾ جيڪي بہ لطيف سان لنؤ لڳائي، لکن ٿا، سي سڀ عالم ۽ اديب قابل قدر آهن. ان ڪري ان مت ڀيد کي ختم ڪندي، مشهور اخبارن وسيلي، سڀني عالمن، اسڪالرن ۽ محققن کي گذارش ڪئي آهي تہ هو پنهنجا تحقيقي مقا: اداري کي موڪلي ڏين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي مقالا مانوارن عالمن جي ڪاميٽي ڏانهن موڪليا ويندا. جنهن جي سفارش ڪان پوءِ انهن مقالن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويندو. اسان هن سال لاءِ "سُر ڪيڏارو" جي چونڊ ڪري محققن کي مقالا لکڻ جي گذارش ڪئي آهي.

گذريل سال سُر ڪوهياري متعلق جيڪي مقالا مليا سي سڀ مانوارن عالمن جي ڪاميٽي ڏانهن موڪليا ويا هيا. انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪان پوءِ انهن کي شايع ڪري رهيا آهيون. جيڪي يقيناً لطيف سائين سان محبت ڪندڙن لاءِ هڪ اثاثو ثابت ٿيندا.

شاهه سائين جي عرس جي موقعي تي هر سال ادبي ڪانفرنس منعقد ٿيندي آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ڪان ڪهي آيل عالم شاهه سائين جي ڪلام ۽ زندگيءَ تي روشني وجهندا آهن. هن سال اسان ڪوشش ڪئي ته انهيءَ موقعي تي سنڌ ڪان علاوه ٻين صوبن مان به عالمن ۽ اديبن کي دعوت ڏجي ته هو اچي شاهه سائينءَ جي ڪلام تي روشني وجهن. ان ڪان علاوه مون اهو پڻ محسوس ڪيو آهي ته سنڌ جي عالمن ۽ اديبن کي هي واحد پليٽ فارم ميسر ٿو ٿي جنهن ۾ ايتري وڏي تعداد ۾ اچي گڏجن ٿا. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي هن سال هڪ ڏينهن جي بجاءِ به ڏينهن ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن گهڻي کان گهڻا عالم پنهنجا تحقيقي پيپر پڙهي ۽ ٻڌي سگهن.

مان اميد ٿو ڪيان ته اسان جي هي ڪوشش لطيف سائين سان محبت ڪندڙن وٽ ضرور پسند پوندي.

**عبدالقادر منگي**

سيڪريٽري
ثقافت، سياحت ۽ سماجي ڀلائي
حڪومت سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُتي نہ سرندياءِ

سُر ڪوهياري، موضوعاتي لحاظ کان ننڍ ۽ ويسرڳائي سبب پيش ايندڙ مسئلن، معامرن ۽ انهن جي خطرناڪين کان بچڻ ۽ منزل مقصود تائين رسڻ لاءِ جبلن جي اڙانگهن پنڌن جهاڳڻ، جهنگ جي خوفناڪين سان منهن ڏيڻ جي صورتحال بابت آهي.

هِن سُر ۾ شاهه صاحب سسئيءَ کي تمثيل بنائي، نہ صرف پنهنجي دور بلڪ اڄ جي حالتن جي پڻ صحيح عڪاسي ڪئي آهي ۽ اسان کي خوب خبردار ڪيو آهي تہ ويسلا ٿي زندگي نہ گذاريو. حالتن جي چرپر تي بہ نظر رکو. ننڍ اها نہ آهي جو اکيون ٻوٽجن، پر ننڍ، حالتن کي نہ سمجهڻ ۽ ڪن لاتار ڪرڻ جو بہ نالو آهي. جڏهن تہ سجاڳي متحرڪ زندگيءَ جو نالو آهي ۽ انهن کي ئي سلطاني سهاڳ ملي ٿو جيڪي هر طرح سجاڳ رهن ٿا.

هن مجموعي ۾، سر جي مختلف موضوعن بابت سينيئر اديبن ۽ محققن جا مقالا شامل آهن. جيڪي ڀٽائي سائين جي فڪري پهلوئن کي ڪافي قدر اجاگر ڪن ٿا. اها ڳالهہ اطمينان سان چئي سگهجي ٿي تہ هن ڪتاب ۾ شامل مضمون ۽ مقالا اسانجي نون پڙهندڙن جي رهنمائي لاءِ بهترين ذريعو ثابت ٿيندا.

شاهہ سائين جي سرن بابت اهڙيون ڪوششون ورهين کان ٿينديون پيون اچن، جن جي شروعات شاهہ سائين جي وڏي شارح محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي. اسان ان روايت کي ۽ اڄ جي حالتن کي نظر ۾ رکندي ٿوري ترميم ڪئي، جو اڳ مانوارا محقق مقالا تيار ڪري ايندا هئا ۽ ڪين پڙهڻ جو موقعو ڏنو ويندو هو پر مقالن ۾ ساڳين ڳالهين جي ورجاءُ ڪري ٻڌندڙ تنگ ٿي، "بس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو... بس ڪيو...“ جا هوڪارا ڪندا هئا. پوءِ تہ اها هڪ روايت بنجي وئي اجا ڪنهن اديب هڪ پئرا مس پڙهي تہ هوڪرا شروع. انهيءَ غير سنجيده رويي ڪري گهڻا اديب ناراض بہ ٿي پوندا هئا ۽ جنهن مقصد خاطر ادبي ڪانفرنس ڪوٺائبي هئي اهو مقصد بہ پورو ٿي ڪونہ سگهندو هو.

اهڙي صورتحال کي سامهون رکندي، گذريل سال 262 هين ساليانِي عرس جي موقعي تي اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ادبي ڪانفرنس ۾ صدارت ڪندڙ ۽ مهمان خاص کان علاوه صرف چئن اديبن ۽ عالمن کي گهرائجي، جيڪي موجوده حالتن جي آڌار تي ڀٽائيءَ جي فڪر بابت تقريرون ڪن. ان لاءِ کين موضوع بہ مهيا ڪيا ويا هئا. ان تبديليءَ کي لطيف سائين جي فڪري پانڌيئڙن تمام گهڻو واکاڻيو. باقي سرن واري روايت کي قائم رکندي، اخبارن ۾ اشتهار ڏيئي عالمن ۽ اديبن کي گذارش ڪئي وئي تہ هو ”سُر ڪوهياريءَ“ جي ڪنهن بہ موضوع تي لکن. عام سڏ هو. ڪنهن بہ لحاظ کان تفريق ڪانہ هئي. ان جي بہ سٺي موٽ ملي. ڄڻيل محققن سان گڏ، عام استادن ۽ شاگردن بہ مضمون موڪليا. جيڪي ڪاميٽيءَ آڏو پيش ڪيا ويا. جن مان معياري مضمون ۽ مقالا چونڊي هن ڪتاب ۾ پيش ڪجن ٿا.

ثقافت کاتي جي اها ڪوشش آهي تہ شاهہ سائين جي حوالي سان جيڪي اهم گوشا اوجهل رهيا آهن. انهن کي اجاگر ڪجي تہ جيئن نئين نسل کي انهن بابت آگاهي حاصل ٿي سگهي. انهيءَ نقطي کي سامهون رکندي، هن سال ڀٽائي جي درگاهہ ۽ ان سان لاڳاپيل ماڳ مڪانن بابت انگريزي ۾ ڪتاب ”Legacy of Shah Latif“ شايع ڪري رهيا آهيون تہ جيئن سنڌي کان سواءِ ٻين پڙهندڙن کي بہ اسان جي ثقافتي ورثي بابت ڄاڻ حاصل ٿئي. اهو ڪتاب اصل ۾ ”ڀٽائيءَ جو ثقافتي ورثو“ جو ترجمو آهي، جيڪو ڀٽائي جي هڪ عاشق ۽ سنڌي، انگريزي ادب جي ڄاڻو محترم انور پيرزادي ڪيو آهي. افسوس جو اڄ هو اسان وٽ موجود نہ آهي، پر سندس زندگيءَ جي هيءَ آخري علمي ڪاوش پڙهندڙن وٽ ضرور مڃتا ماڻيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آءُ ذاتي طور انهن سڀني مانوارن محققن ۽ ليکڪن جو ٿورائتو آهيان، جن وڏي محنت ۽ محبت سان مقالا تيار ڪري موڪليا. جن نون ليکن جا مضمون شايع ٿي نه سگهيا آهن، انهن کي به دل لاهڻ نه گهرجي. سندن ڪوششون ڏاڍي ضرور صاب پونديون ۽ زندگي انهيءَ عمل جو نالو آهي.

مان ٿورائتو آهيان محترم عبدلقادر منگي سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت ۽ محترم شمس جعفراڻي ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر جو جن جي رهنمائي ۽ ذاتي دلچسپيءَ جي ڪري نه صرف هي ڪتاب بلڪ ٽي ٻيا ڪتاب به هن ميڙي تي شايع ٿي رهيا آهن. منگي صاحب ادبي خدمتن جي ڪري ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته هو جتي به رهيو آهي، پنهنجي پيشه ور سرگرمين سان گڏوگڏ علمي ۽ ادبي ميدان به مچايا اٿائين ۽ سندس مختلف موضوعن تي شايع ٿيل اڪيچار ڪتاب ان جا ساکي آهن.

آخر ۾ مان پنهنجي دوست آفتاب ابڙي جا به ٿورا مڃيندس، جيڪو نه صرف هن ڪتاب بلڪ هر ادبي ڪم ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي رهيو آهي. ان سان گڏ سڪندر علي سومري ۽ امر ميراڻي جي به مهرباني، جو هن علمي ڪم ۾ سندن سهڪار رهيو.

**منظور احمد ڪناصرو**

22 فيبروري 2006



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهه جي شاعريءَ ۾ مشاهدي جي تيزي

ايءُ گت غواصن جيئن، سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرا لال هٿن سين.

❊

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتارن پيهي،
پسندا سي ئي، امل اکڙين سين.

هن وسيع ڪائنات ۾ انسان ذات جو ڪردار مُکُ ڪردار آهي. ۽ واقعي بہ هو پنهنجي سوچ ۽ عمل سبب باقي مخلوق کان وڌيڪ شرف ۽ شان وارو آهي. وٽس جيڪا "خيال" ۽ ان جي پرواز واري وٿ آهي، سا باقي مخلوق جي حصي ۾ ناهي. "خيال" ناهن ۾ آهن ۽ آهن ۾ ناهن واري ڪيفيت رکي ٿو. جنهن ڪي سڀ رنگ روپ هوندي بہ بي رنگ ۽ مڙني وَصَفَن ۽ مماندن هوندي بي مثال ۽ نہ ڏسي سگهجندڙ پر محسوس ڪري سگهجندڙ اعليٰ ۽ عظيم وٿ پڻ آهي. اهو خيال ۽ ان جو پرواز ئي آهي، جنهن هن دنيا کي ڪيئي انداز (HAPOTHESIS) ڏنا ۽ انهن جي اندروني اثر انداز ٿيڻ (Interaction) مان ڪيئي نظريا (Theories) مهيا ڪيا. جن جي بدولت اڄ جي هن اڻ گهڙيل ڪاٺ نما ڪائنات کي خوبصورتي، ترتيب، گهڙگهت، تهذيب تمدن ۽ ثقافتن جهڙيون اعليٰ ۽ افضل شيون پلئہ پيون آهن.

"خيال" يا "رايو" ذهن جو آخري فيصلو هوندو آهي، جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسن جي پهچايل وارتائن جي اندروني ردِ عمل (Interaction) منجهان جنم وٺندو آهي. انسان جي اک جو ڪجهه ڏسي محسوس ڪري ٿي، ان کي ذهن وٽ رپورٽ ڪري ٿي. نڪ جيڪا وارتات سنگهڻ وسيلي يا سنگهڻ وسيلي حاصل ڪري ٿو ان کي ذهن جي ڪمپيوٽر ۾ فيڊ ڪري ٿو. ڪن جيڪي ٻڌي ٿو ان جو اثر ذهن ڏانهن منتقل ڪري ٿو. چمڙي جيڪو احساس حاصل ڪري ٿي، ان کي ان اندر جي دنيا يعني ذهن وٽ ذهن نشين ڪرائي ٿي. جيڀ چکڻ رستي حاصل ڪيل محسوسات کي ذهن ڏانهن منتقل ڪري ٿي. اهي مليل احساس ذهن اندر هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿي ۽ ان مان هڪ نتيجو جوڙين ٿا. جنهن کي "خيال" يا "رايو" چئجي ٿو.

اهي وصفون هر انسان کي آهن پر انهن جي محسوسات جي سگهه جو ماڻهوءَ ماڻهوءَ ۾ فرق آهي. ڪي پري کان ٿيندڙ سُرٻاٽ کي بہ يڪدم صحيح ڪيو وجي تہ ڪِن کي واڪا ڪري ٻڌائجي ٿو تہ بہ انهن تي اثر نہ ٿو ٿئي. اها حالت هر هڪ حِس جي الڳ الڳ ماڻهن ۾ الڳ الڳ ڏسڻ ۾ ايندي. هڪڙا ماڻهو ڪنهن جو ٿورو درد بہ برداشت ڪري نہ سگهندا آهن، پر ڪي اڪئين ڪسجندو ڏسي بہ بي اثر پيا نظر ايندا. ڪي ماڻهو بدبوءِ وٽان گذرندي نڪ تي رومال ڏئي هلندا، ڪي تہ ان منجهان آرام سان ساهه کڻندا پيا هلندا، ڄڻ تہ اتي اُها بدبوءِ آهي ئي ڪا نہ. تہ ڪي وري گلن جي خوشبوءِ کان انتهائي متاثر ڏسڻ ۾ ايندا تہ ڪن جي مٿي تي جونءِ بہ ڪانہ چرندي. تہ اهڙو فرق ڪن، نڪ، اک، چمڙيءَ ۽ جيڀ جي محسوسات ۾ الڳ الڳ انسانن ۾ واضح، چٽو ۽ تُز ڏسڻ ۾ ايندو.

اهو ئي سبب آهي تہ ڪي انسان وڌيڪ تہ ڪي گهٽ حساس ٿيندا آهن. اديب، شاعر، دانشورَ ۽ فنڪارَ ماڻهو گهڻو ڪري ٻئي عوام کان وڌيڪ حساس هوندا آهن. يعني انهن جي انسانن بابت، انسانن جي لڳ لاڳاپي بابت ۽ انهن جي ان لڳ لاڳاپي ڪري جيڪي واقعا ۽ وارتا منظر ايندا آهن، تن جو اثر ٻئي عوام جي ڀيٽ ۾ انهن حساس ماڻهن تي تمام گهڻو پوندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اُهي انهن وارتائن ۽ واقعن مان رونما ٿيندڙ اثرن کي نہ رڳو وڌيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محسوس ڪندا آهن، پر انهن روئدادن ۽ واقعن ۾ ملوث ٿيندڙ ڪردارن جي نفسيات، رهڻي ڪهڻي، سياءَ، ٻولي ۽ ماحول ڪان بہ وسيع معلومات حاصل ڪرڻ جا عادي هوندا آهن. پلي جان اهي روئدادون ۽ عام واقعا گهڻ اهميت وارا ۽ ڇرڪائيندڙ نہ بہ هوندا آهن پر اهي قلمڪار جن لاءِ مٿي چئي آيا آهيون تہ هو ٻين کان وڌيڪ حساس آهن، اهي عام ماڻهن جي اهڙن واقعن کي ڏسي ۽ متاثر ٿيڻ کان ڪيئي دفعا وڌيڪ متاثر ٿيندا آهن. ان حالت ۾ هو انهن روئدادن/ واقعن ۾ ڪم ايندڙ ڪردارن جي انهن مخصوص عملن تي بہ گهوڙهي نظر رکندا آهن. جيڪي عملن منهن مهاندا ۽ سياءَ ان وقت انهن ڪردارن مان فطري اپڙاڪ ڪائي ٻاهر نڪرندا آهن ۽ درد کي، خوشيءَ کي تمام تيز اثر وارو ڪري پيش ڪندا آهن. جن ۾ لفظن جو استعمال (use of words) گهڻ پر عمل (هڪ مخصوص انداز) منجهان هڪ مخصوص اثر جي شدت سان اظهار ٿيندو آهي. انهن عملن کي لفظن جي پوش ۾ سميڙي پنهنجي فن جي وضاحت ۾ ڪم آڻي ۽ انهن جي تاريخي شدت جو فائدو وٺندي، ان نظاري، وارداتن جي اثرن جي شدت ۾ بي انت اضافو پيدا ڪندا آهن. ڇو تہ انهن مخصوص عملن لاءِ جيڪي لفظ مخصوص ڪيل هوندا آهن، تن کي هڪ وڏو تاريخي پس منظر هوندو آهي، جن جي صحيح جڳهہ ۽ صحيح وقت استعمال ڪندي ۽ روئداد/ واقعي جي پيش ڪش ۾ بي انتها شدت وارو احساس اڀاري وٺندا آهن. صدين جي تسلسل مان جڙندڙ انهن لفظن ۾ جيڪا ثقافتي ۽ تهذيبي چڪ ماڻهن جي رت ست ۾ مليل هوندي، سا انهن لفظن جي ان وقتائتي استعمال ڪري پڙندڙ/ پڙهندڙن جي من کي قابو ڪري وٺندي آهي ۽ انهن جي لونءَ ڪانڊارائي ڇڏيندي آهي.

اصل ۾ انسانذات ۾ جيڪو خيال جڙي ٿو اهو هن جي شعور کي جنم ڏي ٿو ۽ پوءِ انسان جي من ۾ جڙندڙ انهن وارتائن ۾ اظهار ڪرڻ جي تڙپ جاڳي ٿي. ان اظهار لاءِ ٻولي درڪار آهي، لفظن جي درڪار آهي. جن جي سهڪار سان انهن جذبن جو بيان ڪري ۽ ماڻهو پنهنجي اندر جي اُڌمن، جذبن ۽ احساسن کي اظهار ڪري، من



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لفظن جي اظهار ڪرڻ ۾ ڪوٺ وقت ماڻهو پنهنجو مقصد واضع ڪرڻ لاءِ وري بہ انهن ڪي اشاري طور استعمال ٿيندڙ اظهاري ذريعن جو سهارو وٺندا رهيا تہ انهن ذريعن اجا بہ وڌيڪ اهميت ماڻي ۽ گويا ماڻهن جي نفسيات جڙڻ جي تاڃي پيٽي جو اهم حصو بنجي پيا.

وري ٻولين جي ترقيءَ وٺڻ سان انهن پراڻن اظهار جي ذريعن جي جيتوڻيڪ انساني استعمال مان ڪنهن حد تائين نيڪالي بہ ٿي وئي پر جيترين صديون ۽ سال انهن (پراڻن اظهار واري ذريعن) انسانن جي احساسن جي اظهار جي ذريعي طور انسانن مٿان حڪمراني ڪئي. سندن اهم ڪارج اداڪيو. ڪم از ڪم ايترين صديون ۽ زمانا گهرجن جو انهن کي مڪمل نيڪالي ڏئي ۽ اڄ جي نون اظهاري ذريعن کي انهن جي مڪمل جاءِ ڏين.

اڄ نہ رڳو ٻولين جي ترقي عروج تي آهي، ڇو تہ سماج جڙي چڪا آهن. تجربن مان گذري چڪا آهن، نت نوان تجربا ۽ ترقيون ٿينديون ٿينديون ٻوليون الفاظن جي لحاظ کان بيحد شاهوڪار بنجي چڪيون آهن. انهن کي صورتخطيون ملي چڪيون آهن. اظهارن جا رڪارڊ ذهنن ۾ قيد ٿيڻ بجاءِ ڪاغذ تي لکي سگهجن ٿا. پر پوءِ بہ انسانن کان پنهنجا اهي ماضيءَ جا ساٿي اظهاري طريقا اجا بہ مڪمل طور تي وسري ناهن ويا ۽ اڄ بہ انسان باوجود زبانن، ٻولين جي، ان معجزانہ ترقيءَ جي جتي انهن پراڻن اظهار وارن رستن ذريعي پنهنجي احساسن ۽ جذبن جو مڪمل اظهار ڪري سگهن ٿا. تتي نونم ترقي يافتہ (لفظن) صورتخطين ۽ رڪارڊ جي حوالي سان، ذريعن ۾ هنن کان نہ ٿا ادا ٿي سگهن. شايد جو اڄ تائين، بلڪل هاڻ بہ ماڻهو پنهنجون جذباتي ڳالهيون (خوشيءَ جون توڙي غميءَ جون) ٻولين رستي ڪندي ڪندي آخرڪار انهن پراڻن اظهاري طور طريقن جو نالي ماتر ئي سهي پر استعمال جهمريون هڻندي يا سينا ڪوبي ڪندي ضرور ڪن ٿا.

تہ پوءِ انهن واقعن ۽ ورڏاتن کي انهن انساني ڪيفيتن کي اظهاريندڙ اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ دانشورن جي قابليت جي پرک جو معيار بہ تہ ان مطابق ۽ اهڙو ئي هئڻ گهرجي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو جذهن بہ ڪا وارداتون يا واقعو بيان قلمبند ڪن (ڪنهن بہ نثري ۽ شاعراڻي صنف ۾) تہ ان جي جذبن جي پوري عڪاسي ڪرڻ خاطر. انهن واقعن ۽ وارداتن ۾ ڪم ايندڙ ڪردارن جا ہيا انيڪ جديد اظهاري وسيلن سان ڪيل اظهار ڏيکاريندي ڏيکاريندي. انهن جي پورنتا. شديد اظهاريت. مڪمل اظهاريت لاءِ ان وقت ڪم آندل انهن ڪلاسيڪي اظهاري عملن جو بہ ذڪر ڪندو هلي. جنهن سان پڙهندڙ پڙهندڙ جيڪو ان سماجي ارتقائي عمل رستي ترقي ڪري هتي پهتو آهي. جنهن ڪي بہ اهي اوائلي ڪلاسيڪي اظهار جا اشاراتي طور طريقا شعوري طور نہ تہ بہ غير شعوري طور ذهنن ۾ گهر ڪيو ويٺا آهن ۽ اوترائي عزيز آهن. تن اڳيان جڏهن توهان گذري ويل منظرن مادي توڙي جوهري جي لحاظ کان ۽ اصلوڪين ڪيفيتن طاري ڪرائي وجڻ جي حد تائين لفظن رستي قلم بند ڪري آڻڻ چاهيو ٿا تہ انهن کي بہ اگر ان ساڳيءَ اصولوڪيءَ (Original) جي لحاظ سان ان واقعي جي گذري وڃڻ ڪانپوءِ پڙهندڙ يا پڙهندڙ تي اگر ان جو اوترو ئي اثر طاري ڪرائڻو آهي. جيترو ان کي اڪئين ڏسندي شاعر. اديب. خود پاڻ محسوس ڪيو هو تہ پوءِ ان ليکڪ تي لازم آهي تہ لفظن جي جادوءَ سان گڏ انهن ڪلاسيڪي اظهاري طور طريقن جو ان وقت انهن واقعن جي ڪردارن جيترو استعمال ڪيو هو اوترو پنهنجي لکڻ ۾ ڏئي تہ جيئن اهو واقعو دستاويزي حيثيت کان مٿي اچي اصليت (Original) جي قريب ترين اچي وڃي.

هاڻي تخليقي لکڻين. فن جي باري ۾ ۽ فنڪار. ليکڪ ۽ شاعر جي باري ۾ راءِ قائم ڪرڻ ۾ نہ رڳو ٻوليءَ جي حسناڪي. ٻوليءَ جي ۽ لفظن جي صحيح تز چونڊ. ان جي استعمال جي صحيح طريقي کي نظر ۾ رکڻو پوندو پر اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ ان ڪردارن جي ادا ڪيل رول ۾ انهن طرفان ان وقت ڪهڙا ممڪن ڪلاسيڪي اظهاري زاويہ ڪم آندا هوندا تہ جيئن انهن سندن (انهن ڪردارن جي) جذبي جي ادائگي اصلوڪي (Original) صورت ۾ اچي سگهي آهي.

پر جيئن تہ ٻولين جي ترقين سبب. مشاهدن جي ڪميءَ سبب ۽ ان وارتا ۾ گهرو نہ پيهي وڃڻ جي ڪوتاهي سبب: اهو ڪم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. يا ائين ڪٿي چئجي ته سڀ ڪنهن جي وس جو نه رهيو آهي ته سماجي وارتائن ۽ واقعن سان شاعر، ليکڪ، سوچيندڙ انهن عملن کي به محسوس ڪري ۽ لفظن ۾ ئي صحيح جڳهه تي اظهاري ذريعن ۾ جوڳي جڳهه ڏئي سگهي. ڏسڻ لاءِ اکيون، ٻڌڻ لاءِ ڪن، ڇهڻ لاءِ چمڙي. سنگهڻ لاءِ نڪ ۽ ڳالهائڻ لاءِ زبان ته هر ڪنهن کي آهي پر ان ۾ هر ڪنهن رستي سان هر ڪنهن ماڻهوءَ جي محسوسات ۾ پوءِ به هڪجهڙائي نه آهي. ڪي ماڻهو سرپاٽ مان به سمجهي وڃن ته ڪن ته اڳيان واڪا ڪرڻ کان پوءِ به پڪ ناهي ته انهن سرپاٽ مان سمجهندڙن جي ڪنهن حصي جيترو به اثر وٺي سگهيا هوندا. ڪي گندگين اڳيان گذريو وڃن ته نڪ تي رومال به ڏيڻو نه پوي ڪي پري کان موٽيو وڃن ته اتان ڪيئن گذري سگهبو! اها بدبوءِ سهڻ کان وڌي آهي. ڪي ماڻهو هڙان وڙان خرچ ڪري، تڪليفون ڪاٽي به، باغ، گل، ٻوٽا ۽ نظارا ڏسڻ لاءِ سفر ڪري به اتي پهچندا آهن ۽ موسمن آهر مزاج رکندا آهن. پر ڪن جي اڳيان گلاب، رابيل ۽ موتئي جا گل هڪ جنس جي ارتقائي عمل جي هڪ سطح (State of production) کان وڌيڪ تر جيتري به اهميت نه رکندا آهن. انهيءَ جذبي کي سمجهڻ جي تيزي، قوت ۽ صلاحيت لاءِ به سوچون آهن: هڪ ته ان مطابق جهڙو ماحول مليو هوندو، اهڙو ان ماحول ۾ رهندڙن جو رَوَيو هوندو ته ٻي سوچ اِها آهي ته اهو ورثي ۾ مليل هوندو آهي ته مختلف قومن، ذاتين، پاڙن وغيره ۾ رهندڙ ۽ مختلف قبيلن جي فردن جون جيڪڏهن پاڻ ۾ شاديون ڪيون آهن ته انهن پيدوار ڪندڙ نسلن ۾، مختلف نسلن جي "جينن" (Genes) يعني پيدائشي ذريعن جي جڏن جو جيڪو اندروني باهمي عمل ۽ ردعمل ٿيندو آهي. ان مان ان محسوسات جي تيزيءَ واري خاصيت (HYBRID VIGOUR) ڪڏهن ڪنهن پيدا ٿيل فرد ۾ انتها تي پهتل هوندي آهي، جن کي عرف عام ۾ اسين تاريخي شخصيتون سڏيندا آهيون. انهن تي ڇسن ماحولن جو به ڪو اثر نه پوندو آهي. ان راءِ لاءِ انسائڪلوپيڊيا برٽينڪا (Encyclopedia Britannica) جي واليوم "H" جي ۽ (Humanity and Human Behavior) واري چيپٽر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صفحي نمبر 49 - 1148 تي هيئن لکيل آهي:

"Major independant studies occurred on it are showing that the spatial intelligent behavior (verbal ability special infelligence and word fluently) have strong genetic dependence. In are sophisticated study numerical ability also was found to be significantly heritable.

ان تي تمام گهڻو سائنسي ڪم ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ تز جائزي مان اهو نتيجو اخذ ٿيو آهي تہ: هوشياري، سمجهداريءَ وارو ورتاءُ (ڳالهائڻ جي خاصيت جي حساب سان، خاص قسم جي زوردار سمجهداريءَ جي حساب سان ۽ لفظن جي استعمال واريءَ بي ساخته خاصيت جي لحاظ کان) ماحول واري ذريعي کان، ان جو وراثتي يا وارثيءَ واري ذريعي تي وڌيڪ مضبوط انحصار آهي.

ان جو مطلب تہ اڄ بہ اسان وٽ فن جي مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙن وٽ اهڙو سياءُ ۽ مزاج ضرور هوندو پر ان ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ پوءِ بہ ائين ضروري آهي، جيئن پلي ڪڙم واري اُٺ کي راڻي مينڌري ياد ڏياريو تہ تون ڪڙم کان مليل چڱاين، ڀلاين وارين وصفن کي وساري ڇو ويٺو آهين! هڪ دفعو وري انهيءَ طرف موٽي آءُ ۽ پنهنجي ڪڙم جي عظمت کي، وري نئين سر عظمت جي اوچائيءَ تي اچي پهچاءِ:

"ڪرها ڪُر سڃاڻ، پيڪاٽو ۽ پنهنجو
اصل آهہ اوهان جو ناليرو نڏاڻ،
ڪرها اسان ساڻ،ڪي چانگا ڪج چڱائيون."

ان جي مصداق اسان اڄ ڀِٽائي صاحب جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ان وصف جو اپٽار ڀن مقصدن سان ڪرڻ چاهيون ٿا: پهريون تہ جيئن ڀِٽائيءَ جي شاعراڻي عظمت جو پهلو بہ معلوم ڪري سگهون ۽ ڏسئون هُنَ اِن ڏس ۾ پاڻ ڪيترو موڪيو آهي. ٻيو اهو تہ اسان جا اڄ ۽ سڀاڻي جا شاعر پنهنجو پاڻ ۾ موجود انهن وصفن ۽ خاصيتن کي ڪم آڻي، سنڌي، کي اهڙي شاعري ڏين، جنهن لاءِ لطيف چيو آهي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”وکر سو وِهاءِ، جو پئي پراٺو نہ ٿئي،
ويچينديِ ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضياءِ،
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهہ جنهن جي اُڀين.“

يا

”اڻ ڪهي عيان نہ ٿي، ڪهي پڇاڻي ڪو نہ،
سچي جهڙي سونَ، منهن نہ چڙهي ماٺهين.“

”پئي پراٺو نہ ٿيڻ وارو وکر“ يا ”سون جهڙو چٽو سچ“ ڏئي سگهجي تہ ڏجي ورنہ محظ شاعرن جي قطار ۾ پنهنجي نالي جو اجايو سجايو اضافو ڪرڻ مان ڇا فائدو؟

ان روشنيءَ ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام جو تفصيلي مطالعو ڪتاب جوڙڻ جي تقاضا ڪندو. پر جيئن اَن جي ذرن جي پرک لاءِ انهن منجهان جنس طور ٿورو اَنُ کڻي ۽ مثال طور ڏيکاري ۽ سموري اَنَ جي خاصيت سمجهي وٺبي آهي. ان طرح اسين بہ هتي اهڙا چند مثال ڏئي پڙهندڙن لاءِ راهہ هموار ڪندا سون تہ هو وري پاڻ خود وڃي ۽ ان نڪتہ نگاهہ کان شاهہ صاحب جي شاعريءَ جو نئين سر مطالعو ڪري ڏسن ۽ شاعرانا معيار ۽ حيثيت بہ معلوم محسوس ڪري سگهن. مثال طور:

”جي تو سڪڻ سکيو تہ ڪاتيءَ پئي نہ ڪِنجهہ،
سپريان جي سونهن جو ماڻهن ڏجي نہ منجهہ،
اندر ايءَ اهنج، سانڍج سُڪائون ڪري“

ڪاتيءَ پئي نہ ڪنجهہ معنيٰ اِهي گهٽيل دانهون ”اُون“، ”هُون“ وغيره نہ ڪر، انهن مڙني جي هوئڻ تہ ڪا معنيٰ ناهي. پر اهي ڇٽبا ان وقت آهن، جڏهن درد جَهلَ نہ ڏيندو آهي ۽ لفظ انهن کي اظهارجڻ ۾ ساٿ نہ ڏيندا آهن تہ پوءِ اهي گهٽيل دانهون ۽ سڏڪا ڪري، ان درد کي ائين اظهارڻو پوندو آهي. ان ڪري اهو ڪنجهڻ جو لفظ اچڻ سان، اسان جا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ پائر ڪردار جي ڪرب کان بلڪل واقف ٿي ويندا، پوءِ باقي مواد جو مٿانئن جوڳو اثر پوندو

”ووءِ ووءِ ڪندي وَتُ، متان ووءِ وسارئين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رندن مٿي رت، هار تہ پھچين ھوت ڪي."

ان بيت ۾ ڪم آيل "ووءِ ووءِ ڪندي وت، متان ووءِ وسارئين" وارن لفظن ۾ بذات خود ڪو بہ مفهوم يا درد جو اظهار رٿيل نہ آهي. پر اسين جنھن سماج ۾ رهون ٿا، ان ۾ ڪو ڪردار "ووءِ ووءِ" ڪيڏي نہ درد جو اظهار طور، گهربل ڪردار ڪي ووڙينديءَ استعمال ڪندو آهي تہ اِها "ووءِ ووءِ" من هُنَن جي ڪن تي پئي ۽ مون ڪي ملي پون. جڏهن تہ پڙهندڙ ٻڌندڙن ڪردار جي اها ڪيفيت خود ڏٺي آهي. تہ فورن سندن اڳيان هن زير بحث ڪردار جي مورت اکين اڳيان اچي ويندي. ان تصوراتي مورت ڪي خيالن ۾ سمائي پوءِ ان ڪردار جي حالت تي سوچيندا تہ سندن بہ ڪچ ڳري پوندا. اهو اهڙو ڪو ٻيو تاثر انهن لفظن ڪي ڪم آڻڻ سواءِ قطعي پيدا نہ ڪري سگهي ها. تہ هو انهن جذباتي منظرن ڪي وري جياري، ٻين تائين پهچائڻ لاءِ ضروري بہ آهي تہ ان وقت ٽيندڙ ڪردار جي سياءَ، منهن مهانڊي شُوڪاري پرڻ سان"ووءِ، ووءِ" ڪرڻ جو عمل ڪرائي ۽ ڪردار جي ان وقت ٽيندڙ اصل ڪيفيت (Original behavior) سامهون آڻي پوندي. جيڪا قاريءَ جي ذهن تي ڪردار جو ڪَرِبُ جيئڻ جو ٽيئن ظاهر ڪندي. اهڙيءَ طرح:

"وارو، ور وٺي ويا، ڪري ڪميني ڪيئن،
هاٽي گهرجي هيئن، تہ ڪجي بس پنيور ڪان.

ان ۾ "وارو" لفظ هڪ عمل آهي. ور نہ "وارو" لفظن جو ڪو بہ مطلب نہ آهي. پر جيڪڏهن ڪردار ڪان ڪو پنھنجو پيارو شخص بلڪل تازو ان محل جدا ٿي پيو هوندو آهي تہ اُهو هرهر ۾ ٻي ڪا بہ ڳالھ سمجھ ۾ نہ ايندي اٿس تہ "وارو ڙي وارو" ڪندو آهي. معنيٰ تہ جلدي ڪريو منهنجي مدد ڪريو ورنہ تہ آءٌ تباھ پئي ٿيان. ان وقت ڪردار جي ٽيندڙ ڪيفيت پڙهندڙ ٻڌندڙ اڳيان اچي پوندي تہ بيت جو سڄو مواد اثرائتو ٿي پوندو ۽ ان ڪردار جي بلڪل واضع نموني سان عڪاسي ٿي ويندي.

"وارو وڃني ٿا، سيڻ تنهنجا سسئي
هيڙا هاروچا، ڪين لهندين ڪي ٻيا."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪو منهنجي نظر ۾ پلو هُئين، پر اوئين ڪين نڪتين“ ان پس منظر ۾ بيت پڙهبو تہ پوري پوري آگاهي ڏيندو. ان لاءِ ان معاشرتي ۽ سماجي سيٽ اپ (Setup) ۾ رهندڙ ماڻهو ان ڪردار جي ٿيندڙ حالت کان بلڪل واضع /آگاهہ ٿي ويندو. ان ڪري بيت جو مفهوم وڌيڪ اثرائتو ٿي پوندو.

”ڪائر پين ڪيرَ، جي امانت اتي وجي.“

جڏهن بہ ڪنهن جو ننگ يا نياڻي ڪجي ويندي آهي تہ ان قبيلي جا مرد پڳ پٽڻ ڇڏي ڏيندا هئا. ۽ مڙوئي پاتي تيستائين ڪير پيئڻ حرام سمجهندا آهن. جيستائين اها موٽائين نہ ۽ پلاند نہ ڪن. ان سمجهڻ کان پوءِ بيت جي مٿين سٽ سمجهہ ۾ ايندي

”عمر بادشاهہ ڪي مارئي چوي ٿي تہ منجها مارو تڏهن ڪير پيئندا، جڏهن آءَ پنهنجو سَتُ ۽ سِيلُ بچائي ۽ انهن وٽ پهچنديس.

”هڪ ڊر تتي ماءِ، پيو جَرَ سندي سجڻئين،
ڊَڪي ۽ واجهاءِ، پـن جـراتـن وچ ۾“

ان بيت ۾ ٻن مجبورين ۾ ڦاسجندڙ ڪردار جي شش و پنج واري حالت بيان ڪئي اٿس. ”ڊڪي ۽ واجهاءِ“ معنيٰ تہ هيڏانهن هوڏانهن بي ترتيب ڊڪي بہ ٿي تہ واجهائي بہ ٿي، ۽ نہ ٿي سمجهي ٿي تہ ڇا ڪري! ان ڪيفيت ۾ آٽي ۽ ڪردار جي ان وقت ٻنجندڙ طبعي حالت (physical status) جو عڪس آڏو اچيو وڃي ٿو ڇو تہ اڄي زندگيءَ ۾ مختلف هنڌن تي ڪردارن جون ٿيندڙ اهڙيون حالتون خود ڏٺيون ويون هونديون. ان ڪري ان ڪردار جي حالت کان جيڪا واقفيت ٿي ويندي ( خيالن ئي خيالن ۾ ان ڪردار جو تصور اکين اڳيان اچي ويندو). ان مان ڪردار جي ان وقت ٻنجندڙ ڪيفيت بلڪل ذهن تي تري ايندي تہ بيت جي معنيٰ آسان جاذب ۽ اثرائتي ٿي ويندي.

”هٺ هٺ وهي هاءِ، من ۾ محبوبن جي“

اتي ”هٺ_هٺ“. جي ٻي ڪا بہ معنيٰ ناهي، پر پرينءَ کان پري رهندڙ ڪردرا جي سڪ ۾ جيڪا صورتحال وڃي بيهندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾ ”هڏ هڏ يا مئيس“ چوندي آهي سا اگر ذهن تي تري ايندي تہ ڪردار جي ان وقت ٻڌجندڙ ڪيفيت چٽي ٿي بيهندي. انهيءَ صورت ۾ بيت جو ٻيو سارو مواد يا بيان دل ۾ پيهي ويندو.

”هاريا ويچ مياس، سُڏِ نہ لهنم سور جي،
پرينءَ کي چونڊياس، تہ ترس تبيبن ڇڏيو.

اتي بہ هاريا لفظ هڏ هڏ. جيان ڪنهن بي ترس ڪردار سان مخاطب ٿيڻ وقت استعمال ٿيندو آهي ۽ ان ڪردار جي صحيح پهي عڪاسي ڪندو آهي، جيڪا ان ڪردار جي انهن لفظن اچارڻ مهل ٿيندي آهي. ان وري سرجڻ سان باقي بيت جو اثر دوبالا ٿي پوي ٿو.

”ڪانيارا ڪٽڪن، جنين لوهہ لڱن ۾“

”ڪٽڪڻ“ ۽ ڪنجهڻ هڪ بنا آواز ڪرڻ جي آواز ڪڍبو آهي، جيڪو گهَٽَ اندر ڪنهن گهاءَ درد، سور ۽ ڪرب جو اظهار ڪندو آهي، آواز سور منجهان نڪرندو آهي ” آ آ“ يا ”اُون اُون“ واري نموني سان. پر ان ڪڇڻ پڇڻ يا ڳالهائڻ (لفظن جو استعمال) نہ ٿيندو آهي. باقي ان مخصوص ڪيفيت منجهان درد ۽ ڪرب جو شدت سان احساس اڀرندو آهي تہ جن کي لڱن ۾ لوهہ لڳل هوندا انهن جو حال هئڙو.ٿي ويندو.

اڄ پڻ ڪهڙي دانهن واڍوڙ ڪي منَهين“

وڍيندڙن ۽ ڪپيندڙن جي دواري اڄ بہ ڪائي دانهن اڀري آهي، خبر ناهي تہ اڄ بہ انهن ڪنهن کي ڪپيو آهي. ”دانهن“ کي هوئڻ تہ ڪٿي معنيٰ نہ بہ ڏئي سگهجي. پر اهو هڪ آواز جو نالو آهي، جيڪو لفظن ۾ بيان نہ ٿي سگهجندڙ درد جي اظهار طور ڪردار کان بي ساختہ نڪري ويندو آهي ۽ ان ڪردار جي سورائتي ڪيفيت بيان ڪندو آهي.

”سڳبان سينڌاريا، ٻچيا تي ٻهن“

”سڳبان“ معنيٰ ڪتاڏاريندڙ يا شڪاري، ”سينڌاريا“ يعني تہ سينڌ وڄائي انهن جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪيائين ۽ پوءِ ”ٻڇيا“ معنيٰ حملو ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنائين. يعني تہ ڪتن کي سينڌ ذريعي سڏ ڪري اڳيان ڪنهن جانور تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنائين تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واريءَ جڳهه تي جڻ ته ڪا نه هوندي آهي، پر هَلي ويندڙ ڪردار سان خيالن ئي خيالن ۾ ايتري ته گم ٿي ويندي آهي جو ان جو اندازو ڪرڻ لاءِ ائين ئي چوڻو پوندو ته جنهن جي هوءَ (دل) اصل ۾ ان وٽان جهڙو ڪر پڙڪو کائي ويندڙ وٽ رسي ويئي آهي. ته ان صورتحال کي واضع ڪري، ان روئداد جي بيان ڪرڻ کان پوءِ باقي لفظن ۾ سڪت ڪانهي اهو حق ادا ڪري سگهن ته پوءِ ان ڪردار واري ڪيفيت کي پيهر جنم وٺي ۽ ان منجهان اهو تاثر حاصل ڪرڻو پوي ٿو. جنهن کان ذهن (پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ) مڪمل روئداد کان واقف ۽ متاثر ٿي ويندو.

"راڻي رڻ ڪيو جيڏيون منهنجي جيءَ سين،
هن ميندري ويئو ڏبي ڏَڙُ پيو.
ٻجهان پهر وَيو هينئڙو هند نه هيڪڙي."

اتي لفظ "رڻ ڪرڻ" جو هوڻئن ته بظاهر اتي ڪم اچڻ جو ڪو به ضرور نظر نه ٿو اچي، جو ذڪر ميندري جي رسمي وڃڻ جو آهي، جيڪو قصو ڪاڪ سان لاڳاپيل هو پر راڻي واري قصي ۾ هوڻئن ته رڻ پٽ جو ذڪر اچڻ جو نه ڪو ضرور هئو نه ئي ان ۾ رڻ پٽ جو ڪو ڪردار ئي هو. اسان وٽ اقتصادي طور تي جڏهن موجود ڪئنالن وارو آبپاشيءَ جو نظام موجود نه هوندو هو تڏهن سنڌوندي پنهنجي مرضيءَ سان وَهندي هئي، تنهن ڪري آباديءَ وارين زمينن بجاءِ وٽندو هوس ته ٻيلا پوڙندي وتندي هئي ۽ وهڪري جا پيٽ (گس ۽ چالا) به متائينديءَ رهندي هئي ته ان دؤر ۾ آباد زمينون به رڻ بنجي وينديون هيون جيتوڻيڪ مينهن برساتون جهجهيون پونديون هيون پر ان تي به اعتبار گهٽ هوندو هو ته ڪنهن سال وسن ۽ ڪنهن سال نه وسن. پر جنهن سال وسن تنهن سال به ڪٿي وس ڪٿي نه وسن. جتي وسي اُتي به پوري هند تي وسن ته ڪڏهن ٻي هند وسن. سو ملڪ جي آباديءَ واريون زميون ۽ وسنديون انهن سوڪهڙن سببان رڻ پٽ بنجيو پونديون هيون. جنهن سبب نقل مڪاني ڪرڻ وسندين ڏانهن وڃڻو پوندو ته غربت جي چڪي ۾ به پيسجڻ پوندو هو ته وري پيارن جون هڪ ٻئي سان دوريون به ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندين هيون. انهن ڳالهين ان دؤر ڪان انساني نفسيات تي ايڏو اثر ڇڏيو جو ماڻهن وٽ وڏ ڪان وڏ مصيبت جو ۽ ڏکئي ڪان ڏکئي مسئلي کي هڪ لفظ "رڻ تي ويو" سان ادا ڪيو ويندو هو. ان ڪري راڻي جي، مومل ڪان رسامي کي شاهه صاحب انهن لفظن سان بيان ڪري ٿو تہ "جيڏيون منهنجي جيءَ سين راڻي رڻ ڪيو

"مَر ڪي روءِ، مَر رڙڪي، مَر ڪي ڪردانهون.
ستي لوڪ لطيف چئي، ہئي ڪٽج ہانهون،
لڏ ئي جت لائون، سو ڏيهہ پسنديںءَ مارئي."

"ستي لوڪ لطيف چئي ہئي ڪٽج ہانهون" عمر جي قيد ۾ رهندي، ڀٽائي صاحب ان قيدياڻيءَ "مارئي" کي صلاح ڏئي ٿو تہ انهن رڙين، ڪُوڪن، دانهن ۽ روئڻ مان ڪين ورندو. پر جڏهن هي لوڪ ننڊ ۾ هجي يعني آڌي رات جو اٿي ہئي ہانهون مٿي ڪٽي ۽ خداءِ تعاليٰ ڪان دعا گهر تہ اهو تنهنجي جان ان مصيبت مان ڇڏائي. هاڻي چاهي تہ مٿي هٿ ڪڻڻ ڪان سواءِ، ہانهن ہڌڻ ڪان سواءِ يا ہُڪ جهلڻ ڪان سواءِ خدا نہ ہڌندو ڇا؟! جو ہانهون مٿي ڪڻڻ جو تاڪيد پيو ڪريس. پر در اصل جڏهن خيال جو ايڏو پرواز ۽ ٻوليءَ جي لفظن جو جڙاءِ يا اجراع (وجود ۾ اچڻ) نہ هو تڏهن انهيءَ رستي دعائون گهريون ويندين هيون ۽ جذبن جو اظهار ڪيو ويندو هو سو اڄ ڏينهن تائين ان حوالي سان ذات کي (پاڻ کي) مطمئن ڪرڻ خاطر هلندو ٿو اچي. توڙي جو خيالن، ويچارن ۽ سوچ ۾ هڪ وسيع ترقي بہ ٿئي آهي ۽ ٻولين ۾ لفظن جا ذخيرا بہ وڌيا آهن. جن رستي هاڻ جيتوڻيڪ سڀ ڪجهہ آسانيءَ سان اظهاري بہ سگهجي ٿو. اهو سمجهڻ جي باوجود بہ ڪنهن دؤر ڪنهن مسئلي يا احساس کي "ٻوليءَ رستي اظهاريندي بہ تيسين انسان مطمئن نہ ٿو ٿئي، جيسين هو انهن عملن مان ڪنهن بہ هڪ کي ملائي "وارو وارو" ووءِ ووءِ "وَرَ ڪُجنڻ" "هيڏانهن هوڏانهن جهاتيون پائڻ" "هٿ ڪڻڻ" ۽ "هڪلون ڪرڻ" وغيره. تہ ان لحاظ ڪان مارئيءَ کي عمر جي قيد ۾ ماروئڙن لاءِ جيڪو الڪو لڳو پيو آهي ۽ ملاقات لاءِ جيڪا سِڪ، ڇڪ، اُڪير ۽ انتظاري آهي. ان کي "ستي لوڪ لطيف چئي ہئي ڪٽج ہانهون" چئي پورو ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ڪڪا اُٺ ڪيچين جا، ڪارا ڄنين ڪوڙا،
جن کي ڪن ڪپار ۾، پڌن ڏکين ٻوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، مون کان لڪيون سڀ لنگهي ويا.

ان بيت ۾ لفظن جي سونهن، خوبصورتي، عام فهمي ۽ معصوميت سان درد جي پيش ڪش جي بهترين ادائگي ٿي وئي آهي. پر پوءِ بہ ڪردار جي تڙپ جو صحيح اندازو ۽ پتو تڏهن پئي ٿو جڏهن ان ڪردار واتان "گهوڙا ڙي گهوڙا" چورائي ٿو.

"ان گهوڙا ڙي گهوڙا" واريءَ ڳالهہ جي اصليت کي پاسي تي رکندي، ايئن چئي سگهون ٿا تہ اهو جملو اڄ ڪلهہ ڪنهن ڪردار جي لاچارگيءَ ۽ ڦرجڻ کان پوءِ بيوسيءَ واريءَ ڪيفيت جي مڪمل نمائندگي ڪندڙ جملي جي حيثيت سان نثر توڙي نظم ۾ هوندي بہ عرف عام ۾ بہ سنڌي ماڻهن ڳالهہ ٻولهہ ۽ ڪچهرين ۾ بہ اهو جملو جيئن جو تيئن ڪم ايندو رهي ٿو. ان ڪري ان جملي جي اچارڻ توڙي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان ان ڪردار جي اصلي (Original) هوبهو شڪل منظر تي اچي وڃي ٿي ۽ بيت جي اثر ۾ بي انتها وسعت اچيو تي وڃي.

ان قسم جي تفصيلي ڪوجنا ڪبي تہ اُها هڪ مڪمل ٽيسز ٿيندي ۽ جيڪڏهن ان ۾ شاهہ صاحب جي شاعريءَ جي ان پاسي جي حساب سان سنڌس همعصر هندي، سرائيڪي، عربي، فارسيءَ ۽ انگريزي ٻوليءَ جي، ان حيثيت جي شاعرن سان ڀيٽ ڪجي تہ ان کان پوءِ سنڌس تصور ڪرڻ جي تيزيءَ، انوکي مشاهدي جي قوت ۽ بيان ڪرڻ جي شدت تي ڪيتري نہ دسترس (Command) آهي ۽ هو مشاهدي ۾ ڪيترو نہ تيز ۽ تُزُ (Acute imagination) آهي. وڌيڪ واضح ٿي ويندو. اسان جي محققن کي ان ڏس ۾ قلم کڻڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڪوهياريءَ ۾ ڏک جو فلسفو

"ڪوه" لفظ جي معنيٰ آهي جبل. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي سُر جابلو ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي تي رچيل آهي. هن سُر ۾ سسئي جي ڏونگر ڏورڻ، ٽڪر ٽاڪڻ ۽ پهاڙن جي پنڌ جو بيان ۽ ڏونگر جي ڏاکڙن جو احوال ڏنل آهي. انهيءَ لحاظ کان، اهو نالو مٺس رکيو ويو ٿو ڏسجي.

ڏونگر جا ڏاکڙا ۽ تڪليفون سهڻ، جهڙي تهڙي ماڻهو جي وس جي ڳالهہ ڪانهي. اها سسئي پُناءُ جي سُر جي سورمي هئي، جيڪا عورت ذات هوندي بہ ڏونگر جي ڏاڍاين سان اڪيلي سِر مقابلو ڪندي رهي.

مُنڌ نہ منجهان تن، پسي لَڪ لُڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سڪي سسئي.
(معذوري)

❊

سُڪئين ٿئي نہ سُنري ڏکين تان نہ ڏري،
(سسئي آبري)

❊

سسئي لنگهيو سو مرد جنهن مات ڪئا،
جبل وڏو جو نُوڻ مڙيئي نينهن ڪي
(ديسي)

هيٺي ۽ هيسيل عورت، مردن کان بہ اڳيان نڪري، موت جي منهن ۾ پاڻ ڪي چو اڇليو؟ ڏاگهن، ڏيرن ۽ ڏونگرن جا ڏک سٺا؟ اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، ”هوت، پنهون“ ۽ ”سنڌس صحبت جو اثر“.

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک،
سي سڀ پانيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.
(ديسي)

هتي هوت پنهون، جيڪو اُهڃاڻ آهي، اصل ماڳ ۽ مقصد جو. اها منزل ڏکن ۽ تڪليفن کان سواءِ ملي سگهي، اهو ممڪن نہ آهي جڏهن ڪو بہ اڻموٽ انسان، جدوجهد جي ميدان ۾ اڳيان نڪري ٿو تہ ڏک ۽ تڪيلفون سندس راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي پون ٿيون. لطيف سائين اسان کي سسئي جي روپ ۾ هڪ اهڙو ڪردار ڏنو آهي، جيڪو اهي سموريون تڪليفون برداشت ڪري، پنهون (اصل ۾ مقصد) جي حاصلات لاءِ ڪوششون ڪري ٿو.

ڏک ۽ درد وارو، نہ رڳو لطيف وٽ پر عالمي ادب ۾ بہ وڏو مقدار موجود آهي. اهي جذبا شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف انداز سان چٽيا آهن؟ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ان سوال جو جواب ڏيندي لکي ٿو تہ ”ڏک ۽ درد جي باري ۾ فڪري نڪتا سڄي انسان ذات جي شاعري مان پڌرا آهن. هي نڪتا: موت، جنگ، بيماري، بک ۽ استحصال يا پيڙا جي باري ۾ اپاريا ويا آهن، ان ڪري سماجيات جي خيال کان، اهي شاعري جو وڏو حصو والارين ٿا.

اسان جي سماج مان، جيڪو سهپ ۽ برداشت جو مادو ختم ٿي رهيو آهي، ڀٽائي پنهنجي شاعري ۾ ان کي جيئاري ڇڏيو آهي. ”درد ۽ ڏک جي هن صليبي جذبي جي اثر کان پاڻ شاهہ بہ بچي ڪو نہ سگهيو آهي، چوي ٿو تہ، جيڪي ڏنائون، سو سر ڏيئي سهہ جندڙا“ـ توڙي جو درد جو عالمي ۽ بين الاقوامي تصور بہ ڀهريون پيرو اسان کي شاهہ وٽان مليو آهي. اڄهو هن طرح آهي.

ڏک لڳو ڏونگر ڀريو پينر! ڪاٽي پون،
مَنان لاٿو مون، سنڌو جيئڻ آسرو.

درد جو ۽ ڏک جو اهو تصور جيڪو ساري انسان ذات کي هڪڙي ئي وقت ستائي رهيو آهي، اسان کي، ايترو پڌرو هنن سٽن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان سواءِ شايد ئي ڪنهن ملي هجي. سو تہ ٺيڪ آهي پر شاهہ سائين جي ”پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي“ ۾ سهپ جو عالمي ۽ صليبي جذبو مليل ٿو. تنهن ڪري چئي سگهون ٿا تہ ڀٽائي اسان کي ڏک برداشت ڪرڻ مان سهپ ۽ برداشت جو مادو سيکاري ٿو.

ڀٽائي جي سر ”ڪوهياري“ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو پنهنجي پي ايچ ڊي واري ٿيسز ۾ لکي ٿو تہ ”عورت، جسماني طور هيٺي آهي ۽ ذهني طور اسان جي سماج ۾ پاڻ وهيٺي ڪانهي. ويتر سماج طرفان گهڙيل قاعدن ۽ اصولن کيس قيد سلاسل ۾ جڪڙيل ۽ غلام ڪان وڌيڪ مفلوج ۽ ناڪاره بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪو سراسر ناانصافي وارو عمل آهي. لطيف انهي ناانصافيءَ خلاف نہ صرف آواز اٿاريو پر هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ جنهن انسان کي ”سماج“ اپاهج سمجهي ٿو سو حقيقت ۾ ڏونگر جا ڏيل ڏڪائيندڙ ڇپر کي ڇمر بڻائيندڙ باعزم انسان آهي. هن سر مان اهو سبق ملي ٿو تہ هيٺو انسان پنهنجي عزم ۽ حوصلي سان ڏونگر جي ڏونگري کي ختم ڪري، پنهنجو تابع ڪري سگهي ٿو.

ڀٽائي ڏکن جي لڙائي ۾ لفظن کي، خيالن جي ذريعي اهڙي هٿيار طور پيش ڪري ٿو جيڪو جدوجهد وقت، حوصلو ڏارڻ ۽ بري ڪان بچاءِ ڪرڻ سيکاري ٿو ڇو تہ ڪيس حالتن سيکاري ڇڏيو هو تہ ”تاريخ جي هن ڏاڪي تائين، ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي دنيا ڏکن جي دنيا آهي. ان ڪري دنيا ۾ سڀ ڪان وڏو انساني، سماجي، زندگي بابت ڄاڻ ۽ سمجهہ جو وڏي ۾ وڏو وسيلو درد آهي. جنهن سڌي يا اڻ سڌي طرح ڏک نہ ڏٺو آهي، تنهن کي ڏکويل ماڻهن جي هن دنيا جي ڪهڙي خبر پئجي سگهندي! بقول ڀٽائيءَ ”تِن سُکِن ڪهڙي سارَ تہ وُٺا مِينهنَ ملير تي.“ روشن خيالي، ترقي پسندي ءِانقلابيت معنيٰ ماڻهن جي اڪثريت لاءِ ڏکن جي دنيا بدلائي، سکن جي دنيا ڪرڻ. جن ڏکن جي دنيا جو عذاب ئي برداشت نہ ڪيو هوندو سو ان کي بدلائڻ جي ڪهڙي ضرورت محسوس ڪندو ۽ ان تبديلي جو ڪهڙو قدر ڄاڻندو.

ڏک ۽ سک زندگيءَ جو حصو آهن. اها ڳالهہ سمجهو لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجھائڻ چاھي ٿو سندس چوڻ موجب جنھن زندگيءَ ۾ ڏکن جي ڏائڻ سان مقابلو نہ ڪيو ھوندو، اھو سکن جي سيج تي سمھڻ جي دعويٰ ڪيئن ٿو ڪري سگھي!

اجا تو منجھان، ڪک چُتي رت نڪري،
منھن ۾ محبوبن جا، ڪيئن جھليندين گھاءِ،
سو تون ڪچاڙياءِ، تو سکڻ جون سڌون ڪرين.
(يمن ڪلياڻ)

سنڌ جو لافاني شاعر، ڏکن کان سواءِ مفت ۾ مليل سکن جو سخت مخالف آھي، پر ھو اھڙن سکن کي عظيم مقصدن تان قربان ڪرڻ جو حامي آھي!

ڏک سکن جي سونھن، گھوريا سُک، ڏکن ري،
جنين جي ورونھن، سجڻ آيو مان ڳري.
(حسيني)

اڄ ڪلھ جو ھر ڪو انسان سُکن جي تلاش ۾ سرگردان ھوندو آھي پر پٽائي انھن سکن کي ڏکن تان گھوري ڇڏڻ جي ڳالھہ چو ڪئي آھي؟ ان جو بہ ھڪڙو سبب آھي. ان جي تشريح محترم رسول بخش پليجي ھڪ جملي ۾ ھن طرح ڪئي آھي "جنھن وٽ ڏک ٿورا ۽ سک گھڻا ھوندا. ان جي زندگيءَ بابت، سُرت ۽ سمجھہ ۽ ان ڏانھن رويو عام طرح صحيح ٿي نہ سگھندو. پٽائي پڻ چيو آھي تہ...

سگھن سڌ نہ سور جي، گھايل ڪيئن گھارين!

پليجو صاحب پنھنجي ڪتابڙي ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ "انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساٿ ڏکن جو ساٿ آھي جيڪو ماڻھو انسان دوست واٽ وٺندو سو جڏھن ھٿ وٺي پنھنجي پٽيءَ جي اڪثر عام سکن تان ھٿ کڻي، پنھنجي پٽيءَ جي عام ڏکن کان بہ وڌيڪ نوان ڏک سودي ٿو. اھو دنيا جو وڏي ۾ وڏو سودي جو ڪاروبار آھي، گوتم، عيسيٰ، انھيءَ ڪان بہ گھٽو اڳ ڪان وٺي اڄ تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترائي ماڻهو اهوئي ڪاروبار ڪندا. جڳ جرڪائيندا ۽ جُڳ جُڳ جيئندا رهيا آهن...

سڪن عيوض سور سودڻ وارا اهي سوداگر ئي هن ڌرتيءَ جي سوين صدين جو بهترين فصل آهن سسئي به هڪ اهڙو ڪردار هو جيڪو ازلي سڪن لاءِ ۽ ٻئي جي همدردي لاءِ پاڻ کي تڪليف ڏئي مصيبتن جي منهن مان لنگهي ته جيئڻ هڪ ڪردار مان پيا سوين هزارين ماڻهو سبق حاصل ڪري اڳيان وڌن ۽ همدردي جو هٿيار هٿ مان نه وڃائين. "ماڻهو جي ڏکن ۽ خوشين ۾ خاص ڪري ڏکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهڻ کان سواءِ هن ڌرتي تائين جو انسان. انسان دوستيءَ جو گس لهي ئي نٿو سگهي.

سوين سال اڳ لطيف. انساني زندگي ۾ ڏک جو احساس ۽ شعور جي ۽ ڀين جي سورن ۾ شريڪ ٿيڻ جي اهميت جو ذڪر هئين ڪيو آهي:

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پريندءَ جو.

❊

پسو پرائن، سورن آڏو سسئي.

❊

سڪن مون سين ڪين ڪيو سورن لڏيم سارون

❊

سو سڪن ڏيئي، وِرهيہ وهايم هيڪڙو،
ڀڏي گوڏ گرٿ، ساٿو ڪجي سور جو.

مٿيان شعر يٽس (Yeats) جي هيٺين ڳالهہ جي عڪاسي ڪن ٿا. "مون وٽ هڪ مثالي قسم جو اظهار اهو آهه، جنهن ۾ آئون. مٽيءَ جي ماڻهن ۽ سندن روحن کي ايئن ٿو ڏيکاريان، جڻ اهي هڪٻئي جي مدد ۽ واهر ڪندا هجن"

يٽائي پڻ سسئي جي دردن کي اهڙي ته پيانڪ ۽ درد انگيز انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو هر ڏکويل ماڻهو پنهنجا درد، ان جي پيٽ ۾ معمولي ۽ خسيس سمجهڻ لڳي ٿو. ائين لطيف پڻ سسئي جا، جيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهوريندڙ ڏک پڌائي، ٻين کي همٿ ڏياري، سندن مدد ڪري ٿو.

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٺ مروئن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوير اپري ڪين ڪي.
(ڪوهياري)

ڏُڪئي سنديون ڏونگرين، آڌي آهون پون،
ڏاري جو ڏونگر کي، سوڪين ڇيو ڇون،
آري جي افسوس ۾ ماٺو مرون رون،
ان پر سيئي هون، هينئڙا جن هڃي ويا.
(معذوري)

وڃي سي واڍوڙيا، رت نه ڏٺو جن،
موت قبوليو تن، ڏٺو جن ڏکيءَ کي.
(معذوري)

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪريان زبان،
لڳي ماٺ مروئن کي، رسي سورُ شَبان.
تاڪر ٽِڪي ڪان، جبل سڀ جلي وڃي.
(ڪوهياري)

ڏونگر! مون نه ڏکوءِ، آءُ اڳ ڏکوئي آهيان،
سارِيان ڪو نه سکوءِ، سور گهيٽئي سنيران.
(ڪوهياري)

ڏک آهي ڇا؟ ان جي وضاحت ڪندي رسول بخش پليجو صاحب "وڳ ڪئين وسرياء" ۾ لکيو آهي ته "ٻين هزارين لکين ڳالهين کان سواءِ، ڪنهن ناول ۾ ڏکويل، مظلوم ماڻهو جي ڳالهه پڙهڻ به ڏک آهي. هزارين سال اڳ جي ڏکويلن جي ڳالهه ٻڌڻ به ڏک آهي ۽ انهن سيني ڏکن جو ڪو نه ڪو تدارڪ نه ڪري سگهڻ، سيني کان وڏو ڏک آهي.

متين ڳالهه کي جيڪڏهن اجا به وڌائجي ته ايئن به چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهجي ٿو تہ (1) ڪنهن دلبر دوست جي وڇڙي وڃڻ سان بہ ڏک ملي ٿو تہ (2) دشمن جي جاسوسن تي نظر نہ رکڻ بہ پريشاني پيدا ڪري ٿو. (3) جهالت جي اجتمائي سوچ جو پيدا نہ ٿيڻ بہ مايوسي پکيڙي ٿو (4) تہ رٿابندي سان زندگي نہ گذارڻ بہ دردن جون ديوارون پيدا ڪري ٿو. (5) پاڻ تي تنقيد ڪرڻ بجاءِ رڳو ٻين کي غلط سمجهڻ بہ سوين مونجهارا پيدا ڪري ٿو. (6) تہ ساڳي وقت غفلت ۽ سستي بہ غمن جا ڪيئي بار ڪيرائي ٿي وجهي.

لاڪيٽو لطيف اهي سمورا مونجهارا "سرڪوهياري" ۾ بيان ڪيا آهن، اچو تہ انهن مان هر هڪ تي روشني وجهون:

**ڪنهن دلبر دوست جو وڇڙي وڃڻ:**

سسئي جا پنجئي سر، وڇوڙي جا سر آهن:
وڃيل تي وايون ڪري، ڪنل ڪُوڪاري،
هن پن پنهنجا ساريا، هو هنجون هڏن لئي هاري،
عشق جي آري، سِڪي سوز پرايو.
(معذوري)

۽ سندس دل ڏک جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳندي آهي، ائين، جيئن ليليٰ جي دل چنيسر داسڙي لاءِ، درد مان دانهون ڪندي رهي. ايئن جيئن مومل پنهنجي راڻي جي جدائي ۾ جهڄندي ۽ جهرندي رهي، ۽ سهڻي ميهار جي منهن ڏسڻ لاءِ، سخت سرديءَ ۾ موج ۾ پرئي مهراڻ جي ڪنن ۾ ڪاهي پئي، ايئن جيئن مارئي کي پنهنجي ماروئڙن جي محبت ملول ڪري ڇڏيو ۽ سسئي کي پنهنجي پنهون جي سڪ ستائڻ لڳي. جيڪا ڳالهہ سرتين سان هن طرح ڪري ٿي:

جيڪا ڪندي نيهن، مون جيئن ٻاروچن سين،
سِڪڻ سارو ڏينهن، چڙهڻ چاڙ هيڪن تي.
(حسيني)

ريءَ ڦريبن ڦوت ڪيو ويٺي وره چران،
ان عذابان اڱهين، مادر! چو نہ مران،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اديون! جو نہ اوھان، سو مون سور سرتيون.

(ڪوھياري)

اھڙي صورتحال ۾ مايوسي من جي آتڻ ۾ پيرا پختا ڪري سگھي ٿي، جيڪا ڳالھ لطيف سمجھي ٿو تنھن ڪري ھن سر ۾ اجوڪي مايوس ۽ ڏڪويل انسان کي ھيئين صلاح ڏئي ٿو:

ھاري! ھنيون نہ لوڙ، سڪن پوندء سسئي،
ڪوھيارو، تو ڪوڙ، اچي ڪرھ قطارئو.

(حسيني)

**دشمن ۽ سندس جاسوسن تي نظر نہ رکڻ:**

اسان سنڌي ماڻھن کي نہ رڳو پنھنجون مدي خارج سوچون ۽ انا پرستي، اڳيان وڌڻ کان روڪي ٿي پر پاسي کان خارجي ۽ بيون داخلي رڪاوٽون بہ موجود آھن، واٽ تان ٿنگون ڇڪيندڙ پنھنجا غدار بہ آھن تہ "ڏريان ئي ڏاريا، مِٽ مٽي ج نہ ٿيا" بہ آھن، جيڪي ڇپر (ڏکن واري دنيا) کان اسان کي ٻاھر ڪيڻ ئي نٿا چاھين

ڪنھن پر روئان پرينء کي، اندر ناھي اسات،
لوھُوڪا لڪَن ۾، ويري متي وات،
ڇپر ۾ ڇنڇات، ڏئم ڏکوين جا.

(ڪوھياري)

ھر باشعور انقلابي سوچ رکندڙ انسان کي، اڳيان وڌڻ کان روڪڻ لاء نہ رڳو واٽن تي ويري رڪاوٽون، وجھندا رھندا آھن پر پنھنجا جاسوس (چاري) بہ تيار ڪري رکندا آھن، جيڪي مخالفن جي ڪوتن ۽ خامين جي پوري ڄاڻ حاصل ڪري، انھن جي ڪمزورين جي جانچ رکي، کين اڳتي وڌڻ کان روڪيندا آھن.

ستئين سواري، منھن ويڙھي، مئن جيئن!؟
ڏٺئہ نہ ڏيرن جا، چوڏاري چاري!
تيلاہ ويچاري، ساٿ ستي ئي ڇڏيو.

(ڪوھياري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن ڪري سسئي لاءِ ضروري هو ته هو نه رڳو دشمن جا مقرر ڪيل، جيڪي چاري يعني جاسوس هئا. انهن تي نظر رکي ها پر دوست جي در وٽ لڪي ويهي پنهنجي ڏيرن جي چُر پر ۽ سُر پُر تي به نظر رکي ها. ائين نه ڪرڻ جي ڪري پنهون جا پيرا وڃائي، ڏکن ۽ تڪليفن ۾ ڪاهي پئي.

سُتئين پير ڏکما ڪري وڏي جاڙ ڪياءِ،
در پر، اپين دوست جي، سر پر هوند سياءِ.
(ڪوهياري)

تنهن ڪري او سسئي! او مورک ماڻهو! جيڪڏهن دوست جي در وٽ لڪي ويهي ڪي ڳالهيون ٻڌين ها ته پنهون کي ڪٽي وڃڻ واري سازش کي ضرور سمجهي سگهين ها پر افسوس جو ائين نه ڪرڻ جي پنهون کي وڃائي ويهي رهئين!

## جهالت جي ڪري اجتماعي سوچ جو پيدا نه ٿيڻ

شاهه سائين جي شاعري جو تت، جُز کي ڪل ۾ سمائڻ آهي، هو انفرادي سوچ بجاءِ، اجتماعي سوچ جو رکوالو آهي پر جيڪو ماڻهو انا پرستي ۽ موقعي پرستي جي ڪري، پنهنجي ساٿ کان اڪيلو ٿي وڃي ٿو ۽ جاهل هجڻ جو ثبوت ڏئي ٿو اهڙو ماڻهو سماج لاءِ ڪار آمد نٿو ٿي سگهي.

ليل نه جاڳيئن لِک سين، ڪُلي نُوم ڪياءِ
قم تي پهچ قريب کي، اِجلس تو نه جُڳاءِ
مُٺي مزمانن سين، ويهي رات وهاءِ،
جيلاه ننڊ ڪياءِ، تي روز رهين تي راهه ۾.
(ڪوهياري)

هتي "مُٺي! مزمانن سين، ويهي رات وهاءِ" ۾ اڪيلي سر سنگت ساٿ کان، ڪتجي ويهڻ جي مخالفت، مزمانن يعني جهجهائي سان گڏجي، زندگيءَ گذارڻ جي حمايت ٿيل آهي، جيڪو ائين نٿو ڪري اهو پڻ سسئي وانگي ڇپرن ۾ دربدر ڀٽڪندو ئي رهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## رٿا بندي سان زندگيءَ نہ گذارڻ

زندگيءَ ۾ جيڪو ڪم، تڪي توري منصوبابندي سان ڪبو آهي، ان کي ”رٿابندي“ چئبو آهي هر ڪم رٿابندي کان سواءِ اڻ پورو رهندو آهي، ڪو بہ ڪم منصوبا بندي کان سواءِ ڪبو تہ اهو پورو تہ ٿي ويندو پر ان مان ڪو مڪمل لاڀ حاصل ڪري نہ سگهبو. شاهہ عبداللطيف غلط وات ٿي، بنا مقصد ۽ رٿا بندي سان هلندڙ عورتن ۽ مردن کي خبردار ڪندي چوي ٿو تہ او مورک! صحيح وات وٺ، ٻي صورت ۾ ڏک ۽ تڪليفون، تنهنجو مقدر بڻجي وينديون.

اجا تون اَوات، واٽان پاسي ويسري
سونهين ٿي سُوات، تہ منجهان دل ڏگ لهين.
(ڪوهياري)

## پاڻ تي تنقيد ڪرڻ بجاءِ ٻِڪو ٻين کي غلط سمجهڻ

تنقيد: ڪري ۽ ڪوتي کي سمجهڻ جو نالو آهي. اسان ماڻهو اڃا تنقيد ڪرڻ جو حق ادائي نہ ڪري سگهيا آهيونءِ تنقيد جي ڇُري سان ڪنهن کي ڪهڻ ۾ تہ دير ئي نہ ڪندا آهيون. پر سڻن تنقيدي لفظن سان مرحم رکڻ سکيائي ناهيون. شايد اهو ئي سبب آهي جو اسان جي تقريباً سمورن ادارن مان سهپ موڪلائي وئي آهي. ايتري قدر جو ادبي گڏجاڻين ۾ بہ هڪٻئي جي ڏاڙهي پٽ کان نہ رهندا آهيون. پراين ماڪوڙيءَ جيتري غلطي تي بہ نظر پئجو وڃي پر پنهنجن اٺ جيڏين خامين تي بہ نظر نٿي پوي! شايد اهوئي سبب آهي، جو پنهنجن ڪوتن ۽ خامين جي بدبودار لاشن کي، ذهن مان ڪيڻ بجاءِ اتي ئي لاشعور جي قبر ۾ دفن ڪريو ڇڏيون ٿا. جيڪا سوچ انتهائي نقصان ڪار آهي اها ڳالهہ ٻڌائي، سسئي تي تنقيد ڪندي، هن طرح چئي آهي:

سُتيئن سنجهئي، منهن ويڙهي، مئن جيئن،
اوجاڳو اکين کي، جاتوءِ نہ ڏيئي،
هتان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچين کي ڪرين.
(ڪوهياري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يعني اي سنئي! ننڍ جي ڪري غلطي توڪان ٿي آهي ۽ ڏوهه وري ڪيچين تي ٿي ڏين!؟ تنهن ڪري پنهنجي غلطي به تسليم ڪر جيڪا هڪ مثبت سوچ آهي.

## غفلت ۽ سستي جو پيدا ٿيڻ

قومن جي تباهي جو اهم ڪارڻ غفلت ۽ سستي هوندو آهي. سسئي جڏهن پنهنجي ور کي ڏيرن وٽ ڇڏي، بنا ڪنهن ڪٽڪي جي غفلت جي ور چڙهي، منهن ويڙهي، مئن جيئن سمهي پيئي، تنهن ڪري ڏير ڪيس ڏهاڳ جو ڏنءِ ڏيئي، جدائي جي جهوري ۾ اڇلي، ڏاڍو ڏور هليا ويا. ڀٽائي اها ڳالهه هيئين طرح ڪئي آهي:

ليلَ نہ جاڳئين لِڪ سين، شام ستيئن سڀ رات
اوڳي! اوٺڙن جا ٿي پهه پڇين پرڀات!؟
ٿي سگر، تن جي ساٿ، تہ پوري! ڪنهن پال مڙين.
(ڪوهياري)

جيڪي ماڻهو سنجهي سان ئي (جيڪو جاڳڻ جو وقت ۽ ڪم جو وقت هوندو آهي) سمهي رهن ۽ حالتن کي سمجهڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪن، اهي پنهنجي محبوب يعني، مقصد تائين ڪڏهن بہ پهچي نٿا سگهن. پر جيڪڏهن پهچي بہ ويا تہ کين وڏيون تڪليفون ڏسڻيون پونديون.

سنجهي رهن سمهي، غافل منجهہ گهرن،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪرڳل سوءِ نہ ڪن!
سي ڪيئن محب مِڙن جي سنجهي رهن سمهي.
(ڪوهياري)

ايءُ ڪم ڪميٽن، جيئن سمهن پير ڊگها ڪري
لوچين جو نہ لطيف چئي، هاري! لاءِ هوتن،
ننڊان نياڳن ڪي اوپالا اچن،
سي ڪوه پنهون پچن، جي سنجهي رهن سمهين.
(ڪوهياري)

بقول اسان جي رهبرَ ڀٽائي جي، هن تيز رفتار دؤر ۾ بہ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غفلت جا ڪوپا اکين تي چاڙهي سمهي پوندين تہ سجي ۽ سچي سات ڪان محروم ٿي، ڏکن جي رڻ ۾ هميشہ لاءِ رلندو رهندين ۽ بي راهن جيئن پٽڪندو رهندين. تنهن ڪري وري بہ لطيف هنمائي ڪندي صلاح ڏئي ٿو تہ

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيئن اَٽاسي اوجهرين،
چپاتا چڙهي ويا وڃي پهتا توڙ
نيٽن ننڊ اکوڙ جم ورهن ۾ واڪا ڪرين.
(ڪوهياري)

ڏُکي ڏک وساري، سيج ڦٽي ڪر سسئي!
پَٽين پير نهار تہ آرياڻي اتان لهين.
(سر معذوري)

حوالا:

- شاهہ جو رسالو
  هوتچند مولچند گربخشاڻي
- شاهہ جو رسالو
  ڪلياڻ آڏواڻي
- تنقيد
  الهداد ٻوهيو
- شاهہ جي شاعري ۾ علامت نگاري
  ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو
- شاهہ عبداللطيف ـ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1992 (ص 308ـ 307)
- وڳ ڪيئن وسرياءِ
  رسول بخش پليجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ڪوهياري ۾ سجاڳيءَ جو سبق

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ اهڙو وينجهار هو جنهن جو پورهيو ڪڏهن به ڀٽي پراڻو نه ٿيندو. هن اهڙا ته هيرا ۽ موتي پارس ۽ پڪراج عالَمَ کي آڇيا آهن، جن جو قدر ۽ قيمت، چمڪ ۽ دمڪ هر دور ۾ اڳي کان اڳري رهندي.

شاهه سائين لوڪ داستانن کي پنهنجي رسالي ۾ جاءِ ڏئي هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو آهي. انهن داستانن جي ڪردارن ۾ سڀ کان وڌيڪ جنهن ڪردار کي پنهنجي ڪلام ۾ سمايو اٿس، سو سسئي جو ڪردار آهي. جنهن کان لاڪيڻو لطيف ايتري قدر ته متاثر ٿيو جو سندس حالتن ۽ ڪيفيتن کي پورن پنجن سُرن ۾ پيش ڪيو اٿس.

سسئيءَ جي ڪردار کي منفرد ڪوٺيندي، ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي پي ايچ ڊي جي ٿيسز "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، ۾ لکي ٿي:

"دنيا جي شاعريءَ ۾ سسئي جهڙا ڪردار تمام ٿورا آهن. البته خود سسئي جو ڪردار سنڌيءَ کان سواءِ سرائڪي، پنجابي، بلوچي، راجستاني، ڪڇي، اُردو، هندي ۽ فارسي شاعرن ڳايو آهي."

ترتيب جي لحاظ کان "سر ڪوهياري" سسئي وارن سُرن ۾ چوٿين نمبر تي آندل آهي. جيڪو جملي ڇهن داستانن ۽ نَوَن واين تي مشتمل آهي. داستان پهرين ۾ 17، ٻي ۾ 15، ٽين ۾ 8 چوٿين ۾ 11، پنجين ۾ 12 ۽ ڇهين ۾ 13 بيت آهن. اهڙي طرح بيتن جو ڪل تعداد 76 آهي. اهي انگ اکر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيل رسالي "شاهه جو ڪلام جلد 8 ۽ 9 مان ورتل آهي. لفظ "ڪوهياري" يعني جبل جي معنيٰ ۾ آيل آهي. هن سُر ۾ ان لاءِ ڏونگر جو لفظ گهڻو استعمال ڪيل آهي. اهي ڏونگر جيڪي سسئيءَ جي انهيءَ اٽانگي سفر ۾ ڪيس آڏو آيا. ڏونگر لاءِ سسئي جي پين سُرن ۾ ڪوه، روهه، ڇپر، ٽڪر وغير جا لفظ ڪم آندل آهن. هن سُر جو مک موضوع اها غفلت پري ننڊ نياڳي آهي، جنهن سسئيءَ کي اهي ڏوٿ ڏينهن ڏيکاريا. هن سُر ۾ شاهه صاحب پڻ سسئيءَ کي انهيءَ غفلت واري عمل تي خوب ڇينڀ ڪئي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪوهياري ۾ بيان ڪيل مک موضوع متعلق لکي ٿو:

"غفلت واري ننڊ ۾ سمهڻ جي سسئيءَ تي
ميار هن سُر جو مک موضوع آهي."

جيئن جمود، موت جي مثال آهي ۽ تحرڪ زندگيءَ جي معنيٰ رکي ٿو. تيئن ننڊ موت جو دليل ۽ سجاڳي زندگيءَ جي تعبير آهي. هيءَ دنيا سعي ۽ عمل جي جاءِ آهي. هتي جيڪو لوچيندو سوئي لهندو. پين لفظن ۾ لوچڻ، سوچڻ، ڳولهڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو نالو ئي "زندگي" آهي.

هونئن تہ پيٽ ڏٽي پلاري جو گهڻوئي ڪلام سجاڳيءَ جي سبق سان پريو پيو آهي. پر سندس سسئي متعلق پنجن ئي سرن ۾ اهو پيغام ڏنو ويو آهي تہ مقصد جا موتي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۽ سجاڳيءَ جي سخت ضرورت آهي.

پير ڍگها ڪري بي اوني ٿي سمهي پوڻ واري عمل کي لطيف سائين ڪمينن جو ڪم سڏيو آهي. سسئي بہ تہ بي فڪر ٿي سمهي پئي هئي. پٽائي صاحب ساڻس مخاطب ٿي فرمائي ٿو تہ اهو ڪمينن وارو ڪم تو ڪيئن ڪيو! پير ڍگها ڪري سويل ئي سمهي پئينءَ. تو هوتن ڪارڻ جاڳي رات اکين تي ڇو نہ ڪاٽي. اهڙين اٽاسين کي تہ ننڊ واري غفلت جي نتيجي ۾ طعنا ۽ ملامتون ئي نصيب ٿينديون آهن. هاٿي جيڪي ننڊ جي ڪڙولن ۾ ڪڙجي وينديون، سي پلا پنهونءَ کي ڪيئن پسي سگهنديون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرينءَ کي پسي بہ سگهو ۽ لوڪ جي طعنن کان بچي بہ سگهيو.

اصل اسارن جا، سُتَي وَهيا سيڻ،
وهاٽيءَ جاويڻ، تيون لوئيون سهن لوڪ ۾،
چوندا آهن تِرَ جي گٽي سَوَ چوٽون کائي!

سسئي بہ تِرَ تان گٽي هئي. سو هاٽي هن سرتين کي اهو ڏس پئي ڏنو تہ جيڏيون! ننڊ کي پنهنجو ويري تصور ڪجو. متان غفلت ۾ غلطان ٿي سمهي رهو ۽ پوءِ مون وانگر ويهي هنجون هاريو. ڳوڙها ڳاڙيو ۽ وَيڙ ۾ ويهي واڪا ڪيو. سجاڳيءَ جي صورت ۾ ئي اوهانجو پيرين اوهان کي حاصل ٿيندو.

ننڊ ويرياٽي هوءِ، جيڏيون جِمَ سمهو
مَچُڙ مون جئن روءِ، ڪا واڪا ڪئو وَيڙ ۾.

لطيف سائين علامتن جي اوٽ عام انسان کي بہ سجاڳيءَ جو سبق ڏئي ٿو. سسئي جي غفلت ۽ غلطيءَ واري عمل جو اظهار علامتي طور پيش ڪندي، ساٽس مخاطب ٿئي ٿو. گويا ڪيس اڳواٽ ئي هوشيار ڪندي فرمائي ٿو. اي غافل! تون غفلت ڇڏي ڏي. اي بي لڄي! تون ڪٿي ننڊ جي گهوماٽن ۾ پنهنجو پيارو پنهل نہ وڃائي ويهي رهين. هو چپ چپات ۾ نڪري وڃي پنهنجي منزل تي رسي ۽ تون گهٽو پوئتي رهجي وڃي. پوءِ ويٺي وٹن ۾ واڪا ڪرين. يعني توکي غفلت سبب مصيبتن جا پهاڙ جهاڳڻا پون.

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪئن اٽاسي اوجهَرين
هُوءِ ڇُپا تا چڙهي وئا، وڃي پهتا تـوڙ
نيٺن ننڊ اڪوڙ جَمَ وٹن ۾ واڪا ڪرين.

در اصل ان علامت جي اوٽ لطيف سائين عام انسان کي آگاه تو ڪري تہ مقصد ماڻڻ لاءِ سجاڳي جي سخت ضرورت آهي. تنهن ڪري تون غفلت ۾ غلطان ٿي پاڻ کي مصيبتن جي مچ ۾ نہ ڦٽو ڪر. ور نہ توکي پشيماني جا هٿ مهٽڻا پوندا.

انسان جا بہ ويرا آهن. ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سسئيءَ کي بہ جڏهن دردن تپايو پئي تہ ان وقت ڪانئس پنهنجي ڪوتاهي وسري ٿي ويئي. پوءِ پر پٽ پنهونءَ کي پئي ميارون ڏنائين.

ڏونگر ڏوراپو ڀريون چونديس پرينءَ کي،
ڀڃ پير پٿون ڪيا، تريون چنيون تو
رحم نہ پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو
واڪو ڪنديس وو مونسين جبل ٿو جاڙون ڪري

هونئن تہ سندس ڏوراپو ڪنهن حد تائين ٺهي بہ پيو. ڇو تہ پنهل ڪيس غفلت جي ننڊ ۾ ستل ڇڏي، پائرن سان روهہ ڏانهن راهي ٿيو. پر انهيءَ ڏوراپي جي تہ نوبت ئي نہ اچي ها جيڪڏهن هوءَ اکين کي اوجاڳو ڏيئي پنهون جو سيج تي جاڳي انتظار ڪري ها. ٻين لفظن ۾ تہ اهو سسئيءَ جي پنهنجي ئي سستي ۽ غفلت جو نتيجو هو جنهن ڪيس پهاڙن جي اٽانگن پيچرن تي پنڌ ڪرڻ تي مجبور ڪيو. سندس پير پٿون ٿيا. تريون چلجي پيون ۽ لتا ليڙون ٿيا. چنڊ جهڙو چهرو ڪومائجي ويو.
سسئي جڏهن ڪيچين کي ڪچو ٿي ڪيو تہ لطيف سرڪار ان گهڙي ڪيس وري بہ پنهنجي غفلت ۽ ڪوتاهي ياد ڏياري ۽ چيو تہ مٺن وانگر سويلي ئي منهن ويڙهي سمهين نہ پاڻ رهينءَ. پنهنجي اکين کي اوجاڳي تي هيرائين ها تہ هرگز توکي هي ڏينهن ڏسڻا ڪو نہ پون ها. هاڻي هٿ وڃيءَ کي وساري ڪيچين کي ڪچو پيئي ڪرين! هاڻي تہ توکي ايڏي غلطي ۽ غفلت جو ازالو ادا ڪرڻو ئي پوندو.

منهن ويڙهي مٺن جئن، سُتينءَ سنجهي ئي
اوجاڳو اکين کي، جاتوءِ نہ ڏيئي
هٿان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچين کي ڪرين.

سر ڪوهياري ۾ لطيف سائين، انسان کي سسئيءَ جي ان صبر آزما ۽ عبرت انگيز سانحي مان سجاڳي جو سبق سکڻ جي هن ريت هدايت فرمائي ٿو:
جيڪي سسئيءَ وانگر نرم بسترن تي پير ڊگها ڪري سوبل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ئي سمهي رهنديون، انهن جو سپرين ائين ساٿ ڇڏي هليو ويندو. جئن پنهل ڄام سسئيءَ کي سيج ۾ سج ڳڻائي هليو ويو.

جڏهن ستيون جي، پٽر پير ڏکيا ڪري
تڏهن تنين ڪي، ساٿ ستيئي ڇڏيو.

لطيف سرڪار ان رات جي اهميت متعلق سسئيءَ کي سڏ ڏيندي چوي ٿو تہ توکي ڪپندو هو تہ اها رات مهمانن سان گڏ ويهي گذارين ها. پر تون تہ اها رات اکين تي ڪاٽڻ بجاءِ غفلت ۾ ننڊ ۾ گذاري تڏهن تہ توکي ان غفلت جي نتيجي ۾ اهي ڏوٿ ڏينهن ڏسڻا پيا آهن.

ليل نہ جاڳين لک سين، ڪُلي نورُ ڪئاءِ،
قُمر تي پهچ قريب کي، اِجلس تو نہ جڳاءِ،
مُٺي مهمانن سين، ويهي رات وِهاءِ،
جيلاه ننڊ نئاءِ، تي روز روئين ٿي راه کي.

آخر هڪ مرحلي تي سسئي کي پنهنجي ڪمين ۽ ڪوتاهين جو شدت سان احساس ٿيو. هاڻي هوءَ بيحد شرمسار هئي پر هن همت کو نہ هاري. همت ۽ حوصلي جي پيڪر هيءَ نحيف ۽ نماڻي عورت ويرئون وير وڌ هئي. اڳتي وڌندي رهي. هن کي هاڻي اهو بہ احساس ٿيڻ لڳو هو تہ پنهل ڄام سان پلا سندس حجت جي وات ڪهڙي! هن تہ پاڻ کي جهڙي تهڙي پائين. پاروچن جي پانهي سڏائڻ ۾ فخر محسوس پئي ڪيو. پاڻ کي هيچ ۽ نيچ سڏيو. جانب جي تہ جُتيءَ جي مٺ بہ پاڻ کي کو نہ پانيو. پلا جنهن محبوب سان ازل جو انگ هجي، ان کي کو وساري بہ سگهي ٿو ڇا!

جيهي جي تيهي، تہ بہ پانهي پاروچن جي،
حجت هوت پنهون سان، مون ڪميڻيءَ ڪيهي
هو جا پائن پير ۾، تنهن جُتيءَ نہ جيهي،
وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مددي ڪتاب:

- شاهہ جو رسالو شاهہ جو ڪلام جلد 8 – 9
  ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- شاهہ جو رسالو
  مرتب: غلام محمد شهواڻي
- شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ
  ڊاڪٽر فهميده حسين
- لطيف جو پيغام
  ڊاڪٽرميمڻ عبدالمجيد سنڌي
- عرفان لطيف
  ڊاڪٽر شبير احمد شاهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

:ڊاڪٽر اسد "جمال" پلي

# ننڊ جي سائنس ۽ سُرڪوهياري

## ننڊ جو عمل (MECHANISM OF SLEEP)

جڏهن اسين سائنسي طور مطالع ڪريون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ ننڊ جي اچڻ خواهہ نہ اچڻ جو اڪين سان ڪو بہ تعلق نہ آهي. اڪين جو تعلق صرف ڏسڻ ۽ لڙڪ هارڻ سان آهي، جنهن لاءِ هو دماغ جون محتاج آهن. ننڊ دوران صرف اکين جا ڇپر بند ٿين ٿا ۽ تارا (EYE BALLS) هڪ طرف کان ٻئي طرف (SIDE TO SIDE) ڪڏهن تيز تہ ڪڏهن آهستي هلندا رهن ٿا. اگر ننڊ واري انسان جي اکين جا ڇپر کوليا تہ بہ نظر جو عمل معطل رهندو. جيستائين ننڊ جو اثر غالب آهي.

ننڊ کي ڊورلينڊ جي ميڊيڪل ڊڪشنري ۾ هن طرح لکيو ويو آهي:

"ننڊ جسم ۽ دماغ لاءِ آرام جو اهو وقت آهي، جنهن ۾ حرڪت ۽ هوش جزوي طور ملتوي هوندا آهن. اهو غير متحرڪ ۽ نيم بيهوش جسم ڪنهن ظاهري تحرڪ (STIMULI) سان پنهنجي اصلي احساسات تي بہ آڻي سگهجي ٿو" (ڊورليند). محترم جيراڊ طور طورا ۽ محترمہ سندرا رنالڊ پنهنجي تصنيف ۾ لکيو آهي تہ:

"SLEEP IS A STATE OF ALTERED CONSCIOUSNESS OR PARTIAL UN_ CONSCIOUSNESS, FROM WHICH AN INDIVIDUAL CAN BE ARROUSED" (TORTORA)

"ننڊ هوش جي تبديلي يا نيم بيهوشي جي اها ڪيفيت آهي، جنهن مان فرد کي سجاڳ ڪري سگهجي ٿو"



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيئن سجاڳ ڪري سگهجي ٿو قاضي قادن چيو تہ:

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.

يا وري پٽائي رحہ هيئن ٿو سجاڳ ڪري تہ:

اپريو تارو، اٿي ور وهاڳ ڏي،
سپڙ ريسارو، چت پرڪي چارٽين.

❋

ستو ڪيئن ننڊون ڪرين، روئي رات وهاءِ،
اٿي آڌيءَ رات کي، پنهنجو تن تپاءِ.

صحيح معنيٰ ۾ ننڊ جا ڪم اڃا بہ سائنسي تحقيق ۾ واضع نہ ٿيا آهن. اهي جڏهن ٿيندا تہ پوءِ ننڊ ۽ غفلت ۾ فرق چٽو ٿي بيهندو ۽ خود ليبارٽرين وارا بہ صرف ڪائڻ پيئڻ ۽ هلڻ ڳالهائڻ کي سجاڳي نہ چوندا. هاڻي بہ جيڪي ننڊ جي قسمن ۽ سببن جون وصفون آهن، انهن جو رخ اوڏانهين آهي. هاڻي بہ هن سلسلي ۾ جيڪا تحقيق ٿي آهي، انهن موجب ننڊ جا بہ خاص مرحلا آهن. جيڪي پنهنجون ڪي علحده خوبيون رکن ٿا.

NORMAL SLEEP CONSISTS OF TWO COMPONENTS:
(1) NON RAPID EYE MOVEMENT (NREM) SLEEP.
(2) PARID EYE MOVEMENT (REM) SLEEP.

مٿين جملن ۾ اها ڳالهہ واضع ٿئي ٿي تہ ننڊ جي ٻن مرحلن کي اکين جي تارن جي تحرڪ سان سڃاتو ويجي ٿو. هڪ مرحلي ۾ تارا (EYE BALLS) تيز هلن ٿا، ان کي "نريم ننڊ" (REM SLEEP) ۽ ٻئي مرحلي ۾ آهستي هلن ٿا. ان کي ريم ننڊ"(NREM SLEEP) چئجي ٿو. ان جا چار مرحلا (STAGES) آهن: پهريون مرحلو هڪ کان ست منٽن تائين آهي، جنهن ۾ اوٻاسيون (YAWNINIG) اچن ٿيون ۽ ٿڪاوٽ سبب اکيون ڪنهن مهل بند تہ ڪنهن مهل کليل ۽ گهيرات (FEELING THOUGHTS) هجي ٿي. ٻئي مرحلي ۾ هلڪي ننڊ اچي وڃي ٿي ۽ جاڳائڻ لاءِ ٿوري محنت ڪرڻي پوي ٿي. اکين جا تارا آهستي آهستي هڪ طرف کان ٻي طرف (EYE SLOWLY



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ROLLING SIDE TO SISD چرندا رهندا رهن ٿا.

ٽيون مرحلو اعتدال واري ننڊ جو آهي، جنهن ۾ جسماني گرمي (BODY TEMPRERATURE) ۽ رت جو دٻاءُ (BLOOD PRESSURE) گهٽجن ٿا. هن مرحلي ۾ سجاڳي آساني سان نٿي ٿئي. هي مرحلو ننڊ اچڻ کان 20 منٽن بعد شروع ٿئي ٿو.

چوٿون مرحلو گهري ننڊ جو آهي. جيڪو ننڊ جي خاص وصفن سان ٽمتار آهي. هن مرحلي جي هڪ خاص ڳالهه اها بہ آهي تہ جيڪي ماڻهو ننڊ ۾ هلندا آهن، انهن جي ننڊ هن چوٿين مرحلي ۾ هوندي آهي.

WHEN SLEEP WALKING OCCURS IT DOES SO DURING THIS STAGE. (TORTORA)

هڪ رات جي خاص ستن – اٺن ڪلاڪن جي ننڊ ۾ ٽن کان پنج دفعا REM ۽ NREM جا سلسليوار دؤر اچن ٿا. ننڍن ٻارن ۾ ننڊ (REM SLEEP) گهڻي هوندي آهي ۽ اها دماغ جي واڌ – ويجهہ لاءِ بيحد ضروري آهي.

REM_ SLEEP IN INFANTS AND CHILDREN IS IMPORTANT FOR MATURATION OF BRAIN.

JeaySindh

**ننڊ ڪيئن ٿي اچي:**

هڪ ڪيميائي مادو ايڊينوسن (ADENOSINE) تنتي سرشتي (NERVOUS SYSTEM) جي ايڊينوسن ٽراءِ فاسفيٽ (ADENOSINE TRIPHOSPHATE) جي استعمال وقت گڏ ٿيندو آهي. اهو ايڊينوسن تنتي سرشتي جي ڪولينرجڪ نيورانس (CHOLENERGIC NEURONS) کي بند ڪري ڇڏيندو آهي. هي ٽاندورا CHOLENERGIC NEUROUS سجاڳي لاءِ ضروري آهن. ڪافي ۾ CAFFEIN ۽ چانهہ ۾ THEOPHYLLINE جا جزا آهن. جيڪي وري ADENOSINE کي روڪين ٿا. انهيءَ ڪري چانهہ ۽ ڪافي جو استعمال اوجاڳو ڪرائي ٿو.

ننڊ اچڻ جي ٻي وضاحت هن طرح بہ آهي تہ:

IT IS COMMON KNOWLEDGE THAT PROCEDURES



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

WHICH MINIMIZE SENSORY STIMULATION FAVOUR ONSET OF NATURAL SLEEP (SAMON)

"اها عام ڳالهه آهي تہ اهي طريقا جيڪي احساساتي محرڪات کي گهٽائين ٿا. اهي فطري ننڊ آڻڻ جي فائدي ۾ آهن." مثال طور انڌيرو ڪمرو، آرام ڏيندڙ لباس، ٿڪايل جسم، خاموشي ۽ چؤگرد جو محسور ڪندڙ ماحول ننڊ آڻڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

ستين سَواري، منهن ويڙهي مٿن جيئن،
ڏنئي نہ ڏيرن جا، چؤڏاري چاري،
تيلان ويچاري، ساٿ ستيئي لنگهيو.

❊

سيرانديءَ ساز ڪيو۔ سمهين ساري رات.

❊

ستين سنجهيئي، پٽر پير ڏگها ڪري.

❊

جڏهن ستيون جي، پٽر پير ڏگهار ڪري،
تڏهن تنين کي، ساٿ ستيئي ڇڏيو.

ننڊ ۾ خلل لاءِ وري هيٺان عوامل ڪيترو اهم آهن:

ANXIETY AND EMOTIONS MAKE SLEEP MORE DIFFICULT(SAMSON)

"پريشانيون، ذهني مونجهارا جذباتيت ننڊ جي راهہ ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا". پر سسئي کي نہ ڪو ڏيرن ۾ شڪ هيو نڪي پريشاني هئي. هوءَ تہ ميزباني جي فرائضن ۾ پوري هئي.

مون پانيو مزمان، هميشہ هوندا پرين.

❊

مون پانيو مون وٽ، هميشہ هوندا پرين.

سنجهي مون نہ سنهاليو ماريس سور صبوح،
نيڻ هيرائي ننڊ سين، جتن لنگهي جوءِ،
هاجو ڪري هوءِ، آڌي رات اٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساهہ ڪٽڻ ۽ اکين کي چورڻ جي ﭘيا سپ ريم ننڊ ۾ خاموش هوندا آهن. خواب اڪثر ڪري ريم ننڊ ۾ نمودار ٿيندا آهن ۽ EEG جي گراف تي انهيءَ خواب واري عرصي جي شڪل بلڪل جاڳندڙ انسان جهڙي هوندي آهي. آسان لفظن ۾ ائين چئجي تہ دماغ جو فوٽو (E.E.G.) جهڙو خواب جي دؤر تهڙو جاڳندڙ دماغ جو. هاڻي جيڪي ماڻهو ڪارگر خواب ڏسن ٿا يا جن جو جاڳ وارو عمل خواب ۾ بہ روان دوان آهي تہ انهن جي ننڊ بہ سڀاڳي آهي. ڀٽائي چيو تہ:

جي ٿيا حل جيب سين، سمهڻ تن ثواب

❊

تن تسبيح، من مڻيو دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن،
”وحده لاشريڪ لہ“ اهو راڳ رڳن،
سي سُتائي سونهن، ننڊ عبادت ان جي.

خواب ۾ جيڪو منظر هوندو آهي، انسان انهيءَ ئي طريقي سان جسماني چر پر ڪندو آهي ۽ اڪثر ڪري ريلوي برٿ تان يا پلنگ تان ماڻهو انهيءَ حرڪت سبب ڪري پوندا آهن ۽ ائين ڪڏهن ڪڏهن ستل ساٿي لتن ۽ ٺونشن جو شڪار پڻ ٿيندا آهن. اچانڪ جاڳڻ سان نظر ايندڙ شخص خواب وارو ساڳيو لڳندو آهي.

ستي پون چرڪ، آيل هاروچن جا.

❊

اچي عزرائيل ستي جاڳائي سيئي،
ٿي ٻوڙائي دليل، تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

### ننڊ جا ٿي اهم فائدا:

ﭘين عام ڳالهين کي ڇڏي اسين ننڊ جي ٽن اهم فائدن جو ذڪر ڪريون ٿا.

(1) TWI_LIGHT SLEEP: هن ۾ دوائن ذريعي ننڊ ڪرائي سگهبي آهي. تڪليف ڏيندڙ زخم ۽ دکدائڪ خبرن کان انساني ذهن کي ڪجهہ وقت لاءِ بي خبر ڪري سگهبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(2) FROZEN SLEEP: هن طريقي سان جسم جي ڪنهن مخصوص حصي (LOCAL TESSUE) جو گرمي پد 70_F کان 90_F تائين آڻي، انهيءَ ۾ موجود ڪينسر جي واڌ کي ختم ڪري سگهبو آهي.

(3) ANESTHESIA: ڪنهن مقرر وقت لاءِ انسان کي بيهوش ڪري، تمام وڏا ۽ اهم آپريشن ڪري سگهبا آهن. بيهوشي مڪمل يا جسم جي ڪنهن ٿوري حصي لاءِ بہ ڪارگر آهي، پر ياد رهي تہ هيءَ ننڊ ضرورت وقت ۾ هڪ خاص مقصد لاءِ هوندي آهي. هيءَ خواب آور گورين سان يا گهٽو ڪائي سمهڻ واري بي مقصد ننڊ نہ آهي، جنهن لاءِ چيو ويو تہ:

پيو ليٽين لٽ، سڄيون راتيون سمهي.

اگر سڄيون راتيون سمهو تہ سونهاري صبح جي جيڪا وهاڻ واري وٽ آهي، ان کان محروم رهجي وڃبو.

سونهاري صبح سين، وڃهي ويٺين وير.

اها وير انهن مڙني نعمتن کان محروم ڪندي، جيڪي مالڪ طرفان مڱڻ کي ملنديون آهن ڇو تہ ان در جي مڱڻ کي اڳي اها هير ٿي ڪا نہ ٿي تہ:

اڳي ايئن نہ هير، ان در سندي مڱڻين،
جيئن ڏڱها ڪري پير، سڄيون راتيون سمهين.

يعني ان در جا مڱتا اڳي سمهندا ڪو نہ هئا بلڪ:
ڪريان عرض الله کي، آئون اٿي آڌيءَ رات.

ننڊ ڪيڏي نياڳي آهي، اهو ڪير سسئي کان پڇي تہ:
ڪوهيارو ڪهري، ويو نهوڙي ننڊ ۾.

سمهان سارڙ، جيڏيون جيڏو ئي ٿيو
پرين جو پاڙو، مون سين ننڊ نبيريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يا اجا بہ آسان لفظن ۾ تہ:

غفلت يار گنوايو، ڪيئن ڪريان ڪُھہَ ٿيو.

سور خواہ هوش جو اصل تعلق دماغ سان آهي. جڏهن دماغ جي مٿاهين حصي (CORTEX) ۾ ڪو ٻيو خيال وڌيڪ غالب هوندو آهي تہ سور جو احساس يا تہ ٿيندو ئي ڪونهي يا تمام گهٽ ٿيندو آهي. سسئي جي ڪيفت هن سائنسي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ڏسو.

پير پٿائين ڪنئرا، ڏونگر مٿي ڏي،
پاڻ نہ پسي ڦٽيو ڪڙهي ڪيچين کي،
هاڙهو هوت پري، ڪھ جاڻان ڪيئن لنگهيا.

هن نظريي جي بنياد تي ئي دليري، بهادري ۽ بزدلي جي سائنسي وضاحت ڪري سگهجي ٿي.

دماغ جي ڪم ڪار جي صلاحيت ۽ مختلف بيمارين جي لاءِ هڪ مخصوص فوٽو ڪڍجي ٿو. جنهن کي اليڪٽرو اين ڪيلفوگرافي (ELECTRO_ ENCEPHALO_GRAPHY) يا EEG چئجي ٿو. هن ٽيسٽ لاءِ دماغ مان بجلي جون لهرون مٿائي ڪاغذ جي هڪ وڏي دفتر تي گراف جي شڪل ۾ رڪارڊ ڪبيون آهن. هيءَ چڪاس (ٽيسٽ) ڏيکاريندي آهي تہ سجاڳي وقت دماغ ڪيترو تيز ۽ ننڊ وقت ڪيترو مدهم آهي، ننڊ ۽ سجاڳ وقت دماغ جي لهرن ۾ مختلف بيمارين جي نشاندهي پڻ ڪندي آهي.

چوويهن ڪلاڪن واري انسان جي هن ننڊ ۽ سجاڳي جي عمل کي CICARDIAN RHYTHEM چئبو آهي. هن ياڳ – اياڳ جي ڦيري کي دماغ جو هائپو ٿئلمس (HYPOTHALMUS) ڪنٽرول ڪندو آهي. هائپو ٿئلمس ننڊ کان علاوہ اڃ، بک، خوف ۽ گرمي پد پڻ سنڀالي ٿو جنهنڪري انهن جو ننڊ سان گهرو تعلق آهي.

**سجاڳي** (AROUSAL):

سجاڳي جي سائنسي طور وصف هن طرح ڪيل آهي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

A PERSON, WHO IS AWAKE IS IN A STATE OF READINCESS AND IS ABLE TO REACT CONSCIOUSLY TO VARIOUS STIMULI (TORTORA)

"سجاڳ انسان هر وقت ڪنهن بہ عمل جي رد عمل لاءِ تيار هوندو آهي." انهي رد عمل جي تياري پٽائي هن طرح ٿو ڪرائي تہ:

جاڳو جاڙيجا، سما سک مَ سمهو
پسون آن پاريا، لاڪو تو لوڙهيون هٽي.

❊

چيتا ڪيو چٽيج، بداماٽي بُٽَ ۾،
نيٽين ننڊ مَ ڏيج، چيڙون چپر آئيون.

اوجاڳو ڪيئن ٿو ٿئي، انهيءَ لاءِ مشهور فزيالاجسٽ سيمس جي هيٺين وضاحت بہ تمام دلچسپ آهي.

THE ASCENDING RETICULAR SYSTEM INTEGRATES AND AMPLIFIES CORTICO_PETAL IMPULSES TRAVELLING BY CLASSICAL SENSORY PATHWAYS, THE SUM OF THESE ASCENDANT IMPULSES SUSTAIN THE CORTICAL EXCITATORY STATE AND THERE BY MAINTAINS WEKEFUL ACITVITY. (SAMSON)

"دماغ جي هيٺاهين حصي کان مٿي ويندڙ جاريدار نظام (ASCENDING RETICULAR SYSTEM) جاڳ وارين لهرن ۽ احساسن کي جيڪي مخصوص رستي کان وڃن ٿا، سمجهي ٿو ۽ انهن جو قوت بہ وڌائي ٿو. دماغ جي مٿاهين حصي (CORTEX) ڏانهن ويندڙ هنن احساسات کي گهڻو وقت اتي رکي سگهي ٿو. اهڙي طرح اوجاڳي کي برقرار رکي ٿو."

هي سائنسي وصف انهيءَ صوفيانہ اوجاڳي واري تصور جي حمايت (SUPPORT) ٿي ڪري تہ پنهنجو مخصوص ارادو حاصل ڪرڻ لاءِ اوجاڳو ڪري سگهجي ٿو. هيءَ وصف "ليلتہ القدر" جاڳندڙ جي ذهني ڪيفيت جي پڻ حمايت ٿي ڪري ۽ "الصلوات خيرامن النوم" جي وضاحت پڻ ڪري ٿي ۽ اڳتي هلي عام بي مقصد ننڊ کي غفلت چئي ننڌي ٿي، رسالي ۾ پڻ غفلت واري ننڊ کي گهڻو ننديو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستو ئي سيج گهرين، جفا ڏين نہ جان.

❊

ستا اٺي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

❊

ڪي سمهہ ڪي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري.

❊

ستي نہ سرنديا،ِ ڪر پچار پرين جي.

❊

جاڳڻ منجهان جس، آهي ادا جن کي.

”سر ڪوهياري“ جو پهريون سڄو داستان ننڊ نہ ڪرڻ ۽ غفلت جي سزا اچڻ تي منحصر آهي. ڪوهياري جا پهريان بيت ئي لک لهن تہ:

ليل نہ جاڳين لِکَ سين، ڪلي نوم ڪياءِ.

❊

ليل نہ جاڳين لِکَ سين، شام ستين سڀ رات.

❊

ليل نہ جاڳين لک سين، ستين رات سڄي.

هتي ”لِکَ“ جو لفظ ئي لکَ لهي تہ ڪوشش ئي ڪِہ نہ ڪيئي. لِکَ جيتري (ذري) بہ نہ. يا سائنسي اصطلاح ۾ EXCITATORY STIMULI ئي ڪو نہ ڏنو. تنهنڪري تہ:

اجلاس ڪري اٿيا، تنواريو توڏن.

غفلت ڪندين تہ ننڊ جا جهوٽا ايندا.

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيئن اٽاسي اوجهرين.

يا ٿورو تہ SOMATIC MOTOR STIMULI ڏين ها تہ.

”در پر اپيين دوس جي، تہ سرپر هوند سُياءِ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون اجا سمهڻ جي منزل تي نہ پهتي آهين. پاڻ کي پانهي ٿي چوائين ۽ سمهين بہ ٿي:

اوجاڳو اجاڻ، ڪيئي نہ ڪميٽين جيئن،
پانهي چايو پاڻ، ٿي سڄيون راتيون سمهين.

چاڪاڻ تہ غافلن کي پُنهون پڇڻ جو حق ئي ڪونهي:

سي پنهون ڪوهہ پڇن، جي سنجهي رهن سمهي!

مٿين مختصر سائنسي بحث ۾ ننڊ بابت ڪي بنيادي ۽ ابتدائي ڳالهيون تہ اسين سڪون ٿا مگر حقيقت هيءَ آهي تہ اجا تائين "نيورو سائنس" غفلت جي وضاحت جي ميدان ۾ پيرِ پاتو ئي ڪونهي. اگر ڪنهن ڪوشش ڪئي بہ آهي تہ اجا تائين عام علمي دنيا انهيءَ کان اڻواقف آهي. اجا سائنسي ليبارٽريون اتي پهتيون ئي نہ آهن! جتي اسان جو عظيم صوفي اڳ ۾ ئي بيٺو آهي. اجان سائنس "لاخوف عليهم ولاهم يحزنون" جهڙي عظيم ڳس جو پيرو ئي ڪو نہ ڪنيو آهي. اجا هن "انت بحر دي ڪل نہ ڪائي" لڳي پيئي آهي، اهو ضرور آهي تہ رخ اوڏاهين آهي. اها ڳالهہ بهر حال سائنسي ليباريٽري تسليم ڪئي آهي تہ

ننڊ ويرياٽي هوءِ جيڏيون جم سمهو
مٿان مون جيئن پوءِ، ورن ۾ واڪا ڪريو.

تڏهن تہ VIBRATING PILLOWS ۽ SMOKE SENSITIVE ALARM ايجاد ڪيا ويا آهن.

اهي ليبارٽيون ڪشف، ڪرامت ۽ معجزن کي تسليم ڪري چڪيون آهن. هيءَ صدي NEURO SCIENCES جي صدي آهي. اهو وقت پري ڪونهي، جڏهن انهن ڪيميائي تجربيگاهن مان اهي سُرَ بہ آلاپيا تہ:

ڳلا ڪامَ ڪري، لڪيو تان نہ ٿري،
پينر شهر پنهور ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري،
جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان، سو پڙي.

اجا تائين بہ سائنسدانن لاءِ دماغ جو متاهون حصو CORTEX هڪ وڏو معمو آهي. اجا تائين بہ دماغ جا ڪيترائي NUCLEUS ۽ CENTRES آهن، جن لاءِ سائنس جا ڪتاب لکن ٿا تہ انهن جي ڪم جي خبر نہ آهي.

مٿي مضمون لکندي اگر ڪي غلطيون ٿيون هونديون تہ اهي منهنجي ڪم علمي جي ڪري هونديون. موضوع جي معتبري ۾ ڪو شڪ ڪونهي. ڪو بہ وڏو عالم هن موضوع کي ڪٽي اڳتي ۽ سٺو نباهي سگهي ٿو.

اگر ڪو صاحب هن سلسلي ۾ رهنمائي، مشورو ۽ مدد ڪندو تہ اوس قبول ڪبي، هن مضمون کي اگر ”سر ديسي جو مطالعو“ سان ملائي پڙهبو تہ وڌيڪ لطف ايندو.


حوالو:

شاهہ جو رسالو: علامہ آءِ آءِ قاضي_ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون 1993ع

ديس سيڻ ڪڄن (سر ديسي جو مطالعو) مرتب تاج جويو_ شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز_ 2005

(3) DORLANDS_ILLUSTRATED MEDICAL DICTIONARY.

(4) THE PRINCIPLES OF ANATOMY & PHSIOLOGY_ 10$^{TH}$ EDICTION.
BY (1) GERARD. J. TORTORA.
(2) SANDRA REYNOLDS, GRABOWSKI
DEPARTMENT WILEY & SONS_ INC. III – RIVERS STREAT HOBOKEN NJ. 07030

(5) SAMSON WRIGHTS APPLIED PYSIOLOGY – 13$^{TH}$ EDITION
OXFORD UNIVERSITY NEW_ YARK_ TORONTO_ 1982




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# سُر ڪوهياري ۽ سنڌي سماج جا رويا

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ اهڙو اهم ۽ موضاعاتي شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعرانه سگهه ۽ فلسفيانه شعور ڪي سنڌي سماج جي جاڳرتا لاءِ ارپي ڇڏيو. هن جي شاعري جا سڀ موضوع ۽ سڀ ڪردار اهڃاڻوي حيثيت اختيار ڪري چڪا آهن.

شاهه سائين ڪنڊ ۾ ويهي، پنهنجو پيغام ڪو نه ڏنو پر هن فڪر جي اُها واٽ ورتي، جنهن ذريعي ڪائنات جي اصولن تحت ۽ عقل ۽ الهام جي ٻه ڏڳي تي ٻيهي، سچ، سونهن ۽ سرير جي ڀيدن جي رازن ڪي ڏاڍي ڏاهپ سان شاعري جي مڃيل قاعدن مطابق پيش ڪيو.

رسالي جا موضوع گهڻا آهن پر هن مقالي ۾ مون سسئي جي ڪردار ۽ ان جي ڪارڪردگي جو جائزو سُر ڪوهياري جي حوالي سان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

لفظ "ڪوهه" معنوي لحاظ ڪان پهاڙ جبل ۽ ڏونگر ڏورڻ، پهاڙي پنڌ، آڏا اڙانگا رستا اختيار ڪرڻ وارو عمل، لطيف سائين ڪي ڏاڍو وٽيو ۽ هن تاريخ جي انهيءَ ڪردار ڪي جبلن ۾ جهاڳيندو ڏسي "ڪوهيار" يعني "پهاڙن ۾ هلندڙ" جي نالي سان منسوب ڪيو. اها مناسب جيڪا لطيف ڪي ڏاڍي وٽي آهي، اها در اصل سسئي جي ڪردار عمل جي واڪاڻ به آهي ته هڪ عورت جي سچي جذبي، لگن ۽ پاڻ ارپڻ واري سوچ جي ترجماني به آهي. هڪ پاسي سسئي جي همت، حوصلو ۽ بهادري آهي ته ٻئي پاسي ڀنڀور جي ماڻهن جي رويي، غفلت ۽ اڪيلي زال ضعيفا سان بي ڍنگي ورتاءَ جو اهڙو چٽو ثبوت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، جنهن جي آڌار تي سماجي رويـن تـي گـهـٽي تـنـقـيـد ڪـري سگهجي ٿي.

لطيف سائين، ان دور جي سماجي پسمنظر توڙي عـورت سـان ٿيندڙ جبر ۽ عورت جي قرب ڪهاڻي سُر ڪوهياري ۾ بـيـان ڪـئـي آهي. سَسئي جي ڪردار جي اهميت، جدوجهد ۽ ان سان ٿـيـل ورتـاءُ تي لطيف سائين پورا پنج سُر لکيا آهن ۽ هر سُر ۾ سسئي سان ٿـيـل ڏاڍ ۽ ڏمر کي ڏاڍي ڏکوئيندڙ انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

هر عورت عزت، عظمت ۽ پوترتائي جي لحاظ کـان نـهـايـت اتم درجي تي فائز آهي. هن جو مرتبو اهم آهي ۽ ڏاهن مـاڻـهـن وڏي احترام سان بيان ڪيو آهي. جائز طريقو بـه آهـي تـه هـڪ اهـڙي ذي روح خالق (Channel of creaction) کي جيڪڏهن نظر انداز ڪبو تـه پوءِ عقل ۽ دانش جا دشمن ناجائز طريقي سان پنهنجي خباثت ۽ بيجا رويي سان ان جي عظمت ۽ پاڪيزگي کي پائمال ڪري پيش ڪـرڻ جي ڪوشش ڪندا.

سُر ڪوهياري ۾ اسان کي هيٺين قسمن جو مضمون ملي ٿو.

1ـ مرداڻو سماج 2ـ عورت جي بغاوت 3ـ تقدير جي طاقت

4ـ روايتن سان نباهه ڪرڻ 5ـ مڙس يا ڪانڌ جي محبت

جهڙي طرح دنيا جي سڀني مذهبـن ۽ سـمـاجـن ۾ مـرد جـي حيثيت کي مڃيو ۽ مان ڏنو وڃي ٿو. تهڙي طرح سنڌوءَ جي تهذيب بـه مهذب (Civilized) ٿيڻ ڪانپوءِ عورت جي عظمت کي ڏنـدلـو ڪـنـدي، مرد جي عظمت جا گيت ڳائڻ لڳي. تهذيب جي اها روش ايـتـري تـه تيز هئي جو ان جي تاب کان اسان جا عالم، شاعر ۽ فلسفي بـه مـتـاثـر ٿيا ۽ انهن بـه عورت جي هيٺاپ، عورت جي اڌوري حيثيت ۽ عـورت جي ڪردار تي ڪوڙ سارا ڪاڳر ڪارا ڪيا ۽ اصطلاح گهڙيا.

شاعريءَ جي دنيا ۾ سنڌ خوش نصيب آهي، جو هن کي شـاهه لطيف جهڙو ارڏو ۽ سگهارو شاعر مليو جنهن گـهـڙيـل روايـتـن سـان بغاوت ڪري، اهڙا تـه اصول ڏنا، جن جي آڌار تي لطيف کـي انـسـانـي عظمتن جو پاسدار سڏيو ويو.

اديــون اگهــي آهيــان، پــرين پڇاڻــا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سي ڪوهيارا ڪيڻ ويا، ساجن سياڻا؟
سسئي سيباڻا، سي وڃي ڪيچ قراريا.

جيڪو انسان جاڳوڙ جي مقصد کي جاڻي وٺي ٿو ۽ علمي توڙي عملي طور تي جبر جي قاعدي ۽ قرباني جي مقصد کي پروڙي وٺي ٿو اُهو ڪڏهن به ۽ ڪنهن به حال ۾ ڪاهلي ڪو نه ٿو ڪري. لطيف اهڙين حالتن مان گذري چڪو آهي. مرداڻي سماج ۾ عورت وڏين ويساهه گهاتين جي ور چڙهندي رهي آهي. ساحر لڌيانوي "تلخيان" ۾ لکي ٿو ته...

مدد چاہتی ہے، یہ حوا کی بیٹی،
یشودا کی ہم جنس، رادھا کی بیٹی،
پیغمبر کی اُمت، زُلیخا کی بیٹی،
ثنا خواں تقدیس مشرق کہاں ہیں۔

سماجي طور تي عورت سان ٿيل ڏاڍائي جون ڪجهه روايتون هي آهن:

- هن جي عشق ڪرڻ واري روَش تي پابندي آهي.
- هن کي پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪرڻ جي اجازت ناهي.
- هن جي عمل کي برو پائين. ڪيس ڪاري جو ٽڪو لائي ڪهاڙين جو ٻڪ بڻائجي ٿو.
- هن کي هيٺي، نبل، نادار ۽ بي عقل ڄاڻي، سندس حيثيت کي اڌورو بڻايو ويو آهي.
- سماج ۾ هن کي پاڻ وهيٺي ڪو نه بنايو ويو آهي.

پر لطيف سائين عورت جي انهن سڀني مسئلن جي تهه تائين پهتو ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته سماج جنهن کي اپاهج ۽ هيٺو ٿي سمجهيو سا حقيقت ۾ ڏونگر جا ڏيل ڏڪائيندڙ ۽ ڇپر کي ڇمر پائيندڙ هڪ ارڏي عورت آهي.

ٽپي ڪنڌين ڪوهه؟ ڏونگر ڏکوين کي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون جي پھڻ پپ جا، تہ لِڳ منھنجا لوھ
"ھو جي پھڻ پپ جا، پچي ٿيا پورا"

سسئي ڄمنديئي مرداڻي سماج جي ڪُڏي روايتن جو بک بڻي. نائون مل (سسئي جو پيءُ) جي معاشري محض انھي ڪري ڪيس قبول نہ ڪيو جو ھڪ جوتشي (مرد) ھن جو سڱ ڪنھن غير قوم جي مرد سان ٿيڻ جي اڳ ڪٿي ڪئي ھئي. محمد ڪٿي (سندس پاليندڙ پيءُ) ڪيس انھي ڪري پنھل سان نہ پئي پرڻايو جو اھو سندن ڪڙم يا نک مان نہ ھو. پنھون سان لائون لھڻ بعد ساٽس ڏيرن جا ڏک ۽ ويساھ گھاتيون شروع ٿي ويون. پنھون ڏانھن ڪيچ ويندي ڪو بہ مرد ساٽس ساٿي ڪو نہ بڻيو. اڪيلي عورت پھڻن جا پنڌ ڪندي، ھاڙھي ڏونگر ۾ ايل پنھوار نالي پڪرار (جيڪو پڻ مرد ھو) جي ڪڏي خواھش کان پاڻ بچائيندي، پھاڙي غار ۾ ٽپو ڏئي، پنھنجو انت آندو. اھا آھي مرداڻي سماج جي گھڙيل روايتن جي ڪھاڻي، جنھن عورت جي راھ ۾ ڪٽي رڪاوٽون وڌيون تہ ڪٽي انھن کي آزاد ۽ ڇڙواڳ ڇڏيو. جيئن سماج کي ڏوھاري عورت ئي نظر اچي.

اصل ۾ مرداڻي سماج ۾ سڀ قائدا قانون ۽ روايتون مردن جون جوڙيل ھونديون آھن ۽ مرد ئي ان جو استعمال ڪندا آھن. اھڙي قباحت کي روڪڻ لاءِ الھامي سرشتو وقت بوقت ماڻھن جي شعوري مدد لاءِ ايندو رھيو. ڪن مدبر ۽ صالح انسانن تہ انھي فطري نظام جي چڱاين کي مڃيندي، سماج ۾ ان جي قبوليت لاءِ پاڻ پتوڙيو پر ماڻھن جي اڪثريت قدرت جي اھڙي قانون کي پنھنجي مطلب ۽ مقصد لاءِ استعمال ڪيو ۽ نتيجي ۾ سماجي برايون وڌيون ۽ عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ انساني تميز ۽ توقير گھٽبي ويئي.

لطيف سائين سماج جي اھڙن روشن خيال ۽ الھامي سرشتي جو پاسدار رھيو آھي. اھو ئي سبب ھو جو ھن عورت کي غلط روايتن سان بغاوت ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ ان جي جائز حقن لاءِ آواز اٿاريو. ھن عورت جي ڪچاين ۽ غلطين کي بہ ڪو نہ لڪايو. جڏھن ڏنائين تہ سندس غفلت جي ڪري پنھل کي ڪانئس ڏيرن جدا ڪيو تہ ڪيس ڇينڀيندي چيائين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُتينءَ سنجهيئي، مُنهن ويڙهي مٿن جيئن،
اوجاڳو اکين کي، جاتو نه ڏيئي،
هٿان تو پيئي، تي ڪجهه ڪيڇين ڪرين.

لطيف سائين سماجي روايتن سان نياءَ جي ڳالهه ڪئي آهي جنهن ماحول ۾ لطيف سائين جو جنم ٿيو. اهو ماحول جيتوڻيڪ عوامي سهولتن وارو ڪو نه هو ۽ انهي ئي ماحول مان ماڻهن جي مسئلن جو حل به ڪيس ڳولڻو هو. پوءِ هن چونڊ ڪئي اهڙين مروجه روايتن جي، جيڪي ڪيس عوامي فڪر کي ويجهيون هجن ۽ ماڻهن جي عزت ۽ حرمت بحال ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين.

سسئي جو مڙس جڏهن ڏيرن چنبي ڏار ڪيو ته هن پنهنجي ور سان ملڻ ۽ گڏ رهڻ جو ارادو پنهنجن مائٽن کي ٻڌايو. ڪين اهو به چيائين ته "جيتوڻيڪ منهنجا ڏير ڏنگا هئا. پر منهنجي پنهنجي ور ڏانهن وڃڻ ۾ ئي عاقبت آهي. توهان مان جيڪڏهن ڪو ساڻ هلي ته ان جا ٿورا. ٻي صورت ۾ آئون اڪيلي ئي پهڻ جو پنڌ اختيار ڪنديس" اهائي سسئي جي ادا لطيف کي وڻي جو هن سسئي کي ارڏو، مقصدي، مڙس سان پيار ڪندڙ ۽ عزم جو اهڃاڻ (Symbol) ڪري پيش ڪيو.

لطيف سائين کي هڪ پاسي پنهل جي اهڙي جدائي واري عمل ۾ سسئي جي ڪردار ۽ مڙس سان نياءَ وارو تصور به وقتائتو عزت ۽ عظمت وارو محسوس ٿيو ته ٻئي پاسي هن جي مڙس سان محبت ۽ هر حال ۾ هن سان گڏ رهڻ واري روائتي سوچ به ڏاڍي وڻي ۽ تين پاسي اهو به ظاهر ٿيو ته اسان جو وڏو شاعر اهڙين روايتن کي برو ڪو نه ٿو ڀانئين، جيڪي سماجي سطح تي ماڻهن ۾ مرتبي ماڻڻ جو سبب بڻجن:

پرتوو پنهون جو سُهائي، سياه،
منهن ڏيئي منهن آئيو رنگارنگي راه،
پهرين ڏيندا پاه، پوءِ رنگيندا رنگ ۾.

پنهنجي ڪانڌ لاءِ تڪليفون سهڻ، ڪڏهن خوشين ۾ ته ڪڏهن غمن ۾ رهڻ، اها به زندگي جي بشارت آهي پنهل وڏو ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، ان تائين پهچڻ ۽ ان رنگ ۾ رنگجڻ لاءِ اذيتن جي ڏاکڻ تان گذرڻو آهي ۽ لطيف اهڙي سوچ کي برو نٿو ڀانئين.

لطيف سائين تقدير کي بہ مڃي ٿو. هو تجربيڪار ۽ ڏاهو ماڻهو هو. ڏاهن جي ڏسن پٽن جي بہ کيس پروڙ هئي، جتي ماڻهن جا عقل بيهجي وڃن، اتان تقدير شروع ٿئي ٿي. هونءَ بہ اجا سوڌو انسان تقدير کي نہ مڃيندي بہ تقدير جي مڃتا ڪري ٿو پر ڪوشش تہ ڪرڻي آهي. سسئي جيان اڳتي وڌڻو آهي، جدوجهد ۾ ئي معراج آهي. وڌڻ سان ۽ هلڻ سان ئي ڏمر ڏور ٿين ٿا. اهو فلسفو آهي چر پر جو تہ "هتان ڪٽي هُت، جن رکيو سي رسيون" وري اهو فلسفو تقدير جي مڃڻ جو تہ:

"ڪونهي ڪنهن جو ڏوهہ، اَمر مون سين ائين ڪيو"

❋

"اي ڪرم جو ڪاڍو، نات ڀٽر ڪير ڀنڌ ڪري"

حاصل ڪلام تہ لطيف سائين سُر ڪوهياري ۾ سنڌي سماج جي سيني رخن تي سوچيو آهي. سماج جي مثبت روين جي واکاڻ ڪئي آهي ۽ منفي پهلوئن کي ننديو آهي. سماج جي روايت پسندي، تقدير پسندي، مرداڻي سماج ۾ رهندي، عورت جي جدوجهد ۽ اڳتي وڌڻ واري عمل کي مڃتا ڏني اٿس. اصل ۾ اها ساري ماجرا ۽ مڃتا لطيف جي سوچ جي اپٽار آهي. لڳي ٿو تہ لطيف سماجي ٻنڌڻن جي حصار کي دل سان مڃيو آهي ۽ ان ۾ کيس انساني فلاح ۽ ابدي سڪون بہ نظر آيو آهي.


مددي ڪتاب

❋ "ٻِتائي جرنل ـ 6 (سنڌي شعبو) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 1999ع

❋ شاهواڻي غلام محمد : "شاهه جو رسالو" آر. ايچ احمد اينڊ برادرس حيدر آباد 1960ع

❋ آڏواڻي ڪلياڻ : "شاهه جو رسالو" مڪتبہ اسحاقيہ 1990ع ڪراچي

❋ آڏواڻي ڀيرو مل : "لطيفي سئر ڀٽي برادرس حيدر آباد. 1926ع




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مريم مجيدي

# سر کوهياري جو تحقيقي جائزو

ڏرتي جي گولي تي بيٺل "سنڌ ڌرتي" ۽ ان تي وسندڙ "سنڌي قوم" بنهہ سڀاڳي چئبي، جنهن کي شاه عبداللطيف ڀٽائي جهڙو ڏاهو ۽ قومي سورمون مليو. جڏهن سائنسي دور جي ارتقائي چُرپُر تي رهي هئي، دنيا جون مڙيئي تهذيبي ثقافتون هوريان هوريان سُري ويجهو ٿي هڪ ٻئي جي قومي قدرن ۽ سماجي اثرن کي متاثر ڪري رهيون هيون. انهيءَ تناظر ۾ دنيا تي نهار وجهبي تہ ادب کي انسانيت لاءِ ارپڻ وارو نظريو مغرب ۾ گهٽو پوءِ جي ڳالهہ آهي. هي پڻ مهاڀاري جنگين جي هاڃيڪارين ۽ تباهين جي نتيجي ۾ نمودار ٿيو هو. انساني ڪوس کي روڪڻ ۽ انسانيت جي بقا خاطر سڄاڻ نظرياتي اديبن ۽ شاعرن جو بين الاقوامي محاذ ٺهيو: جنهن کي ڪڏهن جديديت (Modernism) ڪڏهن نئون (New) تہ ڪڏهن وري ترقي پسند (Progressivism) ڪوٺيو ويو. انهن مڙني لاڙن جو تت ۽ وچور هڪ ئي فلسفي تي آڌاريل رهيو آهي، يعني فاشسٽ ۽ رجعت پرست قوتن خلاف جنگ جوٽڻ ۽ پنهنجين لکڻين کي غير روايتي بنائڻ. جڏهن تہ نئين ڪنڊ ۾ ان کان اڳ سترهين صديءَ (1752_1690) جي سنگم دوران انسانيت ۽ انسان دوستي جي مڪمل آزاداڻي ارتقا جو سونهري سج، ادب جي اُڀ تي اُڀري چڪو هو. ايئن لاڪيٽي لطيف جي بيتن جو شاهڪار "شاه جي رسالي" جي صورتگري ۾ "جي تون بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين"، وارو وکر اڄ کان اٽڪل ٽي صديون اڳ. استحصالي ڌرين سان ويڙهاند جو ڏس ڏيئي ويو آهي. زندگيءَ جي ضابطن لاءِ انسانيت جا آدرشي اصول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيتن ۾ سرجي ويا آهن. وٽن فڪر جي نواڻ ۽ ٻوليءَ جي سونهن جو اڻ-ملھہ خزانو پسجي ٿو جنهن لاءِ محمد خان مجيديءَ جن چيو آهي تہ:

لطيف تنهنجا لکن جا هيرا، اسان جي ليکڻ لٽڻ جا ناهن
ڏنا خزانا اسان کي تو جي، کٽون کپايون کٽڻ جا ناهن.

شاه سائين جو سرجيل هر سُر حقيقت پسنديءَ ۽ ترقي پسنديءَ جو اهڃاڻ آهي. انساني احساسات جي دنيا "لطيف" جي دنيا آهي. جنهن ۾ سنڌ جي سموري سماجي ۽ ثقافتي تاريخ جيئري جاڳيندي ساه کڻندي نظر اچي ٿي. سچ ۽ حق جي سکيا ۽ رهبري جا دستور آهن. سيئي سُر زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن جذبي سان سرشار آهن، جڏهن تہ "سُر ڪوهياري" ۾ پاڻ ارپڻ ۽ مقصد ڪارڻ وڙول ۽ ڳولا جو ڏس ڏين ٿا. انهيءَ جدوجهد جي اڳواٽي سُکن بدران ڏکن کان ڪرائين ٿا. جيئن لطيف سائين سُر ڪوهياري ۾ چوي ٿو تہ:

سُتي پون چرڪ، آيل پاروچن جا،
پنهون جي پيڪان جون، راسيون منجهان رُڪ،
هنيم هوت ڪِرڪ، لوچان، لوه نہ نڪري.

پٽ ڌڻيءَ انقلابي عمل جي سرواٽي ڪندڙ شاعر آهي، ان ڪري پاڻ هر روايتي اثر کي ختم ڪري، هڪ نئون ۽ مثبت رُخ ڏيکاريو اٿن. جيئن عورت کي پنهنجي شاعري ۾ مرڪزي حيثيت ڏيئي، ڪين سورمي سڏيو اٿن. ان کي نلهو سونهن ۽ جمال واري روايتي علامت مان ڪڍي، عزم، عشق ۽ عظمت جي مثالي اهڃاڻ بنائي پيش ڪيو اٿن.

جنهن دؤر ۾ عورت اوپر کان اولهہ تائين رڳو هيٺائي ۽ اٽجاٽائي جو روپ ليکي ويندي هئي، تڏهن شاه سائين سسئي جي عشق ۽ عزم کي جس ڏيندي چون ٿا تہ:

"سسئي ڪيو سو جنهن مردن کي مات ڪيو."

ان ڏس ۾ سندن روشن خيالي کي اڄ جي حالتن سان ڀيٽبو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته حيرت وٺي ويندي. پاڻ سهڻيءَ کي سورمي سڏي، ان کري ساراهيو اٿن، جو هن کي پنهنجي ميهار کان ڦري زوري پرڻائي، ڏمر هٿان جائز طريقي سان ڪاري ڪرايو ويو هو. اڄ هڪ عورت "شازيه" کي پنهنجي ميهار جي محفوظ گهر ۾ ڪنهن ڏمر هٿان ناجائز نموني ڪاري ڪرايو وڃي ٿو. پر هن سنڌريل ۽ ماٺيپي واري سماج ۾ مرڳوئي ماٺار ڇانئجي وڃي ٿي. سوين عورتون جهالت ۽ ظلم جي ڪاتيءَ هيٺ روز ڪسجن ٿيون! ڪاريون ڪوهجن پيون!! مگر اهڙن ڪڌن عملن کي روڪڻ لاءِ پيو ته ٺهيو پر ڪا قانوني سگهه به موجود ناهي. اهو لاکيڻي لطيف جو وڙ آهي، جنهن صديون اڳ عورت کي تاريخي مڃتا ڏني. مارئي کي ساٽيهه جي سڪ، نوري کي نياز، مومل کي سچائي، سهڻي کي انقلابي، سورٺ کي وفا، ليلا کي بندگي ۽ سسئي کي اورچائي ۽ سجاڳي جون اڻ مٽ علامتون بنائي ازل تائين زنده ڪري ڇڏيو آهي.

سسئي جيڪا همٿ، بهادري، جاڳرتا، جاکوڙ ۽ پختي ارادي جو مثالي ڪردار آهي، جيڪا پنهنجي ڪانڌ ڪارڻ ڪنهن به تڪليف کي نه ٿي ليکي. ساجن ڪارڻ سڄ مرقبولي سسئي، ساڳي ريت عزم ۽ حوصلو اهڙو جو چوي ٿي. آڏو تڪر تر متان روه رتيون نه ٿئين. جنهن وٽ عشق اٿاه آهي. ان جي حاصلات لاءِ جبل جاڳڻ ۽ ڏونگر ڏورڻ کي پنهنجو منصب بنائي ٿي ڇڏي. شاه سائين جو هي اڪيلو ڪردار آهي، جنهن تي پاڻ سچا سارا پنج سُر: سسئي (آبري)، معذوري، حسيني، ديسي ۽ ڪوهياري لکيا اٿن. ڏٺو وڃي ته اهي سپئي سُر لاکيڻي لطيف جي شخصي جدوجهد يعني سنڌ سان عشق ۽ ان جي آجپي جي اُڪير ۽ امنگ واري مقصد جو وستار نظر ايندا. مطلب ته سسئي سنڌن علامتي ڪردار آهي. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي هر لکڻي ۾ لکڻ وارو گڏو گڏ يا ڪٿي وري پاڻ ئي موجود رهي ٿو. انهيءَ خيال جي پٺڀرائي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جن ڪيل نئين تحقيق مان به ٿئي ٿي (1)"هن تحقيق کان اڳ عام طور تي اهو سمجهيو ٿي ويو ته شاه جو رسالو سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو پر هن تحقيق جي نتيجي ۾ معلوم ٿيو ته اوائلي رسالا جيڪي شاه جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وفات ڪانپوءِ ۽ تيرهين صديءَ هجري جي شروع تائين لکيا ويا اُهي سڀ سُر سنسئي سان شروع ٿيندڙ هئا. 1207هه ۾ لکيل "گنج سلسلي جو آخري رسالو هو." (2)

ان ڏس ۾ لطيف سائين جو سنڌ سان ۽ سسئي جو پُنهون سان عشق وارو لاڳاپيل فلسفو چِٽو ٿي پوي ٿو جنهن جو ذڪر سُرسسئي کان شروع ڪيل آهي ۽ سُر ڪوهياري ۾ انهيءَ اَڏول عشق جي تڪميل لاءِ ڏونگر ڏورڻ ۽ ڏک ووڙڻ واري ارڏي ارادي جي اپٽار ڪئي وئي آهي.

پرتو پُنهون جو رڳيائي راحت،
پانئيان ڏينهن پوارئو ساڄن لاءِ صحت،
مٿي مصيبت، آهي آري ڄام جي.

ايتري قدر جو لاڪيڻو لطيف پنهنجي مجازي عشق ۾ بي خودي ۾ غشي واري ڪيفيت کي پڻ هن سُر ۾ سسئي جو عشق ۾ ننڊ ڪرڻ واري ويسلائي سان نسبت ڏيندي ڏسجي ٿو.

لڳي لڳي واءُ ويا ڍڪجي انگڙا،
پيئي ڪٺي پساه، پسڻ ڪارڻ پرين جي.

فڪر ۽ جوڙ جڪ جي لحاظ کان هي هڪڙو ئي بيت پانئجي ٿو جنهن کي ڏند ڪٿائي روايت طور ڏار ڏار ليکيو ويو آهي. هي بيت ان ڳالهه کي چٽو ڪري ٿو ڪين پنهنجي ذات جي آگاهي ۽ سنڌ جي سورن کي رهبر بڻائي "او ڪو پيو فهم: جنهن سان پسجي پرين کي" وارو احساس ۽ اتساهه سندن والد سڳوري جن جو ڏياريل آهي. ان ڏس ۾ سُر ڪوهياري جو تحقيقي اڀياس ڪبو ته ان ۾ ڪائناتي پيغام، قومي وحدت جي ٽن نڪتن تي آڌاريل نظر اچي ٿو: 1. سجاڳي 2. رهبري 3. همت ۽ پڪو ارادو. انهيءَ نقطهءِ نظر سان نهاربو ته سسئي جي ننڊ مان سجاڳي ۽ سورن کي رهبري بنائي پنهون ڪارڻ ڏونگر ڏورڻ واري حوصلي ۽ عزم جي نه رڳو پروڙ پئجي ويندي پر پٽ ڏٺيءَ جو پوڻ لاءِ ڪيل سماجي، سياسي ۽ قومي جدوجهد جو سربستو ڳجهه پڻ وائکو ٿي پوندو، وٽن سنڌ جي مستقل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آجهي ۽ وسيلن جي سنڀال لاءِ ڀهريون هٿار ”سجاڳي“ آهي. ڀاڻ ننڊ ۽ غفلت کي ننڊين ٿا. سجاڳ قومون ئي پنهنجي بقا جي منزل ماڻڻ جا سنڀاها ڪري سگهن ٿيون. ونڊر ووڙي سگهن ٿيون. ان لاءِ جاڳرتا جو سڏ ڏيندي، هن ڀر سسئي کي چون ٿا ته:

غافل غفلت ڇوڙ! تون ڪيئن، آٿاسي اوجهرين؟
ڇپاتـا چڙهـي ويـا، وڃـي پهتـا تـوڙ
نيٺين ننڊ اکوڙ جمر ورن ڀر واڪا ڪرين.

ننڊ نياڳ آهي. انهيءَ اوجهر جي اونده ڀر ڏارين ۽ دشمنن کي لُٽ مار جو موقعو مليو وڃي. هتي شاه سائين سيني طبقن کي ساڃاهه ۽ جاڳڻ جو ڏس ڏئي پيو. چوي ٿو ته آڏا ترڇا رستا ڇڏي. هڪڙي واٽ وٺو ته جيئن مقصد کان پرانهان نه ٿيو. ايئن ايڪي، ٻڌي ۽ اجتماعيت جو سبق سيکاري ٿو ۽ منزل جو تعين ڪرڻ لاءِ زور پري ٿو.

پيـون ڏيـئي پـن کـي، هلـج پاسـي هيـڪ،
ورنہ سهي ويڪ، تون، تيڏي ٿئايون ڪرين.

هاٺوڪي دور ڀر پڻ سندن اهو سنيهو منڍيءَ تي تڪ مثل پانئبو جيڪي گڏيل قومي مقصد بجاءِ پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ پيا ڪاٺون ڪيندا آهن يا سڀ ئي گدرا مٽ ڀر رکڻ جي ڪوشش ڪانئن ماڻهپي جي واٽ وڃاريو ڇڏي. تن لاءِ سندن هن بيت وڏي سمجهاڻي آهي:

اجـا تـون آ واٽ، واٽـان پاسـي ويسـري،
سونهين ٿي سواٽ، ته منجهان دل ڏگ لهين.

سنڌ جو هي عظيم انسان، اهڙي دؤر جي پيداوار آهي. جڏهن سڄو سنڌي سماج هينئر وانگر ڇڙ وڇڙ، ويڳاڻو ۽ رياستي ڏاڍ جو شڪار هو. تهذيب، ثقافت کان ويندي ٻوليءَ تائين اَيامن کان ڌارين حڪمرانن جي لتاڙ ڀر رهندي آئي هئي. سنڌ جي انهيءَ رتوڇاڻ واري تاريخي حالت جو بيان ڪندي محمد ابراهيم جويو صاحب لکن ٿا ته تقريبن پورا ٻه سئو سال (1736 _ 1520) سنڌ جا ماڻهو ايئن ارغونن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترخانن ۽ دهليءَ جي مغل حڪومت جيَ هيٺين ۾ رت پياڪ تسلط هيٺ پيسبا ۽ پٽجي ٿيندا رهيا. سندن تهذيبي زندگيءَ جو ساهہ سندن دشمنن جي مٺ ۾ گهٽبو ۽ ٻوساٽبو رهيو. سندس ذهني ۽ جسماني صلاحيتون بند هيون ۽ انهن جي هر قومي وٿ ۽ اظهار تي مٿن هٿليون ۽ بي قياس سنگينون اپيون ٿي ويون" اهي تاريخ جون بي رحماڻو حڪايتون هيون، جن جي عڪاسي جا چٽ چٽيندي هي ڏکويل ڏات ڏٽيءَ سسئي کي صلاح ٿو ڏي تہ ڏک کي وسارڻ بجاءِ هميشہ تازو رکڻ سان ئي حوصلو ۽ جرئت وڌي ٿي، جيڪا پهڻن کي بہ پوريو چڙي. ان مان سندن ڌرتيءَ جي سورن کي ساهہ ۾ سانيي سچي حياتي جاڪوڙڻ جو اپياس پڻ ٿئي ٿو.

ڏونگر ڏکوين کي، ڳل نہ سُڪا ڳوڙها،
هُو جي پهڻ پپ جا، سيَ پڄي ٿيا پورا،
گوندر جا گهوڙا، وجن جان جدا ڪيو.

جيئن سسئي لاءِ پنهون جو ڏک اٺانگين ۽ اجاتل واٽن ۾ هن جو سونهون ۽ واٽ ڏسيندڙ بنجي وڃي ٿو. هوبهو ساڳئي ريت دنيا جي هن عظيم ڏاهي ۽ اتم انسان جا سنڌين کي ڏسيل ڏس ۽ ڳس سندن رهبري ڪندا ٿا اچن. انڪانسواءِ "سور سهي هو سڀ ڪجهہ سِکيا آخر ٿي ويا پاڻ وهٽيا". وانگر سدائين ڪوڙ بد ديانتي ۽ ويساهہ گهات جي ور چڙهيل هن قوم جا ارادا اڄ بہ اڏول آهن سچاڻ ڌرين جو هاٽوڪي حالتن ۾ مڙيِ مُٺ ٿيڻ کي بہ سنڌ جي آئندي جي آسودگي ۽ آزادي لاءِ هڪ چڱائي ليکي سگهجي ٿو. ان کي شاهہ سائين جي ڏسيل ڳس تي عمل جو اهڃاڻ پڻ سڏي سگهجي ٿو.

ايئن ڪالهہ ۽ اڄ جي بحراني ڪيفيتن جي اتهاسڪ پيٽ ڪبي تہ گهٽو فرق نظر نہ ايندو. ان لاءِ تاريخ مظهرشاهجهاني جي مورخ يوسف ميرڪ جو احوال حوالي طور ڏيئي سگهجي ٿو. 3. "ملڪي انتظاميہ جو اهو حال هو جو حاڪمن جون نظرون صرف اوڳاڙي تي هيون. سندس منصف ۽ قاضي بہ حاڪم گهراڻن جا هئا. جيڪي بيلڪي نظام کي قائم رکڻ ۾ سندس هر طرح جا معاون ۽ مددگار هوندا هئا. ڪين نہ تہ مقامي زبان ايندي هئي، نہ وري ڪين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڪاني تهذيبي روين ۽ ثقافتي قدرن جي ڪا ڄاڻ هئي، راڄا ۽ رعيت ٻئي هڪ ٻئي کي سمجهڻ کان عاري هئا. شهر جي چونڪن تي عزتدار ماڻهن سان عقوبتون ڏسڻ ڪانپوءِ ڪهڙو شريف ماڻهو هوندو جيڪو ناانصافي خلاف پڪارڻ واسطي سندن عدالتن تائين ويندو. عام مسڪين ماڻهو کي ڪٿي ٿي فارسي آئي جو هو من جي مدعا بيان ڪري سگهي، ٻئي طرف هو وري ڪهڙا فرض شناس ۽ خداترس ماڻهو هئا، جو چمڙا پوش ڪري خلق خدا جي ڪا سارسنڀال لهن. البت ڪنهن سرڪاري ڪارندي سان ڪا ڏاڍائي ٿيندي هئي ته قاضي حرڪت ۾ اچي ويندو هو ۽ نمڪ خواري جو پورو پورو حق ادا ڪندو.“ هي انصاف پريو تاريخ نويس ٻٽائي گهوٽ جي ڀلاري ڌرتي سان ان وقت جي آزاريندڙ اضطرابي ۽ ڀوائتين حقيقتن کي واڪو ڪري ويو آهي. مانوارو محقق آفتاب ابڙو پڻ تاريخي حوالن سان بيان ڪندي پنهنجي ڪتاب : ”شاهه لطيف عظيم مفڪر“ ۾ وڏيڪ لکي ٿو ته:.”اهڙي صورتحال ۾ شاهه صاحب جڏهن آخوند نور احمد وٽ وڏي چاهه مان پئي پڙهيو. ان وچ ۾ وڏا واقعا ٿيا، جن شاهه صاحب جو اندر اڌ ڪري ڇڏيو. انهن مان هڪ سندس ساٿي ۽ هم فڪر شاهه عنايت جهوڪ واري جي شهادت (1718ع) پيو واقعو (1740) نادر شاهه جو حملو هو جنهن سنڌ جي پوري سماجي ڍانچي کي لوڏي ڇڏيو... قومي وحدت جي سڌ تي جيڪي وِيا سيي ڀڳا ڀڳا ٿي ويا. اهڙي نموني وري احمد شاهه ابدالي (1748ع) سنڌ تي هلان ڪري آيو. ان به ٿهري ڪارروايُن ۾ ڪا ڪسر ڪا نه ڇڏي، اتر سنڌ ۾ ڪهڙن وٽ سنڌ جي عاشقن کي سوڙهو ڪري نماز دوران وار ڪري شهيد ڪيو ويو. سندن لاش هفتي تائين مسجد ۾ پيا رهيا. اهي اهڙا حادثا هئا، جن شاهه لطيف جو وهڻ وه ڪيو ڪيس ڏونگر ڏورڻو پيو4.“ انهن حالتن جي ڏک ۽ پيڙا جو پڙلاءُ لطيف سائين جي هنن سٽن مان پرکي گهجي ٿو.

ڳائي نه وائي، اديون! آريچن جي،
ڪنهن ۾ ڪمي لنگهيان، جبل جها جهائي،
جيڪس واجهائي، هاٺي مرنديس هوت لئه!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ سچي ڳنڀير ۽ افسوسناڪ صورتحال جي پس منظر ۾ ڏسبو تہ شاه جهڙي حساس ۽ انسانذات جي هڏ ڏوکي ڏاهي جو ظهور ڪنهن فني يا ادبي لاڙي ۽ نظرئي جي نتيجي ۾ نہ ٿيو پر پاڻ ديس جو درد محسوس ڪندڙ هڪ سچو ذات ڏٺيءَ آهي، جنهن جي ڌرتي صدين تائين ڌارين ۽ پر مارين جي سفاڪين جا سور سهندي رهي آهي. ارغون، ترخان ۽ مغل حڪمرانن جا هن پيٽي تي انتهائي بي رحماڻا باب لکيا ويا آهن. ارغونن ۽ پورچو گيزين هٿان ٺٽي کي باهيون ڏيڻ ۽ عام ڪوس ڪرائڻ، نادر شاه ۽ احمد شاه ابدالي جا حملا، شاه عنايت کي شهيد ۽ مخدومن جو ڪوس ڪرائڻ، اڻ ڳڻين ظالماڻن روين ۽ زميني حقيقتن سندن شاعري کي غير روايتي بڻايو آهي. سچ، جاڳرتا ۽ قومي انقلاب جو درجو عطا ڪيو آهي. پاڻ اٽڪل ڏهن سالن جا هئا جو سنڌ تي سنڌي راڄ يعني ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿي هئي. پر اها بہ پوري ريت پاڻ پيري ٿي نہ سگهي هئي. ايچ ٽي سورلي ڪلهوڙا دؤر جي انتظامي حالتن متعلق لکي ٿو تہ. "اهڙي ريت غلام شاه ڪلهوڙي واري سنڌ ڪنهن ٿوري سڌاري ۽ ترقي جي فرق ڪانسواءِ اڪبر، جهانگير، شاهجان ۽ اورنگزيب سنڌ کان مختلف ناهي. 5"

لطيف سائين کي پنهنجو قومي فرض نڀائڻو هو. ان ڪري پاڻ جتي مخدوم معين ٺٽوي، سلطان الاولياءِ محمد زمان، شاه عنايت جهوڪ وارو، ميان صاحبڏنو ۽ مدن ڀڳت وغير جهڙن عالمن ۽ اڪابرن سان ملاقاتون ڪري سنڌ جي حلاتن لاءِ ويچاريو اٿن. اُتي سچي سنڌ، اتر، لاڙ ٿر ۽ ڪڇ سوڏو سفر ڪري، ملڪي مشاهدو ۽ وايو منڊل جو واءُ ساءُ پڻ ماڻيو اٿن. ملتان ۽ هنگلاج تائين سندن پيرا پهچن ٿا. سسئي جي سورن کي روح جي گهرائين ۾ اوتڻ لاءِ پنهور ڪان ويندي سسئي جي قبر تائين ڪوه جي مڙني مفاصلن ۽ ڪشالن کي ماپيو ۽ جاچيو اٿن. جيئن سسئي جي سُرن ۾ ان تان وهندڙ واهرندڙ هر لمحي جي ڏک ۽ تڪليف سان انصاف ڪري سگهن. ان سلسلي ۾ بدر ابڙو پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ "جيڪڏهن لطيف سئسي جو پير کڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ان جو مطلب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو ٽيو تہ پنهور کان نئہ گهگهر وٽان ٽيندو، درساٽي ڇني وٽان لنگهي پپريءَ واريون ٽڪريون لنگهي نئہ سُڪڻ ٽپي ملير ندي ٽپيو آهي. ان کان پوءِ ڊملوٽيءَ واري ماڳ کان بند مراد وٽان ٽيندو سسئي جي قبر تائين وڃي پهتو هوندو.6“

سسئي لاءِ پنهون جو وڇوڙو پپ ۾ پير پٽون ڪرڻ جو سبب بنيو. ساڳيو لقاءُ شاه سائين جي سک ڦٽائڻ جو ڪارڻ پڻ بنجي وڃي ٿو. پوءِ بہ وٽن فولادي عزم آهي. ڏونگر ۾ ڏاڍن ڪي للڪارڻ جي سگهہ رکن ٿا. اهو پڪي ارادي وارو روحاني فلسفو آهي، جيڪو مشڪل حالتن ۾ مسلسل جاکوڙ ڪرڻ لاءِ انسان کي اتساهي ٿو. ايئن جيترا سور سگهارا، حوصلو بہ اوترو وڌي ٿو. انهيءَ ڪائناتي سچ کي سمجهائيندي لطيف سائين چون ٿا تہ:

تپي ڪندين ڪوه؟ ڏونگر! ڏکوين کي،
تون جي پهڻ پپ جا، تہ لڱ منهنجا لوه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ امر مون سين ائن ڪيو.

لاکيڻي لطيف وٽ سنڌ جي سورن جو ثمر هو جن سندن جاندار فڪر کي جاڳ جو اهڃاڻ ۽ قوت بخشيندڙ الهامي ذات کي عالمگيريت عطا ڪئي، جيئن تہ پاڻ پولي ۽ موسيقي جا ماهر هئا. ان ڪري پنهنجي پيغام کان سنڌ جي نئين سر تعمير لاءِ جاڳرتا جو ڪم ورتو. سنڌ خلاف ٿيندڙ سيني سازشن ۽ هاجن کي منهن ڏيڻ لاءِ همٿائي ٿو. انسانيت سان عشق جو سبق سيکاري ٿو. پاڻ جڏهن شاه عنايت جي شهادت تي چون ٿا تہ ”جهجان پسي جهوڪ، آيل سنگهارن جي،“ انهيءَ مان سنڌ جي انتهائي اون جو انومان پسجي ٿو. هي عظمت پريو ذات ڏٺيءَ سنڌين کي هڪ سگهاري قوم بنائڻ لاءِ سانباهي ڪندي، سڀ کان پهرين نج نياري سلوٽي ۽ سپاويڪ سنڌي يعني عوام جي ٻوليءَ کي پنهنجي شاعري ۾ ڪتب آڻي ٿو. ڌارين ۽ مصنوعي طريقن کان آزاد رکي پنهجي شاعري جي تاڃي پيٽي کي عام سان لاڳاپيل تشبيهن، تجنيسن، محاورن ۽ تمثيلن سان سينگاري عوام ۾ مقبول ڪري ڇڏي ٿو. اهڙي نموني قومي شعور کي جيئارڻ جا جتن ڪندي رزميہ انداز تي موسيقي ڳائڻ کي وجود ڏئي ٿو. تڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهر جهنگ، هر وستي واهڻ تائين سنڌن پيغام جي پهچ ممڪن ٿي پوي ٿي. جڏهن نـه رستا هئا، نـه ڪي رسالا، اخبارون ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو وجود بـه ڪون هو پر شاهه جي انقلابي ڪلام جو ڏاڪو هر عام ۽ خاص جي دلين کي متاثر ڪري رهيو هو. سنڌن انقلابي تخليق جو اُتهاسڪ ڳانڍاپو اڳي کان هاڻي تائين انساني تاريخ جي سماجي، سياسي ۽ معاشي حالتن جي ارتقائي سلسلي سان هر حال ۾ قائم رهندو اچي. سنڌن فلسفياڻو ۽ جمالياتي فڪر هر دؤر ۾ هڪ نئين سطح تي بيٺل نظر اچي ٿو. پاڻ اهڙي طبقي جا اڳواڻ شاعر آهن، جنهن کي اڄ جي اصطلاح ۾ "عوامي شاعر" ڪوٺجي ٿو. پنوهار پورهيت، هاري، هنرمند، سچار سخي، ڏوتي، ڏاتار، وڻجارا، سامي، ڪاهوڙي، سوڍا، جوڌا ۽ سنڌ ڄايون سنڌن ذات جا مکيہ ڪردار آهن. جن کي پاڻ سُر ڪوهياري سان رهبري ڪندي اجگہ، ارڏائي ۽ اٽل ارادي جو پيغام ڏين ٿا. عشق جو اعليٰ ۽ ارفع تصور ڏيندا نظر اچن ٿا. سنڌن مهانتا اها آهي جو پاڻ ڌرتي جي انسانن جو ڌرتي جيڏو شاعر آهي.

حوالا:


1. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو- مهراڻ سيارو 2005ع سنڌي ادبي بورڊ - مقالو: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو جامع مستند ۽ معياري متن ص 22.
2. محمد ابراهيم جويو... شاهه سچل سامي- سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد سنڌ ص49
3. يوسف ميرڪ- "تاريخ مظهر شاهجهاني" - سنڌي ادبي بورڊ 1978ع ص 271.
4. آفتاب ابڙو- ماهوار "پيغام" مارچ 2005ع ڪراچي- سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي. مقالو شاهه لطيف جو قومي ڪردار ص 36_ 37
5. ايچ- ٽي- سورلي- ڀٽ شاهه، سنڌيڪا اڪيڊمي 1992ع ص- 40.
6. ممتاز مرزا- لطيفي لاٽ- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز- ڀٽ شاهه حيدرآباد. مقالو: قدم ڪاپڙي جا- ص- 69




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيف الله خالد يوسفاڻي

# سر ڪوهياري ۾ ڏکن ۽ سورن جون ڪيفيتون

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جتي پنهنجي بي مثال شاعري ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ سنڌ سان وابسته لوڪ داستانن ۽ سنڌ جي تاريخي ڪردارن کي زنده ڪيو آهي، اتي هن انسان سان پيش ايندڙ حالتن ۽ ڪيفيتن، ڏکن ۽ سکن جي به حقيقي انداز ۾ اپٽار ڪئي آهي.

ڏک ۽ سور ڇا آهي؟ ان بابت جديد طبي سائنس ڇا ٿي چوي؟ اچو ته ان بابت جديد علوم طب جي ماهرن جي راءِ ڏسون:

"سور ڪنهن اندرين تڪليف يا تحرڪ کي ڳولڻ سان، منسلڪ آهي" (ڪو سٽئنزو) (1)

يعني سور يا ڏک اها تڪليف آهي، جيڪا انسان جي جسم کي نقصان پهچائڻ واري محرڪ جي نشاندهي ڪري ٿي ۽ پيش ايندڙ خطري جو اطلاع ڏي ٿي. پوءِ اهو نقصان انساني جسم سان وابسته هجي يا ان جي روحاني احساسن سان لاڳاپو رکندڙ هجي! جسماني درد جو احساس، جسم کي پهچندڙ زخم يا مرض سان ٿئي ٿو جڏهن ته روح يا من کي تڪليف وري اندر جي خواهش ۽ شوق جي ابتڙ ٿيندڙ عمل سان ٿئي ٿي. ڳالهه وري به وڃي اها بيٺي ته ڏک، ڏکندو يا سور اهو سونهون آهي، جيڪو انسان کي نقصان ۽ روڳ کان آگاهه ڪري ٿو. اها ساڳئي ڳالهه لطيف سرڪار به ڪئي آهي:

"آريءَ جو اهڃ، مون رهنما راهه ٿيو."

يوناني فلسفين ڏک يا سور بابت راءِ وري هن ريت ڏني آهي،

"ڏک انسان جي اندر ۾ هڪ خاص ڪيفيت پيدا ڪري ٿو ۽ ان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجاري ٿو." (2) ساڳئي ڳالهہ پٽ ڏٺي هن ريت ڪئي آهي:

"جو نجس نڪاري، سو پنهون وڏم پانڌ ۾."

اندر جو ڏک، ان وقت ڪر ڪڍندو آهي، جڏهن اندر جي چاهہ ۽ شوق جي ابتڙ عمل ٿيندو آهي. عشق جو درد بہ ان ويل باهہ بڻجي پڙڪي اٿندو آهي، جڏهن محبوب جدا ٿي ويندو آهي ۽ فراق دل کي ڦٽي ڦارون ڪري وجهندو آهي. دنيا جي عظيم مفڪر "ارسطو" جي ان ڏس ۾ راءِ ڪجهہ هن ريت آهي تہ "وڇوڙو ۽ فراق ڏک پيدا ڪري ٿو." (3) سسئي جي اندر ۾ بہ محبوب جي جدائي ۽ فراق جو ڏک آهي.

"ڏيئي ڦوڙائو ويا ويچاريءَ سپرين"

سسئي جي سورن جو ڪارڻ پنهونءَ جو فراق آهي، ڇاڪاڻ تہ پنهون سندس من جي پسند ۽ چاهت آهي، جنهن جو حصول هن لاءِ باعث سرور ۽ سک آهي. جڏهن تہ سندس جدائي هن جي من جو مرض ۽ ڏک ۽ سور آهي.

"پڇاڻان پرين، اديون اڳهي آهيان."

يا

"هاٽي هن پنيور ۾، گهاريان ڪارڻ ڪن."

پنهونءَ جي جدائي ۾ سسئي اڳهي بہ ان حد تائين ٿي پئي آهي، جڻ سندس بدن جا سمورا عضوا ڏار ڏار ٿي پيا هجن، دردن جڻ تہ سندس سموري جسم کي مروڙي وڌو هجي.

"ستي پون چرڪ، آيل پاروچن جا،
وَڙِ وهائي ووءِ ڙي! ڪوهياري ڪرڪ،
ڏڙ ڏوٽيو تنهن ڏک، جڏيءَ جيئڻ نہ ٿئي."

يا

"اديون اوٺيڙن، هينئن سين هاجو ڪيو."

هينئين سين هاجي مان مراد اها ٿي ٿئي تہ دل ڪان جڻ ڪنهن سموري سگهہ ڪسي ورتي هجي! جنهن جي ڪري ڪم ۾ رڪاوٽ پئجي سخت تڪليف جو احساس پيدا ٿيندو هجي. جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل جو ڏک ۽ سور جي شدت سبب اهڙو حال هوندو تہ دل مان ازخود هن نموني سان آهہ نڪرندي تہ:

"گوندر جا گهوڙا وچن جان جدا ڪيو."

يعني اندر جي تڪليف ايتري تہ شديد ۽ ڏکوئيندڙ آهي، جو جسم جا سمورا عضوا حرڪت ڪرڻ کان لاچار آهن. سڄو بدن چڻ تہ ڪوري ۾ پري رهيو آهي. عشق جي باهہ رڳن ڪي ساڙي رک ڪري ڇڏيو هجي. عشق آهي ئي سراسر باهہ. اهڙي باهہ جيڪا محبوب کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ذريعي سان نہ وسامي سگهي. "حضرت شيخ محي الدين اڪبر العربي" عشق جي باهہ بابت فرمائي ٿو.

ترجمو: "عشق الله تعالىٰ جي پڙڪيل باهہ آهي، جنهن جو پرڻ بہ دلين تي آهي ۽ ان جو اثر بہ دلين تي آهي." (4)

لطيف سرڪار بہ عشق کي باهہ سڏيندي "سر ڪوهياري" ۾ ان جو اظهار ڪجهہ هن نموني سان ڪيو آهي تہ:

"ڪوهياري جو ڪو اچي سور اُڌميو

يا

ڏونگر سي ڏورينديون، جن اندر آڳ پري."

حضرت مولانا رومي رحہ عشق جي ان باهہ جو خاڪو وري هن ريت پيش ڪيو آهي:

ترجمو:

"منهنجا قلب ۽ جگر عشق جي باهہ ۾ پري رهيا آهن. جيڪڏهن توکي يقين نٿو اچي تہ هن باهہ کي ويجهو اچي ڏس. آءٌ شعلن ۽ تانڊن جي وچ ۾ هلان پيو. منهنجا قلب ۽ جگر سيخ ۾ پوئيل ڪباب وانگر جلي رهيا آهن." (5)

عشق جي ان باهہ سسئيءَ کي اهڙي هيٺي نستي ڪري وڌو جو سندس سرتين ۽ ساهيڙين کي بہ مٿس رحم اچڻ لڳي ٿو ۽ اهي ڪيس همدردي سان گڏ پنهون کي وسارڻ لاءِ سمجهائين ٿيون ۽ درد جي سمنڊ مان نڪرڻ لاءِ ڏتارين ٿيون. مگر جنهن جي اندر ۾ عشق جو آڙاهہ پڙڪندو هجي، ان کي ڪٿي ٿو دم دلاسن ۾ آرام اچي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرتين کي سورن جو حال ﭙڌائيندي چوي ٿي تہ اوهين سکڻ جون پيلياٽيون آهيو. اوهان کي کهڙي کل تہ مون ڏکن ماريءَ جي دل ۾ سورن ڪيئن اچي ديرو ڄمايو آهي. لطيف سرڪار ان درد ڀرئي منظر جو خاڪو ڪيڏي نہ حقيقي انداز ۾ چٽيو آهي تہ:

"اچيو اچيو چون، ويهہ ويا تان گهوريا،
سرتين سانگ سکڻ سين، مون جيئن رت نہ رون،
اوءِ مر ويئيون هون، مون ساڱاتو سور تيا."

"رت رئڻ" درد جي اها شديد ترين ڪيفيت آهي، جنهن ۾ انسان جي رڳ رڳ سراپا سور بنجي ٿي وڃي ۽ ڪيس خود پنهنجي بيوسي ۽ لاچاري تي قياس اچڻ ٿو لڳي. سسئي جي بي وسي ۽ لاچاري جو حال بہ ڪجهہ اهڙو ئي آهي.

"ريءَ قريبن قوت ڪيو ويٺي ورهہ چران،
ان عذابان اڳ ئي مادر ڄو نہ مران،
اڍيون جو نہ اوهان، سو مون سور سرتيون."

بظاهر تہ سسئي سان ڏاڍ ڪندڙ ان جا ڏير ئي آهن، جيڪي دوکي سان پنهونءَ کي کڻي تا وڃن. مگر هن درد وندي جي درد جو ڪمال، عشق جي سچائي ۽ اندر جي نفاست تہ ڏسو! جيڪا پاڻ سان ٿيندڙ سڄي اندره جو ڏوهہ پنهنجي سرتي تي کڻي ۽ پنهونءَ ۽ سندس پائرن تي هڪ حرف شڪايت جو نٿي آڻي: سڀ ڪجهہ پنهنجي، غفلت ۽ ننڊ ڪان ٿي سمجهي ۽ تقدير ڪانڻ ٿي پائنئي.
لطيف سائين ان ڏس ۾ فرمائي ٿو تہ:

"جڏهن ستيون جي، پٽر پير ڏگها ڪري،
تڏهن تنين ڪي، ستي ئي ڇڏيو"

يا

پنهونءَ سين پياءِ، ٿي نياڳي ننڊون ڪرين،
ڀانهي ڇايو پاڻ تي، سڄيون راتيون سمهين.

پنهنجي ڏک کي نصيب سان منسلڪ ڪندي وري هنيئڻ ٿي چوي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، امر مون سين ائين ڪيو.

يا

ايءَ ڪرم جو ڪاڏو نہ تہ پٽر ڪير پنڌ ڪري.

درد جي اها سنگين ڪيفيت، جنهن جو تصور ئي ڏاڍو ڀوائتو ۽ دل کي ڏاريندڙ آهي، جنهن جو مثال اجوڪي دور ۾ ڪٽي ائٽمي سگهه کي چئجي، ايڏي خطرناڪ ۽ ڌهڪاءُ پکيڙيندڙ سگهه جنهن جي خيال اچڻ سان ئي انسان جو وجود لرزي پئي. اها سگهه جيڪا ڌرتي تي قيامت برپا ڪريو ڇڏي، وڻ ٽڻ جلايو خاڪ ڪريو ڇڏي، جبلن کي پرزا پرزا ڪريو ڇڏي ۽ ڌرتي تان حياتي جو نالو نشان ختم ڪريو ڇڏي. سهڻي لطيف انهي سگهه جي تپش ۽ باهه کي سسئي جي درد ۾ ڪيڏي حقيقي انداز ۾ سمايو آهي تہ:

"حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
تہ لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوپڙ ايري ڪين ڪي."

يا

" تاڪر تڪي ڪا نہ جبل سڀ جلي وڃي"

هر ساهواري جي اها فطرت آهي تہ هو پنهنجي تڪليف کي دور ڪرڻ جا گسَ ڳولي ٿو ۽ ان ڏس ۾ خوب هٿ پير هڻي ٿو ۽ سر ٽوڙ جستجو ڪري ٿو پوءِ جيتري تڪليف سخت هوندي تہ جستجو بہ اوتري جاندار هوندي، چاڪاڻ تہ مرض تڏهن ڇڏيندو، جڏهن ان جو صحيح علاج ٿيندو. هتي اسين سور جي علاج جي سلسلي ۾ وري جديد طب جي سائنسي تحقيق جو سهارو وٺندا سون، جنهن موجب سور دفاعي عمل طور ڪم ڪري ٿو ۽ متاثر کي مجبور ٿو ڪري تہ هو پاڻ کي سور پيدا ڪندڙ ذريعي کان پري ڪري يا پڻ ان کان پري ٿئي (ڊورلينڊ)

ان صورتحال ۾ سسئي جو پنهي حالتن ۾ هڪڙو ئي چارو آهي. اهو آهي پنهونءَ جو حصول. پنهونءَ کي پائڻ جو رستو پنهونءَ جي پٺيان وڃڻ ئي آهي جيڪو بظاهر سسئي لاءِ ڏکيو ۽ پرخطر آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ليڪن سور جي سٽ ڪيس ان اڙانگي ۽ خطرن سان پريل راھہ ۾ ھلڻ لاءِ پرعزم بنائي ٿي ڇڏي ۽ ھن لاءِ ويراني ۽ سڄ بہ وسندي ٿيو ٿي پئي.

"سڄ وسندي تن ڪي، جوش جلايا جي"

عشق جي جوش جلايل جو علاج ھٽ جي ڳڪين ۽ طبيبن جي دوائن ۾ ناھي پر سڄڻ جو ديدار ئي درد جو دافع آھي.

"ويڄنئون ويئي، ٿي وھيٺي سڄڻين"

يا

ڪينئن جيئنديس جيڏيون، سور پريان جي آئون ماري

جديد طب جا ماھر سور لاءِ ھڪ مخصوص محاورو استعمال ڪندا آھن تہ سور ڪي ماريو انڪان اڳ جو سور سوراتن ڪي ماري يعني سور پيدا ڪندڙ ذريعي ڪي ھٽايو جيڪڏھن اھو تڪليف واري ھنڌ تان نہ ھٽيو تہ نقصان ڪندو ۽ حياتي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندو. سسئي بہ فراق جي روڳ ڪي ختم ڪرڻ لاءِ رڻن ۾ رلي، جبل جھاڳي ٿي ۽ دل جي درد جي درمان ڪارڻ سورن ڪي سامھون ٿئي ٿي. جبل جا اڙانگا پنڌ ۽ پيچرا اوکيون لاھيون ۽ چاڙھيون ھر طرف سڄ ۽ رڃ جو راڄ اتي پيرن اگھاڙي ۽ سورن ھاٺي سسئي جو حال ۽ ڏونگرن جي ڏاڍ جي منظر ڪشي پٽ ڏٽي ھن ريت ڪئي آھي تہ:

"ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن اندر تيئن وھين جيئن وڻ وڍي واڍو"

جيڪا تڪليف ڪنھن زندہ جسم ڪي ڪرٽ ڪھاڙي جي وڍڻ سان ٿئي ٿي اھا ساڳي تڪليف لطيف سرڪار سسئي جي وجود ۾ ٿيندي ڏيکاري آھي. ڦٽيل پيرن سان جبل جي ڪشالن ۾ سندس ڏک ۽ بي وسي جي پڪار بہ ڪيڏي نہ رنج پري آھي تہ:

"واڪو ڪنديس ووءِ، مون سان جبل ٿو جاڙون ڪري."

يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڏونگر ڏک سندياءِ پرين ڳڏجان تہ چوان“

جڏهن دانهن ۽ ڪوڪن مان آرام نٿو مليس تہ وري جبل کي آزيون ۽ منٿون ڪري چوي ٿي تہ اي جبل مون سان ايڏا ويل نہ وهاءِ! آءٌ تہ اڳ ۾ ئي ڏکن ۾ ڏٽي پئي آهيان. سک تہ مون ڏٺائي ڪو نہ آهن. تو کي مون نماڻي کي ڏکوئڻ مان ڇا ملندو!

”ڏونگر مون نہ ڏکوءِ، آءٌ اڳ ڏکوئي آهيان،
ساريان ڪو نہ سکوءِ، سور گهٽيئي سنيران“
يا
”ڏونگر ڏک پئي، تو سان ڪيم ڳالهڙي
پاٽان آءٌ مئي، سور سٽائي پرين جو“

ڏونگر جي انهن ڏاڪڙن ۾ سندس ڪيفيت اها وڃي بيٺي آهي، جو جبل کي پئي سيڪاري تہ ڏک وارن سان ڪهڙي نموني همدردي ڪجي:
”ڏونگر ڏکويلن کي دلاسا ڏجن،
گهٽو پڇجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪيئن سندا تن، پَهڻ پير ڏکوئين.“

هڪ ڪمزور ۽ لاچار عورت جبل جي پوائتين تنهائين ۾ اڪيلي هجي ۽ سندس چوطرف اڻ جاتل انڌيرن جي خوف جو راڄ هجي تہ اهڙي ماحول ۾ سندس ڏکن ۽ دردن جو ڇا عالم هوندو! سندس درد پرين دانهن ۽ ڪوڪن ۾ غم جي ڪيڏي قيامت سمايل هوندي. ان الم انگيزي روح راڙي جو آس پاس جي ماحول تي ڪهڙو اثر ٿيندو هوندو. ان ڳالهہ جو نظارو لطيف سائين اهڙي تہ سهڻي ۽ حقيقي نموني سان چٽيو آهي، جو پڙهندڙ کي محسوس ٿو ٿئي تہ جڻ سسئي سان گڏ سمورو جبل ۽ پر پاسي وارو سمورو ماحول دانهون ۽ ڪوڪون ڪري رهيو آهي ۽ سسئي جو درد روئي رهيو آهي:
”ڪي جي ڪڍيا پار ڏکي ڏونگر پاڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سُـٽي سـا تنـوار، مـرون پيـا مـامري"

يا

"پٺي ويٺا رون، ڏکي ڏونگر پاڻ ۾"

ايڏين سختين ۽ ڪشالن جي باوجود سندس عشق جي آڳ ۽ اندر جي اڪير ۾ ذري برابر فرق نٿو اچي ۽ ڦٽيل پيرن ۽ هيٺڻ حالن سان سندس قدم منزل طرف روان آهن. پٿرن ۽ پهڻن ڪي پيرن سان پروڙيندي ڏاڍ جي ڏونگرن کي ڏاريندي، سندس ڪيچ ڏانهن ڪاهڻ جاري آهي.

ڏونگر ڏکوين کي ڳل نہ سکا ڳوڙا،
هو جي پهڻ پٻ جا پچي تيا پورا.

سندس حوصلو ايترو تہ مضبوط آهي جو ڏونگر کي للڪاري چوي ٿي تہ:

تـپي ڪنـدين ڪـوه ڏونگـر ڏوڪـوين کـي،
تو جـي پهـڻ پـٻ جا، تـہ لـڱ منهنجا لوهـ.

مطلب تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهـنجي لازوال ڪلام وسيلي سرڪوهياري ۾ سسئي جي حوالي سان ڏکن ۽ سورن جون جيڪي ڪيفيتون ۽ حالتون بيان ڪيون آهن، انهن جي پڙهڻ سان ايئن ٿو محسوس ٿئي جڻ پڙهندڙ خود درد جي ان اڻ ڪٿ سمنڊ ۾ غوطا کائي رهيو آهي. اهائي لطيف سائين جي ڪلام جي خوبصورتي ۽ ڪمال آهي. جنهن کيس دنيا جي مڙني شاعرن کان مٿاهون مقام بخشيو آهي.

حوالا


1. *مقالو "سور جي سائنس" ليکڪ ڊاڪٽر اسد جمال پلي ڪتاب "ديسي سيڻ ڪجن" صفحو نمبر 46 ـ مرتب تاج جويو ڇپائيندڙ شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ سال 2005ع.*
2. *شاهہ جي رسالي جو مطالعو "غم جو فلسفو ۽ سر رپ" ليکڪ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صفحو نمبر 99 ڇپائيندڙ مهراڻ اڪيڊمي سال 2005ع*




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

3. ايضا
4. لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساڃاهه صفحو 90 ليکڪ محمد حسين ڪاشف ڇپائيندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه سال 2005ع.
5. مقالو"شاه لطيف جو قومي ڪردار" ليکڪآفتاب ابڙو، ماهوار پيغام، مارچ 2005ع، اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ.
6. مقالو "شاه عبداللطیف بھٹائی اور مولانا رومی"ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر رضا مصطفيٰ ڪتاب سر سورٺ جو مطالعو صفحُ 120 مرتب تاج جويو ڇپائيندڙ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه سال 2005ع.
7. "شاهه جو رسالو" ترتيب علامه آءِ آءِ قاضي ڇاپو ٻيو ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ صفحو 485 کان 508 تائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سليم پٽو لطيفي

# سر سسئي ڪوهياري جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

شاه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جي ادبي ڪيتر ۾ اهڙو عظيم شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ هڪ ئي وقت انيڪ موضوع موجود آهن. امن ۽ انقلاب، قوميت ۽ انسانيت، مذهب، معيشت، انفراديت ۽ اجتماعيت، تصوف ۽ تدبر شاه سائين جي شاعري جا حاوي موضوع آهن. شاه سائين دنيا جو پهريون انقلابي، عوامي ۽ عالمي صوفي شاعر آهي. هن جو ثبوت اهو آهي ته شاه سائين اهي واحد شاعر آهن، جن جي ڪلام جو گهڻو حصو سنڌ جي اڻپڙهيل ماڻهن کي ياد آهي ته جيئن قرآن ۽ حديث به اڻ پڙهيل ماڻهن کي ياد آهي. جيئن حضور ڪريمﷺ جن جي سنت مسلمانن جي روز مره جي زندگي جي ننڍي وڏي عمل ۾ شامل آهي. تيئن وري شاه سائين جي شاعري جا ڪيترائي بيت ۽ بيتن جا فقرا اسان جي روز مره جي عملي زندگي ۾ محاورن ۽ چوڻين طور شامل آهن. جيئن حضور ڪريمﷺ جن جي اسلامي تعليمات جو نتيجو سنڌن ئي زندگي ۾ ظاهر ٿيو تيئن لطيفي فڪر جي لاٽ سنڌ ۽ سنڌين جي لاءِ ڇئن صدين جي طويل غلامي کان پوءِ آجپي ۽ آسودگي جو سبب بڻي. هي نه رڳو ڪارِ نبوت جي سر انجامي جو بهترين نمونو آهي پر پوري انسانيت لاءِ امن ۽ آجپي، آسودگي ۽ انسانيت جو عالمگير پيغام آهي. هن فڪر ڦرهي جو بنياد يعني صورتخطي، لغت ۽ ڪٿل سٽن ۽ بيتن جي ڇنڊ ڇاڻ ٿيڻ ضروري آهي. ائين نه ڪرڻ سان تشريح ۽ تحقيق، معنائون ۽ معرفت جا موتي پنهنجي اصلي صورت ۾ حاصل ٿي نه سگهندا، ڇاڪاڻ ته بنياد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غلطي ايندڙ هر عمل کي غلط رخ ۾ وٺي ويندي. مقالي ۾ سر سسئي ۾ ڪوهياري جي اهڙن بيتن تي بحث ڪجي ٿو جن ۾ ڪنهن نه ڪنهن قسم جي سڌارن جي گنجائش محسوس ٿئي ٿي جيئن سر جو هڪ بيت آهي:

پر توو پنهونءَ جو ڪي ڇائين ڪي اُس،
قريباٽي ڪُس، آهي ڪر پکرڙي.

| | صفحه نمبر |
|---|---|
| 1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 337 |
| 2. غلام محمد شاهواڻي | 425 |
| 3. غلام مصطفيٰ قاسمي | 377 |
| 4. مرزا قليچ بيگ | 377 |
| 5. عثمان علي انصاري | 354 |
| 6. علامہ آءِ آءِ قاضي | 499 |
| 7. گربخشاڻي | 347 |
| 8. بمبئي | 230 |
| 9. ٽرمپ | 396 |
| 10. گنج | 82 |
| 11. حاجي پانهون خان شيخ | 257 |

مٿيون بيت بمبئي واري رسالي ۽ حاجي پانهون خان شيخ واري رسالي کان سواءِ باقي سڀني رسالن "ڪَر پَکَرڙي" لفظن سان لکيل آهي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهن لفظن جي معنيٰ لکي آهي ته "محبوبن جي سختي ۽ آزمائش واري روش ائين آهي، جيئن ويچاري ڇيلڙي لاءِ ڪوس" صفحه نمبر 337، جڏهن ته 1867 واري بمبئي ڇاپي ۾ هن بيت جي صورتخطي درست لکيل آهي ۽ وري به جس هجي حاجي پانهون خان شيخ صاحب کي جن 134 سالن کان پوءِ بمبئي واري ڇاپي جي درست صورتخطي کي اختيار ڪيو ۽ سنڌن 2001 واري پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ بيت درست لکيو ۽ معنيٰ لکي اٿن "مصيبت، ايذاءُ، ڦهر" صفحه نمبر 357 هاڻي بيت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

درست پڙهڻي هن طرح آهي، لفظ آهي:

پرتوو پنھون جو ڪي چانئين ڪي اُس،
قريباڻي ڪُس، آهي ڪَرِبَ ڪَرَڙي.

ساڳي طرح سر ڪوهياري جو هيٺيون بيت پڻ صورتخطي ۽ معنيٰ جي اختلافن جو شڪار آهي.

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيئن **اٽاسي** اوجهرين،
**ڇُهاتا** چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ
نيڻين ننڊ اکوڙ جم **ورن** ۾ واڪا ڪرين.

| | صفحہ نمبر |
|---|---|
| 1. غلام مصطفيٰ قاسمي | 366 |
| 2. عثمان علي انصاري | 344 |
| 3. غلام محمد شاهواڻي | 413 |
| 4. علامہ آءِ آءِ قاضي | 486 |
| 5. گربخشاڻي | (97_ 496) نمبر 341 |
| 6. ڪلياڻ آڏواڻي | 187 |
| 7. بمبئي | 223 |
| 8. قليچ | 365 |
| 9. گنج | 50 |
| 10. ڊاڪٽر بلوچ | 332 |
| 11. حاجي ہانھون خان شيخ | 229 |

سر ڪوهياري جي هن بيت ۾ ٽي لفظ بحث جوڳا ملن ٿا. جن ۾ "اٽاسي"، "ڇُهاتا" ۽ "وَرَنِ" شامل آهن. بيت جي پهرئين سٽ جو لفظ "اٽاسي" جي معنيٰ لڳ ڀڳ سيني محققن " بي نڪو/ نڪي، جنهن ڪي ناس پتو نہ هجي" لکي آهي. "ڇپاتا" لفظ جي معنيٰ بہ سيني محققن "چپ چاپ، ماٺ ميٺ، ڳجهہ ڳوهہ" ۾ لکي آهي ۽ بيت جي آخري سٽ جو لفظ "ورن" جي عيوض بلوچ صاحب گنج ۾ "وٽن" لکي آهي ۽ باقي سيني رسالن ۾ اهو لفظ "وَرَنِ" لکيو ويو آهي. جڏهن تہ محترم انب گوپانگ، رمضان گل پالاري، لال محمد پالاري جي تحقيق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي ته اهو لفظ "اٽاسي" حقيقت ۾ "اڻ راسي" آهي ۽ معنيٰ لکن ٿا:
"بنا راس، رسي يا واجھ جي جي ڪنهن سان لاڳاپو ۽ تعلق ٽوڙيو ڇڏجي يا ڪنهن سان سنگر ڇڏي ڏجي يا ڪو ڇجي وڃي، ان کي چئبو ته "اٽاسو" ٿي ويو. جبل ۾ گهٽو ڪري، اهو لفظ انڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي ته اٽ اٽاسا هلندا ٿا وتن" انب گوپانگ صاحب وڏيڪ لکي ٿو "جيڪڏهن اٽاسو يا اٽاسي لفظ بي شرمي جي معنيٰ ۾ استعمال ڪبو ته غلط ٿيندو ته سسئي ڪنهن به لحاظ کان بي نڪي ڪا نه هئي. هن سان ته ڏوهه ٿيو ظلم ٿيو پر پوءِ به گهر ۾ ويهڻ بدران پنهنجي ڪانڌ جي پٺي تي لڳي، جيڪا شرم، لڄ ۽ غيرت واري ڳالهه آهي. اهو الزام اجا انهن تي لڳي سگهي ٿو جيڪي سسئي جي لڄ لٽي ڪيس اٽاسي ڪري ويا (ڪتاب ڇپر جي ڇولي صفحه_78.

هئي جي نه هئي، ته به پانهي پاروچن جي،
ان سڳ مقابل سسئي، سندين ٿي سُئي،
هن تان لڄ لئي، هن جو هلڻ هوت ڏي.

*صفحه نمبر 422 شهواڻي*

هن بحث جي روشنيءَ ۾ "اٽاسي" لفظ جي معنيٰ ٿيندي تعلق يا لاڳاپو ٽوڙڻ، هي معنيٰ به ڪنهن حد تائين درست آهي ته ڏير سسئي سان تعلق ٽوڙي ويا. سسئي غفلت ۽ ننڊ سبب ڪيچن سان تعلق ٽوڙي سمهي رهي. يعني اڻ راسي ٿي وئي. پر لطيفي سگهڙن سان ڪچهرين ۾ هن لفظ جي معني اٽاسي يعني اڻ راسي يا اڻ راسيو مطلب ته راسين کان سواءِ: سج، ڇٽو سج، صبح، ڏينهن، ڇاڪاڻ ته سج اڀرڻ يا لهڻ وقت سج جي چوطرف روشنيءَ جون لڪيرون يا لاٽون نظر اينديون آهن، انهن کي "راسيون" چئبو آهي، جيئن هيٺين بيتن ۾ واضع آهي.

لڙيو سج لڪن تان، راسيون رَتائين،
مونکي ماريائين، اُلهي اونداهي ڪري.

*بلوچ صفحه 243 حسيني*

ويو سج وڻن تان، راسيون ڏيئي رنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون جنهين سين سگهه‍سو ڪوهيارو ڪيچ ويو“
*بلوچ صفحه 342 حسيني*

هاڻ هنن بيتن جي روشني ۾ زير بحث بيت ۾ ”اٽاسي“ يعني ”اڻ راسي“ جي معنيٰ ٿيندي تہ اي غافل سسئيءَ! غفلت ڇڏ. ننڊ مان جاڳ، ڇٽو يا اڙراسيو سج نڪري آيو آهي. تون اڃا ننڊ ۾ اوجهري آهين ننڊ ۾ آهين.

اهڙي طرح هن بيت جي ٻي سٽ ۾ لفظ آهي: ”چپاتا“ هن لفظ جي معنيٰ بہ محققن مطابق مٿي ڄاڻائي وئي آهي ۽ هن ساڳئي لفظ جي معنيٰ ٻين محققن جهڙوڪ محترم انب گوپانگ ۽ رحمان گل پالاري جن هن طرح ڄاڻائي آهي“ چپاتا، سيوهڻ، جهانگارا باجارا، سري ۽ ڪوهستان ۾ نڪتن لاءِ استعمال ٿئي ٿو.“ (محترم انب گوپانگ ڪتاب ”چپر جي چولي“، صفحو نمبر 88، لطيف چيئر 1999) ۽ محترم رحمان گل پالاري لکي ٿو ”ا سان وٽ اڄ بہ هي لفظ چپاتا هيٺاڻ زير) استعمال ۾ آهي، جنهن کي نڪٽ يعني ٽيڙو، ڪٽ، ڪَتي ۽ لڏو وغيره انهن سيني کي گڏ چون چپاتا..... انهن تارن ذريعي ڪوهستاني ماڻهو ڏڪار سڪار، وقت، ليمر، ٽڪاٽي ويندي موسم، مند ۽ طرف تائين بہ انهن تارن وسيلي معلوم ڪري وٺندا آهن. جي ڪنهن ڪم سانگي ڪنهن کي سوير ڪيڏانهن وڃڻو هوندو ۽ هو سوير سجاڳ نہ ٿيو تہ چوندس تہ ”ابا چِپاتا چڙهي ويا تون اڃا ستو پيو ننڊون ڪرين. اڪثر ڪري ٻڪرين ۽ اٺن جا ڌنار سڄي ڏينهن جي هل هلان ڪري سوير جاڳندا آهن تہ انهن لاءِ هي لفظ عام طور چيو ويندو آهي: چپاتا چڙهي ويا، اڃا ارڌو (اڻ ڏڌل) ٻيٺو آهي، شاباس جلدي ڪريو هنڌ ڇڏيو.

ڪلاچي تحقيقي جنرل نومبر 1998ع (صفحو نمبر 110 ۽ 111) هن بيت ۾ چپاتا لفظ جي معنيٰ ٿيندي نڪٽ يعني آسمان ۾ اڌ رات جا نڪٽ اڀريا تہ ڏير سسئي کي ڇڏي هليا ويا. ڇاڪاڻ تہ ”وڃي پهتا توڙ“ بيت جو ٽڪرو هن ڳالھ جي دلالت ڪري ٿو تہ پنهون جا پائر يقيناً اڌ رات روانو ٿيا هوندا. تڏهن وڃي پنهنجي منزل کي ويجهو ٿيا هوندا. جيئن رسالي جو هڪ بيت هن ڳالھ جو ثبوت آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيڪانــدي هــئي، اٿـــي رات روان ٿيـــا،
ســاهه سـڳي ۾ ســور جــي، پنهــون ويــو پــوءِ،
جيڏيون! جي مان وس، جتِ هئا تہ رهايم روئي،
رهه قضا! دم ڪوئي، تہ هيڪر هيڪاندي ٿيان.

ڪيچي ڪالهه ڪهي ويا، اديون! آڌي راتِ،
جاڳـان تـان جيڪيـن ٿيـو وهـاڻي پريـات،
ڦوڙائـــو! فقـــير ڪـــي، ڏنـــو جتَـــن ذاتِ،
رَفيـعَ الـــدرَجـاتِ، پَرمَـل پُنهُــون مـيڙين!

*(شاهوَاٽي- سر ديسي- صفحو نمبر 288)*

❋

سَنجهي مون نہ سنڀاليو ماريس سور صبوح،
نيڻ هيرايئہ ننڊ سين، جتن لنگهي جوءِ،
هـاڃو ڪـري هـوءِ، آڌي رات اٿـــي ويـــا!

*(شاهواٽي- سر ديسي- صفحو نمبر 392)*

مٿين بيتن مان جتن جو آڌي رات روانو ٿيڻ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ ڇپاتا لفظ جي معنيٰ نڪتہ هئڻ گهرجي ۽ اٽاسي لفظ جي معنيٰ ڇتو سچ پڻ درست لڳي ٿي.

اي ڪم ڪميڻين، جئن سمهن پير ڊگها ڪري
لوچين چو نہ لطيف چئي، هاري! لئي هوتَنِ؟
ننـــڊان نيـــاڳين ڪـــي، اويـــالا اڇـــن،
سي پنهونءَ ڪوه پچن؟جي سنجهي رهن سمهي

| | | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1. | عثمان انصاري | 345 |
| 2. | قاسمي | 367 |
| 3. | ٻانهون خان | 230 |
| 4. | بلوچ | 333 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| 5. شاهواڻي | 414 |
| 6. گنج | 51 |
| 7. آڏواڻي | 188 |
| 8. گُربخشاڻي | 342 |
| 9. بمبئي | 224 |
| 10. ٽرمپ | 382 |
| 11. قليچ | 366 |
| 12. قاضي | 487 |

هن بيت ۾ لفظ " اوپالا " پهرين سٽ ۾ "نہ" جو نہ هئڻ، ٽين ۽ چوٿين سٽ جي پڙهڻي ۾ فرق جهڙا اختلاف محسوس ٿين ٿا ۽ ان کان علاوه "ڪميڻي" لفظ پڻ معنيٰ جي لحاظ کان مختلف راين جو شڪار آهي. هن بيت جي پڙهڻي ۾ محترم انب گوپانگ ۽ حاجي پانهون خان شيخ ڪانسواءِ ڪنهن بہ محقق پهرين سٽ ۾ لفظ "نہ" شامل نہ ڪيو آهي. ايئن نہ ڪرڻ سان سٽ جي معنيٰ ٿيندي تہ سمهڻ يا ننڊ ڪرڻ ڪميڻين يعني پورهيت عورتن جو ڪم آهي جيڪو غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ رسالي جو هڪ ٻيو بيت پورهيت عورتن جي ننڊ ڪرڻ جي نفي ڪري ٿو. بيت آهي:

اوجاڳو اَجاڻ، ڪيئي نہ ڪميڻين جيئن،
آساري ايهي پر، پوي ڪيچين سين ڪَاڻِ،
پانهي چائين پاڻ، ٿي سَڄِيوُن راتيون سُمَهين.

تنهنڪري بيت جي پهرين سٽ جي پڙهڻي ۾ "نہ" شامل ڪرڻ ڪانهوءِ ٽين سٽ جي درست پرهڻي ٿيندي "ايءُ ڪم نہ ڪميڻين، جيئن سُتي پير ڏگها ڪري" هن بيت جي ٻين سٽ بلوچ، گنج ۽ پانهون خان جي رسالي ۾ بدلائي" ليٽين ڪين لطيف چئي، هاري! ري هوتن" جڏهن تہ ٻين محققن هي سٽ رسالن ۾ "لوچين جو نہ لطيف چئي هاري! لئي هوتن" لکي آهي. ان کان علاوه آخري سٽ ۾ بلوچ صاحب "پچن" لفظ جي عيوض "پسن" لکيو آهي ۽ کوهہ جي عيوض "ڪيئن" لکيو آهي. بيت جي پڙهڻي ۾ اهڙي قسم جا اختلاف پڙهندڙن ۽ محققن لاءِ منجهاري جو سبب ٿين ٿا. تنهنڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيني لطيفات تي ڪم ڪندڙ سرڪاري توڙي غير سرڪاري محقق. ڪي گڏ جي رسالي جو هڪ متفقہ ۽ مستند متن ٺاهڻ گهرجي ۽ لطيفيات سان سلهاڙيل تحقيقي ادارن, پولي سان سلهاڙيل ادارن ۽ ادب سان واڳيل ادارن کي پڻ هن ڏس ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن بيت ۾ لفظ "اوپالا" پڻ تحقيق طلب آهي. لڳ ڀڳ سيني محققن هن لفظ جي معنيٰ ڏوراپا, مهڻا, طعنا, عتاب, پٽون ۽ ملامتون ڄاڻائي آهي, جڏهن تہ محترم انب گوپانگ پنهنجي ڪتاب "چپر جي چولي" صفحي نمبر 117 ۽ 118 تي لکن ٿا تہ" اوپالاـ معيار, مهڻو ڏوراپو ننڊ ۾ هڪ تہ خواب لهبا آهن, ڇرڪ ايندا آهن, طعنا پٽون, ملامتون ڏوراپا ۽ عتاب تہ شعوري جي دنيا جا مسئلا آهن. البتہ اهي خوابن ۾ اچي سگهن ٿا, جيڪي نوڪرياڻيون بنگلن ۾ وڏن ماڻهن وٽ ڪم ڪنديون آهن. انهن جي ننڊ جهٽڪن ۾ هوندي آهي. ويساهين ملي تہ اک ٻوٽي وڌائون ننڊ تہ ڄڻ انهن لاءِ حرام آهي. توڙي اک لڳين اوچتو ڪڙڪو ٿيو سڏ ٿيو نہ ٿيو پيون ڇرڪي, جهٽڪو ڏئي اٿينديون. پيرن جون ٻانهيون ويچاريون پير ڏڪار ڪري سمهن ئي ڪو نہ, تہ متان گهري ننڊ وٺي وڃين, پير ڏڪاري اوپالجي پونديون آهن". هاڻ هن بحث جي روشني ۾لفظ "اوپالا" جي معنيٰ ٿيندي: خوفائتا ڇرڪ" ڇاڪاڻ تہ گهرن ۾ پورهيت عورتن کي ننڊ جو ڪو طئي ٽيل وقت نہ ملندو آهي, جو هو ٻي اُلڪي تي سمهن پر ڪڏهن ڪا فرصت ملين ۽ ڪا ننڊ جي پنڪي آين تہ ڪنهن ڪڙڪي يا پرائي سڏ تي بہ پيون ڇرڪنديون تہ متان اهو سڏ هنن کي ٿيو هجي! هن ساڳئي بيت جي آخري سٽ جي اڌ ۾ پڻ ڊاڪٽر بلوچ صاحب اختلافي پڙهڻي لکي آهي "سي ڪيئن پنهون پسن, جن کي نيئر ننڊ جو" جڏهن تہ ٻين سيني رسالن هي سٽ "سي پنهون ڪوهہ پڇن, جي سنجهي رهن سمهي" آهي.

ڪيئي نہ ڪميڻين جيئن, اوجاڳو اجاڻ,
اَساري اهڙي پر پيئي ڪيچن سين ڪاڻ,
ٻانهي ڇايو ٻاڻ, تي سڄيون راتيون سمهين!
صفحہ نمبر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏٺئي نہ ڏيرن جا، چوڏاري چاري؟،
تيلانهن ويچاري، ساٽ سُتيئي لڌيو.

| | صفحہ نمبر |
|---|---|
| قاسمي | 367 |
| انصاري | 345 |
| آڏواڻي | 187 |
| بمئي | 324 |
| شاهواڻي | 414 |
| گربخشاڻي | 342 |
| مرزا قليچ | 366 |
| قاضي | 487 |

هي ساڳيو بيت گنج ۽ حاجي پانهون خان شيخ وارن رسالن ۾ آخري سٽ جي آخري اڌ جو حصو بدليل آهي. گنج صفحہ نمبر 51 پانهون خان نمبر 230

ستين سواري، منهن ويڙهي مٺن جيئن،
ڏٺئي نہ ڏيرن جا چوڏاري چاري؟
تيلاهہ ويچاري، پنهون نيائون پاڻ سين.

پر ساڳئي بيت صفحہ نمبر 333 تي آخري سٽ هيئين طرح بدلائي لکي آهي

ستينءِ سواري، منهن ويڙهي مٺن جيئن،
ڏٺئي نہ ڏيرن جا چوڏاري چاري؟
مارينڌم ماري، پرهہ سور پرينءَ جا.

مٿئين بحث جي روشني ۾ جڏهن مختلف رسالن جو مطالعو ڪجي ٿو تہ بيتن جي پڙهڻين، صورتخطي، معنيٰ، تشريح، بيتن جي ستاءَ ۽ بيتن ۾ اضافي سٽن جي ڪوٽ ۽ بيتن جي تعداد جهڙا اختلاف سامهون اچن ٿا. هي سڀ معاملا شاه سائين جي ڪلام جي تحقيق جي ڏس ۾ نهايت اهميت جوڳا آهن ۽ انهن معاملن کي سامهون رکي رسالي جي تحقيق ۽ ترتيب هڪ پيرو وري ٺيٺ گهرجي شاه سائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪلام ڪي متي ذڪر ڪيل رخن کان وري سمجهڻ گهرجي. شاهه سائين جي ٻولي ۽ لفظن جي پرک ۽ پروڙ ٻه ڌيان گهرجي. ٻي صورت ۾ مونجهارا قائم رهندا ايندا ۽ تحقيق جو سلسلو به غلط رخ ۾ هلندو رهندو. ان کان علاوه ٻي اهم حقيقت اها به ته هن وقت تائين ڇپيل رسالن ۾ بيتن جو تعداد مختلف ملي ٿو ته اها ڳالهه هڪ دليل آهي ته شاهه سائين جو ڪلام مڪمل طور سهيڙجي نه سگهيو آهي. قلمي نسخن ۽ ڇاپي رسالن کان ٻاهر به شاهه سائين جو ڪلام ملي ٿو جيڪو زباني ورجاءُ ۾ سينا به سينا منتقل ٿيندو اچي ٿو. اهڙا بيت گهٽو ڪري هر سر ۽ هر ڪردار جي ڪيفيتن مطابق ملن ٿا، ڪي به بيت ته سڄر پاڪڙي وارا بيت به ملن ٿا ۽ ڪي بيت اهڙا به آهن جيڪي ڪنهن ڪردار جي ڪيفيت جي اهڙي پهلو متعلق آهن، جنهن ڪيفيت جا بيت موجوده رسالن ۾ نه آهن. هن مقالي ۾ سر سسئي ڪوهياري جا ڪجهه نوان لڌل/ اڻڇپيل بيت ۽ رسالن ۾ موجود ساڳئي موضوعن وارا بيت پيٽ طور ڏجن ٿا.

تڏهين ويا تو وٽان، چانگها رات چلي،
هاري تون هلي، پُهچ پنهون جام کي.

مسند ڪلام سُر سسئي ڪوهياري 13 رسالن ۾ موجود آهي.

جيهي جي تيهي، پانهي پاروچن جي
هُجت هوت پنهون سين، مون ڪميٽي ڪيهي
اصل آريءَ جام جي پلئه آءُ پيئي،
هَوءِ جا پائن پير ۾ تنهن جتي نه جيهي،
وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان.

اڻ ڇپيل بيت سُر ڪوهياري
ڇونِ مَ ڏوهياٽي، پر ٻانهڻ هيٺي آهيان،
پازياٽي پنهون جي، پاڻَ پريتياٽي،
چلي پيس ڇپرين، ڪهيل ڪتياٽي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جامَن سان سَڱ ٿيو جاٽي سجاٽي،
پنھون آرياٽي، چوري چَڏِ مَ ڇپرين.

ھي بيت رسالن ۾ موجود آھن.
"منزل دُور مَن تنھا" رڻ ۾ نڪاره،
جبل جوراٽا گھٽو ڏُنگر ڏکيا ڏاھ،
ويچاري جي وَرَ ري وندر ڪانھي واهَ،
ھوتاٽي ھمراهَ، اچي رَس عليل ڪي.

اڻ ڇپيل بيت سُر ڪوھياري.
منزل دؤر من تنھا جت مُونگ ھڪل ھَاڪو
وجي ڪيو وٽڪار ۾، ويچاري واڪو
جنھن جي اندر اولاڪو سا قادر ڪِيچ رَسائين.

ھي بيت رسالن ۾ موجود آھي.
ڏُونگر! ڏوراپو! چوندِيس پرينءَ ڪي،
پھڻ پير پٿُون ڪيا، تريون چنيون تو
رحم نہ پيئي روح ۾، قدر منھنجو ڪو".
واڪو ڪنديس وو مون سين جبل تو جاڙون ڪري

اڻ ڇپيل بيت سُر ڪوھياري
ڏُونگر منھنجي ڏک جي، تو سيڙيا ناھِ سماءِ،
ڪَوسا اچلين ڪُڪرا، جتَين وَاڪو ڪَري واءِ،
ھُوت ھَلِي تون آءِ، مون ڏونگر ڏوريو نہ ٿِئي.

ھي بيت رسالن ۾ موجود آھي.
اچيو اچيو چون، ويھہ ويا تان گھوريان،
سرتين سانگہ سُکن سين، مون جيئن رَتُ نہ رون،
او مر ويليون ھُون، مون ساڱاتو سُور ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڻ ڇپيل بيت

الله. ڪارڻ اُيي رَهو پرور ڪي پَريتيُونَ.
ڏِيو ڪين ڏکي ڪي، موٽڻ جون مَتيون،
سُورَن جا سَرتيون، اڇي نيزا نگيان.

مستند ڪلام سُر سسئي ڪوهياري 9 رسالن ۾ موجود آهي.

ليل نہ جاڳين، لک سين، نوم سُتينءَ سياران،
اوڳي اوٺيٺڙن جا، پهہ پڇين پريات،
تي سگر تن ساٿ، تہ پوڙين ڪنهن پال مڙين.

اڻ ڇپيل بيت سُر ڪوهياري

ليلي نہ جاڳئين، لِکَ سين، ڪيئن نوم ڪَلي،
ڏکي تو ڏيرن اڳيان، جهولي ڪا نہ جهلي.

اڻ ڇپيل بيت مون ذاتي ذوق ۽ جستجو سان هٿ ڪيا آهن. انهن بابت يا مون مٿي جيڪو علمي بحث ڪيو آهي. ان بابت ڪو محقق يا لطيفي پارکو بحث ڪرڻ گهرجي تہ منهنجو ”لطيفي آستان“ انهن لاءِ کليل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معمور يوسفاڻي

# سر کوهياري ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون

ڪنهن بہ ملڪ جي شاعريءَ کي جيڪڏهن تنقيدي نگاهہ سان ڏسبو تہ اها ٻن وڏن ڌڙن ۾ ورهايل نظر ايندي. جنهن جو هڪ ڌڙو آهي. "عوامي شاعري" جيڪا ملڪ جي سڀني حصن جي عوامي ترجمان ۽ سداحيات هوندي آهي، ۽ ٻيو ڌڙو آهي. "محلاتي شاعري" جنهن ۾ ڪن خاص نظرين جي تشهير يا ڪن خاص طبقن جي ترجماني هوندي آهي. جنهنڪري اهڙي شاعريءَ ۾ شعريت گهٽ ۽ مصنوعيت گهڻي هوندي آهي، ۽ اها شاعري حالتن بدلجڻ سان ئي ختم ٿي ويندي آهي.

انهيءَ پروڙ ڪانپوءِ، اسين جيڪڏهن پنهنجي ملڪ جي شاعريءَ جو جائزو وٺندا سون تہ اسان کي بلڪل صاف ۽ چٽي طرح ڏسڻ ۾ ايندو تہ "محلاتي شاعري" ڪتابن ۽ مخطوطن جي شڪل ۾، ڪٻٽن ۽ پيٽين ۾ بند آهي ۽ "عوامي شاعري" عوام جي سينن ۾ سانڍيل ۽ محفوظ آهي، جيڪا ملڪ جي هر حصي ۾ جهونگاري، ڳائي ۽ وڄائي پئي وڃي. اهڙي طرح عوامي شاعريءَ جي سڃاڻپ ڪانپوءِ، جيڪر اسين ملڪ جي عوامي شاعرن جي ڳولا ڪندا سون تہ اسان کي گهڻي ڀاڱي سڀ اهڙا عوامي شاعر ملندا. جن کي اسين، سري جا عوامي، ڪوهستاني عوامي، وچولي جا عوامي، لاڙي عوامي ۽ ٿر جا عوامي شاعر تہ چٽي سگهون ٿا. پر انهن کي پوري سنڌ جا عوامي شاعر ڪو نہ مڃيندا سون. ڇو تہ انهن جي مقبوليت ۽ سڃاڻپ رڳو انهن ڀاڱن تائين محدود آهي.

شاعرن جي انهيءَ ڳڻيءَ مان ڪيترن کي پنهنجي پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجموعي طرح 76 بيت ۽ 9 وايون آهن. جيڪي سيئي لفظي ڪاريگرين، معنوعي رمزن ۽ ٻوليءَ جي ٻين سٺاين ۽ سهڻاين سان پُريا پيا آهن. جن مان رڳو تجنيس حرفيءَ ڪي ڏسبو ته ٻه واهه واهه چوڻ ڪانسواءِ رهي ڪين سگهبو. ڇو ته ان ۾ "ٻه لفظي تجنيس ته عام آهي، پر " ٽه لفظي" ۽ "چولفظي" تجنيس جا به سٺا نمونا ملن ٿا. جيئن:

نينهن نڀايو نين، ڪامل ڪوهه ڪرين، وڻ وڻي واڍو، هنجن هاٿا هٿڙا، اديون اکهي آهيان، رڙهي رس روڻن، پنهون پيڪان پڇنديا، سرتين سانگ سکن سين، هون هميشه هٿ هين، ۽ ڏونگر تون ڏاڍو ڏاڍا! ڏاڍايون ڪرين! وغيره.

ٻئي طرف هن سر جي بيتن ۽ واين ۾ ڪم آيل محاورن جو مرتبو به مٿاهون آهي ڇو ته ان ۾ ڪي اهڙا محاورا به ملن ٿا. جيڪي تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي رنگ جا بهترين محاورا آهن. جيئن: هولي ڪرڻ، ڏوڙ وارڻ، پٽڙ پوڻ، پاهه ڏيڻ، لڄ لٽڻ، لهه لڳڻ، رت روئڻ، ورهه چرڻ، ڏڙ ڏوئڻ، تنب اکوڙڻ، اوپالا اچڻ، وغيره.

اهڙي طرح هن سر جي بيتن جي ڪاريگرين جو دائرو تمام وسيع آهي ۽ اسين جيڪر انهن جي تشريح ۾ اڳتي هلندا سون ته اهو قصو ويندو وڌو ٿيندو ۽ رٿيل بحث اتي ئي رهجي ويندو. ان ڪري انهيءَ پاسي ڪي اتي ڇڏي، صرف ۽ نحو جي بحث ڏي موٽي اچون ٿا. اهي ٻئي علم، بياني لسانيات جي قسمن مان آهن، جن مان صرف ۾، لفظن جي سڃاڻپ، تعريف انهن جو نمڻ وغيره اچي وڃن ٿا، ۽ نحو ۽ لفظن جو اثر، ميلاپ، گهٽاين، واڌارن ۽ ٻين پيچ گهڙ جي پروڙ پوي ٿي.

هاڻي جيڪڏهن اسين هن سر جي شاعري ۾، صرفي ترڪيبن ۽ نحوي ترڪيبن تي نگاهه وجهندا سون ته اسان ڪي ڏسڻ ۾ ايندو ته صرفي ترڪيبن جون سموريون شڪليون، "مرڪب مفيد" جي دائري ۾ اچي وڃن ٿيون، ڇو ته انهن ۾ لفظن جي پويان ڪي حرف يا آواز ملائي، نوان لفظ ٺاهيا ويا آهن. جيڪي آهن- اسم مان صفت، ظرف مان صفت، فعل مان صفت، صفت مان اسم، فعل مان



Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسم، ظرف مان اسم، اسم مان فعل، اسم مان ظرف، صفت مان ظرف، اسم مفعول، اسمن، صفتن ۽ فعلن جي تصغير. اسمن جي جنس، اسمن جو عدد، ناڪاري فعل، مجهول فعل ۽ فعل معطوفي وغيره ۽ انهن ترڪيبن ۾ لفظن جي ٺاهڻ جا اهڙا ڪئين نمونا ملن ٿا. جن بابت اسان جي گرامر جي ڪتابن ۾ ڪو به اهڃاڻ ۽ اشارو ڪو نه ٿو ملي. تنهن لاءِ ضروري آهي ته اسين انهن جو مختصر جائزو وٺون ۽ انهي جائزي ۾ اسين سڀ کان پهرين "اسم مان صفت" ٺاهڻ جي طريقن ڏي اچون ٿا جن ۾ اسين ڏسندا سون ته هن سر جي بيٺن مان اسم جي پويان اي، آئي، اندا، ايلو اڪ، آتو اُتو آرئون، اوٺي، اُوڪو يو ۽ چو وغيره. ملائڻ سان صفتون ٺهيون آهن. جيئن ڪيچ مان ڪيچي، هوت مان هوتاٺي، آسرو مان آسروند، رس مان رسيلو هاٿ مان هاٿڪ، جيڪو پوءِ هاٿڪ سڏجڻ ۾ آيو آهي، جنهن کي اسان جا ڪيترائي وڏا عالم حاذق مان نڪتل سمجهن ٿا. اهڙي طرح سور مان سوراتو سڱ مان ساڱاتو پور مان پورائون پانهن مان پانهوٺي، لوهه مان لوهوڪو ڏونگر مان ڏونگريو ۽ آري مان آريچو وغيره ۽ اهو آريچو اصل ۾ آريچه آهي، جيڪا اسم تصغير ٺاهڻ جي هڪ فارسي ترڪيب آهي، پر هينئر اسان وٽ اها ترڪيب ڪٿي اسم تصغير لاءِ ڪم اچي ٿي ته ڪٿي وري اهو "چو" "جو" جي معنيٰ ۾ اچي، صفت ٺاهڻ جي لاءِ ڪم اچي ٿي جيئن هتي آهي.

اسم مان صفت ٺاهڻ کانپوءِ، ظرف مان اسم ٺاهڻ جو نمبر آهي، جنهن جو هتي هڪ نمونو مليو آهي. جنهن ۾ ظرف جي پويان "واڻ" ملائڻ سان صفت ٺهي ٿي. جيئن اڳ مان اڳواڻ ۽ اهو واڻ به اصل ۾ فارسي آواز "بان" جي بگڙيل شڪل آهي، جيڪا اسان جن بزرگن هٿراڌو بگاڙي، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ هڪ نئين ترڪيب جو اضافو ڪيو آهي.

ظرف مان "صفت" ٺاهڻ سان گڏ هتي فعل مان صفت ٺاهڻ جو جو به هڪ نمونو مليو آهي، جنهن ۾ امر واحد جي پويان "ٽي" جو آواز ملائي صفت ٺاهي وئي آهي، جيئن ڇچ مان "ڇڇٽي اهڙي طرح صفت مان اسم ٺاهڻ جو به هتي هڪ طريقو مليو آهي، جنهن موجب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارين ترڪيبن جو ذڪر ڪجي ٿو. جنهن ۾ هاڪاري فعل کي ناڪاري بنائڻ لاءِ، حضرت پيٽ ڏٺي "نہ" جا جيڪي هم معنيٰ لفظ استعمال ڪيا آهن. اُهي پاڙيسري ٻولين لاءِ جڻ هڪ چئلينج آهي ۽ اهي لفظ آهن – نہ، مَ، جم، ڪا، ڪونہ، ڪين، ڪانہ وغيره.

اهڙي طرح اسمن جي عدد واري دائري ۾، واحد مان جمع بنائڻ جو هڪ نئون روپ مليو آهي، جيڪو آهي: ٽڪريءَ جو جمع ٽاڪرِ ۽ اسمن جي جنس جي سلسلي ۾ مذڪر مان مونث ٺاهڻ جا بہ روپ مليا آهن، جيئن ڳائو جو مونث ڳائي ۽ آسروند جو مونث آسروندي. هڙي طرح مونث مان مذڪر ٺاهڻ جا بہ نمونا مليا آهن. جيئن پريت جو مذڪر پريتڙو ۽ وائيءَ جو مذڪر وائو.

نحوي ترڪيبن جي سلسلي ۾ هن سُر ۾ لکجڻ جهڙيون ڪل ڏهہ نحوي ترڪيبون ملن ٿيون. جيڪي آهن– ٻٽا حرف مرڪب فعل، مرڪب اسم حرفي اڳياڙيون، حرفي پڇاڙيون. متا ستا يا تبديل، ترخيم يا گهٽائي، واڌارا يا وڌاءَ، ضميري پڇاڙيون ۽ ندائي ترڪيبن جا حرف وغيره. جن ۾ ٻٽن حرفن جو هڪ نمونو "سر پر" ۽ مرڪب فعل جا بہ نمونا "چڙهي ويا" مليا آهن، ۽ اهڙيءَ ريت مرڪب اسمن جون ٽي شڪليون مليون آهن. جن مان هر هڪ جوڙي، پنهنجي وچ وارا حرف وڃائي، ملي ٿي ويئي آهي. جيئن– پپ جو ڏٺي مان "پپ ڏٺي"، اس جي آٿ مان "اساٿ" ۽ دل جي آس مان "دلاسا" ۽ "دلاسا" وري اسان وٽ جمع بڻجي ويو آهي ۽ اسان ان جو واحد "دلاسو" بہ ٺاهي ڇڏيو آهي. اسين ائين سمجهون ٿا تہ بنيادي لفظ دلاسو آهي ۽ دلاسا ان مان ڦٽل يا نڪتل آهي.

حرفي اڳياڙين جي سلسلي ۾ هتي اسان کي فقط رسَ، "س" ۽ اَوَ" جي ننڍي شڪل " آ " ۽ "پر" ملن ٿا. جيڪي سيئي صفاتي نشانيون يا حرف آهن ۽ اسمن جي اڳ ۾ اچي صفت جي معنيٰ ڏيکارين ٿا جيئن سڏير= سٺي ڏير، سُواٽ = سٺي واٽ، سگر = سٺي گر. اَواٽ = خراب واٽ، اَماني = بي ماني، اٽاسي = بي ناسي يا بي نڪي. اهڙي طرح "پر" فارسي حرف آهي ۽ اسان وٽ بہ ساڳي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو. جيئن: پر تقصيرون = گهڻا ڏوهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حرفي پڇاڙين جي سلسلي ۾ هتي آ، آ، ا، اي، او، ئون، اين ۽ هين جا آواز يا حرفي نشانيون ملن ٿيون. جيڪي اسمن جي پويان اچي، انهن تي پنهنجو پنهنجو اثر قائم ڪن ٿيون.

تبديل يا مٽا سٽا جي "ڀڃ گهڙ" ۾ هتي ان جا چار قسم ملن ٿا. جن مان پهريون قسم آهي "اکري تبديل" جنهن ۾ صحيح حرف يا وينجن" آواز پاڻ ۾ بدلجي لفظن جي شڪل بدلائين ٿا. جيئن۔ ڪاٺئي مان ڪاٺي، چولي مان چوري، وسيٽي مان وهيٽي، اکري مان اکتي، جهڙي مان جهي، تهڙي مان تيهي ۽ معاملو مان مامرو وغيره.

اهڙي طرح تبديل جو ٻيو قسم آهي "سر آواز" جي پاڻ ۾ مٽا سٽا، جنهن جي ڪري ٻہ لفظن جي شڪل بدلجي ٿي، جيئن: لوهي مان لوهو مروٽي مان مريٽي، سويري مان سواري ۽ تبديل جو ٽيون قسم آهي "حرفي مڪاني تبديل" جيڪا غلط اچار جي ڪري يا زبان جي اٽڪ جي ڪري ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪو ٻہ هڪ اکر پنهنجي جاءِ ڇڏي ٻي جاءِ تي فٽ ٿي لفظ جي شڪل تبديل ڪندو آهي. جيئن ڪرائي الف، ري جي اڳ ۾ اچي، ڪرائي کي "ڪارئي" بنائي ويو آهي، جنهن کي هن وقت اسين فقط "ڪاري" پيا اچاريون.

ترخيم يا گهٽائي جو دائرو تمام وسيع آهي، جنهن ۾ شعري ضرورت خاطر ڪن لفظن کي سندن مقرر صورت کان ننڍو ڪري پيش ڪيو ويو آهي، جيئن سئوءَ کي سوءَ، جڳائي کي جڳاءَ، هئوم کي هوم، پها کي پهہ، دوست کي دوس، وسيلا کي وسيل، قالين کي قالي، کوهہ کي کہ، اوهان کي آن، جيڪي کي جي وغيره.

اهڙيءَ ريت ڪٿي ڪٿي شعري ضرورت خاطر ڪن لفظن کي، سندن اصل شڪل کان وڌو ڪري پڻ استعمال ڪيو ويو آهي، جيئن: رهاڻ کي رهاٽي، هوت کي هوتا، "زور" کي "زورو"، "چانءُ" کي چانئي"، "لڳ" کي لاڳ، ڏيٺ کي ڏيٺي "سڪ" کي "سڪوءُ"، پاڻ کي "پاٽا"، "ڪو" کي "ڪوءِ"، "هڪ" کي "هيڪ"، "نہ تہ" کي "نات" وغيره. علم نحو جي دائري واري انهيءَ ترڪيب کي واڌارا يا واڌاءَ چئبو آهي ۽ اهو اصول هٿن هولين ۾ يا تہ اصل ڪونهي ۽ جي آهي تہ ٻہ اڻ لکو. ان ڪري اهو چوڻ ۾ وڌاءُ ڪو نہ ٿيندو تہ هيءَ سنڌي زبان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي خاص پيچ گهڙ آهي.

اهڙي طرح هن سر جي بيتن ۾ ضميري پڇاڙين ۽ ندائي حرفن جو بحث بہ ملي ٿو پر جئين تہ اهو اهڙو نئون يا نرالو ڪو نہ آهي، ان ڪري، انهن تي بحث ڪرڻ بيان ڪيل سيني صرفي توڙي نحوي ترڪيبن جو جامع خاڪو پيش ڪندس تہ جيئن پڙهندڙن کي انهن بابت پوري پروڙ پوي.

**"اسم مان صفت"**

هن سر جي شاعريءَ ۾ اسم مان صفت ٺاهڻ جا هيٺيان نمونا مليا آهن.

اسم + اي = صفت.

ڪانڌ + اي = ڪانڌي

ڪيچ + اي = ڪيچي

"ڪرم سان ڪريم جي، ڪيچي ٿيندم ڪانڌي."

باند + اي = باندي:

"پورهيت ڄام پنهون جي، باندين جي باندي."

ڏک + اي = ڏکي:

"توهين لئي ڪاٽي، ڏکي ڏوري ڏنگرين."

ويسر + اي = ويسري:

"اڄا تون اوات، واٽان پاسي ويسري."

ويو + اي = ويري:

"لوهوڪا لڪن، ويري مٿي وات."

چارو + اي = چاروي، ترخيم چاري:

"ڏٺئي نہ ڏيرن جا، چوڏاري چاري"

اسم + آٽي = صفت

هوت+ آٽي= هوتاٽي:

"هوتاٽي هن ماڳ، مون کي ڇڏ مَ ڇپرين!"

اسم + آتو = صفت.

سور + آتو = سوراتو مونث سوراتي، جمع سوراتن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" سرتيون سوراتين جي، ڪوهه ٽيون پٽرن پون."
چپ + آتو - چپاتو جمع چپاتا:
"چپاتا چڙهي ويا. وڃي پهتا توڙ"
اسم + آتو = صفت.
سڳ + آتو = سڳاتو واڌاءُ ساڳاتو
"او مر ويئيون هون، مون ساڳاتو سور ٿيا."
اسم + ايلو = صفت.
رس + ايلو = رسيلو جمع رسيلا:
"جي پلايون پاڻ، تن کي رس رسيلا راهه پر."
اسم + اڪ = صفت.
هاٽ + اڪ = هاٽڪ. تبديل هاتڪ:
"مونکي ڇڏ مَ ڇپرين، هاتڪ هوتاڻي."
اسم + آرئون = صفت
پوُ + آرئون = پوارئون:
"پانيا ڏيهه پوارئون، ساجن لاءِ صحت.
اسم + اوڪو- صفت.
لوهوڪا لڪن پر، ويري مٿي وات.
لوهه + اوڪو = لوهوڪو جمع لوهوڪا.
پانهن + اوتي = پانهوتي:
"ڪينزڪ ڪيچين جي، پانهي پانهوتي."
اسم + انڊ = صفت.
آسرو + انڊ = آسروند. مونث آسروندي.
ويڻي آهيان وات تي، آهيان آسروندي
اسم + يو = صفت.
ڏنگر + يو = ڏونگريو: مونث ڏونگري
"پرين، پنهوار تو پچان، ڏونگريا مون ڏس."
اسم + چو = صفت.
آري + چو = آريچو جمع آريچن:
"پورهيو ڪنديس پاڻ، اڳيان آريچن جي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**"ظرف مان صفت"**

ظرف + واڻ = صفت.

اڳ + واڻ = اڳواڻ:

"اديون عبداللطيف چئي، اهڙو آه اڳواڻ."

**"فعل مان صفت"**

فعل امر واحد پڄ + ٽي = پڄٽي:

"پيرين آئون نہ پُڄٽي،ڪرهل هو نہ جهلين."

**"صفت مان اسم"**

صفت جي پوئين آواز " او" کي " آ " ۾ بدلائي پويان " آئي " ملائڻ سان صفت مان اسم ٺهي ٿو. جيئن:

ٿيو = ٿيـ + آئي = ٿيائي، جمع ٿيايون:

"ور نہ سهي ويڪ، تون ٿيڏي ٿيايون ڪرين."

جهجهو = جهجهـ = آئي = جهجهائي، واڌاءَ جها جهائي:

"ڪنهن پر ڪهي لنگهيا، جبل جها جهائي."

**"فعل مان اسم"**

(1) فعل امرواحد + او = اسم

ڳاءَ + او = ڳائو:

"ڳائو نہ وائو اديون آريچن جو."

ڪاڍ + او = ڪاڍو:

"اي ڪرم جو ڪاڍو، نات پٽر ڪير پنڌ ڪري."

نہ جهر + او = نجهرو:

"رويو وينئي راڳ، امڙ اورئا نجهري."

(2) فعل امرواحد + آپو = اسم.

ڏور + آپو = ڏورآپو:

"ڏنگر ڏوراپو پهرين چونديس پرين ڪي."

(3) فعل امرواحد + آءَ = اسم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پچ + آءِ = پچاءُ:

"ڏاڍي لُڪ لڪن جي، پٽن پوءِ پچاءُ."

فعل امرواحد جي آخري آواز کي بدلائڻ سان بہ اسم ٺهي ٿو.

جيئن: "اپڙ مان اُپڙ جمع اوپڙ:

"وچن وڻ هري، اوپڙ اپڙي ڪا ڪين ڪي.

ڏيکَ مان ڏيک، تبديل ڏيٺ، واڌارو ڏيئي.

ٻانهڻ کي ٻروچ ري، ڏکن سان ڏيئي."

## "ظرف مان اسم"

ظرف + اي = اسم.

ٻيل + اي = ٻيلي:

"ڏونگر تہ ٻيلي، ڏجي ٻن ٻيلين ري."

## "اسم مان فعل"

(1) اسم جي آخري آواز " او" کي " آ" ۾ بدلائي، پويان آءِ، ملائڻ سان فعل امرواحد ٺهندو آهي. جيئن:

ڦوڙو = ڦوڙ + آءِ = ڦوڙاءِ، سنڌس مضارع واحد غائب جي شڪل ٿيندي ڦوڙائي: سجڻ هوم هيڪڙو، وئو ڦوڙائي سو.

ڀهو = ڀه + آ = ڀهاءِ، ۽ سنڌس فعل مستقبل ٿيندو. ڀهائيندس.

"ڀهائيندس پنهونءَ کي، ڳچيءَ پائي ڳندي."

(2) اسم جي آخري آواز " اُ " کي " اِ " ۾ بدلائڻ سان بہ اسم فعل بنجي ويندو آهي. جيئن:

راڳُ مان راڳِ:

"رويو ويٺي راڳِ، امر وارثا نجهري."

## "اسم مان ظرف"

اسم + آٽي = ڏينهاٽي:

"ڏونگر ڏينهاٽي، پاڻ مٿان تو گهوريان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## "صفت مان ظرف"

(1) صفت + آندو = ظرف

هيڪ + آندو = هيڪاندو، مونث هيڪاندي.

"ٻاروچي سان ٻڙي اي جيڏيونڻ هيڪر ٿيان هيڪاندي."

(2) صفت جي آخري آواز "او" کي "آ" ۾ بدلائي پويان "آئي" ملائڻ سان ظرف ٺهيو. جيئن:

گونگو = گونگ + آئي = گونگائي.

"اٺ گونگائي هليا، بوتا هڻڙن ٻاري."

## "اسم مفعول"

(1) امرواحد + يو = اسم مفعول

ڏکوءِ + يو = ڏکوئيو ترخيم ڏکويو مونث ڏکوئي، جمع ڏکويون ۽ ڏکوين.

"ڏنگر مون مَ ڏکوءِ، آئون اڳ ڏکوئي آهيان.

ڏونگر ڏکويون، تو ۾ اورڻ آئيون.

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن."

ڪاڻءَ + يو = ڪاڻيو مونث ڪاڻي، تبديل ڪاٽي،

"توهين لئي ڪاٽي، ڏکي ڏوري ڏونگرين."

واجهاءَ يو = واجهائيو تبديل واجهايو مونث واجهائي:

جيڪس واجهائي، هاٽي مرينديس هوت لئي،

(11) "اسمن جي ننڍائي يا تصغير"

(1) اسم + ڙو يا ي = اسم تصغير.

اوٺي + ڙو = اوٺيڙو، جمع اوٺيڙن:

"اوڳي اوٺيڙن جا ٿي پهه پڇين پريات."

ڳالهه + ڙي = ڳالهڙي:

"ڏونگر ڏک پئي، ڪيم تو سان ڳالهڙي."

(2) اسم + ڙي = اسم تصغير

ٻروچ + او = ٻروچو وڏاءَ ٻاروچو:

"سٽي هوت هڪل، من ٻڌي ٻاروچو وري."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(3) اسم جي آخري آواز " او " کي " آ " ۾ بدلائي، پويان اَل، يا " ل " ملائڻ سان اسم ننڍوٽيندو آهي. جيئن:

ڪرهو = ڪرهَ + اَل = ڪرهل:

"پيرين آئون نہ پڄئي، ڪرهل هو نہ جهلين."

**"صفت جي تصغير"**

صفت + ڙو = صفت تصغير

هيڪ +ڙو = هيڪڙو "سڄڻ هوم هيڪڙو، ويو ڦوڙائي سو."

(2) صفت جي آخري آواز "او" کي "رَ" ۾ بدلائي، پويان "ڙو" ملائڻ سان، صفت تصغير ٺهندي آهي، جيئن پيادو = پياد +پيدڙو (مونث) پيادڙي "پهچائج پنون کي هيءَ پيادڙي."

**"فعل جي تصغير"**

فعل ماضي مطلق واحد غائب جي صيغي جي آخري آواز " او" کي " آ " ۾ بدلائي، پويان " ڙو " ملائڻ سان فعل جي تصغير ٿيندي آهي. جيئن:

- ويو = ويـ + ڙو = ويڙه، جمع ويڙا:

ڪشي ڪان ڪمان مان، لائي ويڙا لوري،

- هئو هئا + ڙو = هئڙو، جمع هئڙن:

"اٿ گونگائي هليا، بوتا هئڙن باري."

**"اسمن جي جنس"**

هتي اسمن جي جنس جي سلسلي ۾، بي جان اسمن جا جيڪا نرالا ۽ انوکا مذڪر ۽ مونث ملن ٿا. اهي هيٺين طرح آهن.

الف: مونث مان مذڪر پريت (مونث) – پريتڙو (مذڪر)

"ڪنهن کي ڪين چون، منجهن جو پريتڙو."

وائي (مونث) وائو (مذڪر)

"ڳائو نہ وائو اديون آريچن جو."

ب: مذڪر مان مونث

آسروند مان آسروندي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ويٺي آهيان واٽ تي، آهيان آسروندي.“
ڳائو مان ڳائي:
”ڳائي نہ وائي، اديون آريچن جي.“

## ”اسمن جو عدد“

هتي ٻي جان اسمن جي واحد مان جمع ٺاهڻ جو هڪ نرالو طريقو مليو آهي، جيڪو آهي: ٽڪريءَ جو ” ٽاڪر “
”ٽاڪر ٽڪي ڪان، جبل سڀ جلي ويچي.“

## ”ناڪاري فعل“

هتي فعل کي هاڪاري مان ناڪاري بنائڻ لاءِ (نہ) جا جيڪي هم معنيٰ لفظ مليا آهن. انهن جو تفصيل هن طرح آهي:

نہ: قم تي پهچ قريب کي، اِجلس تو نہ جڳاءِ.
مر: مون کي ڇڏ مر ڇپرين، هٿ هوتاٽي هاڻ.
جم: نيٽن نند اکوڙ جم ورن واڪا ڪرين.
ڪام: گلا ڪام ڪري، لکيو تان نہ ٽري.
ڪان: چڱي ڪان ڪياءِ، پير وڃائي پرينءَ جو.
ڪو نہ: سارِيان ڪو نہ سکؤ سور گهٽئي سنپران.
ڪين: ههڙا سيڻ سڏير، ڪين لهنديين ڪڏهن.

## ”فعل مجهول“

امر استقبال + اي = فعل مجهول

پڇج + اي = پڇجي:
”گهٽو پڇجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن.“
ڏج + اي = ڏجي، جمع ڏجن:
”ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن.“

## ”معطوفي“ جملي جي ٻن ڀاڱن کي ملائيندڙ

هتي معطوفي جا اهي ٻہ عام روپ ملن ٿا. جن بابت ڪن گرامر جي ڪتابن ۾ سمجهاڻي ڏنل آهي ۽ اهي ٻہ روپ هن طرح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن.

فعل امر واحد + اي = معطوفي

ويهہ + اي = ويهي:

"مٺي! مزمانن سين، ويهي رات وهاءِ."

فعل امرواحد + اي = معطوفي.

جهاڳ + اي = جهاڳي:

"چوٽيون چنبيلي، جيئن تيئن جهاڳي اکٽي."

## "مرکب غير مفيد"

هن ڪان پهرين جيڪي "ارڙهن" (18) لفظ ڏاهڻ جا نمونا ڏنا ويا آهن، اهي سڀ مرکب مفيد جا مختلف روپ آهن ڇو ته انهن ۾ لفظن جي پويان پيا آواز ملائڻ سان يا ٻي پڇ ڪرڻ سان، نوان لفظ ٺهيا آهن ۽ مرکب غير مفيد اهو مرکب آهي، جنهن ۾ ميلاپ سان نئون لفظ يا نوان لفظ نه ٺهن جيئن هيٺ مثال ڏنا ويا آهن.

ظرف + حرف = ظرف.

هٽ + هين = هتهين:

"پرين پڇاڻا هتهين، آئون رتي تان ته رهندي."

اسم + حرف = اسم

لڳ + آيو = لڳايو واڌارو لاڳاپو.

لاٽو مون ڏيهہ وٺن سان، لاڳاپو ۽ لاڳ.

## "مرکب فعل"

جڏهن ٻه ڪي ۾ فعل گڏجي، نئون فعل ٺاهين، جيڪو اڳوٽن ٻنهي فعلن کان ڌار معنيٰ ڏيکاري ته اهڙن فعلن کي مرکب فعل چئبو آهي، جيئن:

چڙهي ويا:

"چپاتا چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ."

لائي وئڙا:

"ڪشي کان ڪمان مان، لائي وئڙا لوري."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اگھ آماني، شل ڪيچين جي ڪام ٿئي.
اٿاسي - خراب نڪ واري يعني ٻي نڪي، نڪ وڍي
"غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيئن اٿاسي اوجهرين."
پُر، گهٽي يا گهٽا جي معنيٰ لاءِ جيئن پرتقصيرون - گهٽا گناهہ
"ساريان ڪان سبيل، پر تقصيرون پاڻ ڏي."

**"ٻچاڙيون"**

ڪيترائي حرف يا نشانيون يا آواز اسمن جي پويان اچي، متن اثر وجهي، مختلف حالتون پيدا ڪن ٿا ۽ لفظ جي معنيٰ ۾ ڦير اچي وڃي ٿو. هن سر جي شاعري ۾ جيڪي اهڙا آواز ملن ٿا، سي هن طرح آهن.

" اَ " آواز ڪي، جي معنيٰ ۾
" سي ڪيئن محبَ مڙن، جي سنجهي رهن سمهي"
(محب ڪي مڙن)
" اَ " آواز ـ جي معنيٰ ۾
"ڪرم سان ڪريم جي، آئون پرينءَ ملندي."
(پرين سان ملندي)
" اِ " آواز ـِ جي معنيٰ ۾
ڏونگر ڏکِ پئي، ڪيم تو سين ڳالهڙي."
(ڏک ۾ پئي)
" آ " جو آواز- ڪان، جي معنيٰ ۾
" ان عذابا اگهين، مادر چو نہ مَران"!
(عذاب ڪان اگهين)
" او " جو آواز جي، معنيٰ ۾
"ڏونگر ڏيهاٽي، پاڻ مٿان تو گهوريان"
(تون جي مٿان گهوريان)
" ئون " جو آواز-ڪان، جي معنيٰ ۾
"ويجهنئون ويئي، تي وهيٽي سجٽين"
(ويجهن ڪان ويئي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" اي " جو آواز - جي معنيٰ ۾
"سٽي سا تنوار مرون پيا مامري"
(مامري ۾)
" اين " جو آواز جون جي معنيٰ ۾
" ڏونگر پونين ڪير، سڄڻ ميڪون ڏونگرين"
(ڏونگرن جون)
"هين" جو آواز "جي" جي معنيٰ ۾
" توهين لئي ڪاٽي، ڏکي ڏوري ڏونگرين"
(تون جي لئي)

## "متا سنا يا تبديل"

هن سر جي بيتن جي شاعريءَ ۾ تبديل جا هيٺيان چار نمونا مليا آهن:

### آوازي تبديل:

هن تبديل ۾ سر آواز پاڻ ۾ بدلجي، لفظن جي شڪل ۾ تبديلي آڻين ٿا.

"اي" جي بدران " اُو" جو استعمال.
"لوهي" جي بدران، لوهو":
"لوهو لڳن ناهه ڪين، سَندَ مڙئي ساٽان."
"اُو" جي بدران "اي" جو استعمال.
" مروٽي" جي بدران "مريٽي"
جا مرضن مريٽي، سا سرتيون ڪيئن سگهي ٿئي.
"اي" جي بدران آ، جو استعمال،
"سويري" جي بدران " سواري":
"سيتين سواري، منهن ويڙهي مٺن جيئن."

### اکري تبديل:

هن تبديل ۾ صحيح حرف يا وينجن، هڪ ٻئي سان مٽبا آهن جيئن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پھا مان پھہ: ”اوڳي اونيڙن جا، تي پھہ پچين پريات.“
دوست = دوس : ”در پر اپيين دوس جي تہ سر پر هوند سياءَ.“
وسيلا = وسيل: ”وساري وسيل، متان مارڳ ڇڏيين.“
قالين=قالي : ”اڳيان ڪؤ م ڪپ، اي قالي آڏو ڪيچ ڪي.“
اوهان = آن : ”مون کي جنين ماريو آن ڪي ڳڏيا سي.“
ڪوھ =ڪ: ”هون هميشه هتهين تہ ڏونگر ڪ ڏوريان!“
جڳائي مان جڳاءِ:قم تي پهچ قريب ڪي، اجلس تو نہ جڳاءِ
پوئي = پوءِ : ”ڏاڍي لُڪ لڪن جي، پٽن پوءِ پچاءِ.“
هئوم = هوم : ”سڄڻ هوم هيڪڙو، ويڙو ڦوڙائي سو.“
چاروي = چاري : ”ڏنئي نہ ڏيرن جا، چوڏاري چاري.“
ڪارئي = ڪاري : ”رفاقت رڃن ۾، ڏونگر ڪاري ڏک.“

## ”واڌارا يا وڌاءَ“

شعري ضرورت لاءِ لفظن کي وڏو ڪري استعمال ڪرڻ واري پيچ گهڙ کي واڌارو يا وڌاءَ چئبو آهي. هن سر جي شاعري ۾ واڌارن جا مثال هيٺين طرح آهن.

رهاڻ مان رهاٽي: تو ۾ رهاٽي، سدا پاروچن جي.
ڏيٺ = ڏيٺي : پانيڻ کي پروچ ريءَ، ڏکن سان ڏيٺي.
هوت = هوتا : مون کي سي نہ ڇڏيندا هو تا.
چانءَ = چانئي :.پرتو و پنهون جو ڪي چانئي ڪي اس.
زور = زورو : زورو هن ضعيف سان، ڪامل ڪوه ڪرين.
سک = سکوءَ : ساريان ڪو نہ سکوءَ، سور گهٽيرا سنيران.
لڳ = لاڳ : لاٽو مون ڏيھ وٽن سان، لاڳاپو ۽ لاڳ.
جهجهائي = جهاجهائي:ڪنهن پر ڪهي لنگهيان جبل جهاجهائي
ڪو = ڪوءَ : ڪوهياري جو ڪوءَ، اچي سور اڏميو.
پاڻ = پاٽا : مونکي جنين ماريو سڃاتم پاٽا
هڪ = هيڪ : پيون ڏيئي ٻن، هلچ پاسي هيڪ.
سڳاتو = ساڳاتو: او مر ويليون هون، مون ساڳاتو سور ٽيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ”ضميري پڇاڙيون“

هن سر جي بيتن ۾ ”ء“ ”م“ ”ءِ“ ”ن“ ضميري پڇاڙيون مليون آهن، جن جا مثال هن کان اڳ وارن سرن جي بحث ۾ اچي ويا آهن انڪري اهو بحث اتي ختم ڪجي ٿو.

## ”ندائي حرف“

هن سر ۾ ندائي ترڪيبن ۾ جيڪي ندا جا حرف ڪم آيا آهن. اهي ھڙي، ڙي، اڙي، اَي، وو وغيره آهن. جيڪي اسمن جي اڳ ۾ اچي ندائي ترڪيبون پيدا ڪن ٿا مثلاً

ھڙي! تـ پيلي گھٽا، ساٿي پڇي سُڪ،
ادا ڙي! ڏوٿي، آئون پڇان تو تي،
وو جيڏيون آئون هلندي هوت ڏي.

نوٽ: 1970ع واري ڍاڪي ۾ ڀٽ شاهه تي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، مگر ڪن سببن ڪري اهي مقالا شايع ٿي نه سگهيا. هي مقالو مرحوم معمور يوسفاڻيءَ جي پٽ ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ اسان ڏانهن ڏياري موڪليو آهي جنهن لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون.-مرتب)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد حسين 'ڪاشف'

# غافل غفلت ڇوڙ!

دنيا جي عظيم شاعرن جي عظمتن جو ساڻاري، فن ۽ فڪر جي ضوفشانين جو سرواڻ، روحانيت جي رمز آفريني، رمز شناسي، رمز افشائي جو جويالہ راز عقل و خرد جي بلندين ۾ محو پرواز حسن و جمال جو جلوه آرائي، جلوه نمائي جو سردار عشق ۽ محبت جو راز ۽ ان جي اظهار بياني ۾ يدطوليٰ رکندڙ سونهن ۽ سوڀيا جي تشريح ۽ توضيح ۾ يڪتا، انساني مزاج جي رعنايون، دلفريبين، پاونائن، ڪلپنائن ۽ روح جي اسرار و رموز جو نڪتہ شناس انساني روين جو نبض شناس ۽ انسانيت جي علمبردار حقائق دقايق جي شارح سنڌ ڌرتيءَ جي سونهن ۽ ان جي سپيتا ڪي سڦل ڪندڙ لطيف رحہ جهڙو شاعر نہ اڳ ٿيو ۽ نہ وري ڪو پوءِ پيدا ٿيندو. ڪير ڪيترا بہ ڪٽي تسلسل پيدا ڪري ۽ ان ڳوپ لاءِ ڳنڍيون ڏي. اهي سڀ هن مهان شاعر جي مقام آڏو هيچ ۽ هيٺائيون آهن. لطيف سرڪار زندگي جي جملي رعنايون، رنگينين، رومانيت جي رمز آفريني ۽ رمز شناسي ۽ حقيقت الحقايق جي ڳجهہ ڪي جنهن سليقي ۽ سُياءَ سان حقيقت ۽ حسن آرائي سان بيان ڪيو آهي. ان جي فڪرجو ڪو رنگ ئي بيان ڪري نٿو سگهجي. لطيف پنهنجي ڌرتي، ان جي ماڻهن جي حال، پنهنجي پيش ڪيل ڪردارن، هتان جي سانگين جي سمتہ انهن جي زندگيءَ جي هر ڪارج، تشريح جو محتاج آهي، نہ تعريف جو چاڪاڻ تہ هن جڳ سڪري شاعري پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن سان پيار جو جيڪو حق ادا ڪيو آهي، اهو وڏي پد وارو آهي. هي عظيم انسان پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي هڪ جيئري جاڳندي دنيا جو عڪس اکين آڏو آڻي ٿو جيڪو هن جي حسن بيني، جمالياتي ذوق،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فڪري پختگي ۽ حقايق شناسي جو لاثاني مثال آهي. لطيف رحہ پنھنجو شان پاڻ آهي، جنھن جي بلندين کي ڇھڻ اسان جي قلم جي صاحبن کان تمام پري آهي. هي جو ڪجھہ ڪيو ويو آهي، يا ڪيو پيو وڃي يا ڪيو ويندو، اهو هن عظيم شاعر ۽ لائق انسان جي عظمتن آڏو ڪا ايڏي وڏي حيثيت نٿو رکي ۽ نہ وري هن جي حق جي، حقِ ادائيگي ان کي چئي سگھجي ٿو. هت تہ "عمر ويئي گذري پورو نہ هڪ ورق ٿيو." واري ڪار آهي.

هن پل مانس انسان، انسانيت ۽ اخلاق، حسن ۽ عشق جي باليدگي، ان جي عشوه طرازي ۽ عشوه سازي جي عظمتن رفعتن جي هڪ درخشنده داستان کي وجود ڏنو آهي، جنھن پنھنجي ڪلام ۾ سسئي جي سورن جي سمت ان جي عشق جي سوختہ سازي ڪيفيت جنھن جو اظھار "پري ٿي پنھور، مھان ئي ٿو مچ ٻري" ۾ عيان نظر اچي ٿو. جنھن جي تلاش حق جي سلسلي سان پنھنجي لاثاني ڪلام جا سڄا سارا "پنج سُر" رچيا آهن. جن ۾ شاه جي ڪلام جي مؤلفين ۽ مرتبين ڪثرت سان "ڪوهياري" کي چوٿين نمبر تي يا ائين چئجي تہ عشق جي چوٿين ڏاڪي تي رکيو آهي. بنيادي طور تي غور ڪبو تہ لطيف سرڪار آڏو عشق جي راه جون يا تلاش يار جي سفر جون اهي پنج منزلون آهن، جن ۾ "ڪوهياري" چوٿين نمبر جي منزل تي محڪم ۽ معجز آهي. جڳ مشهور صوفي "فريد الدين عطار" پنھنجي مشهور ڪتاب "منطق الطير" ۾ "سيمرغ" جي تلاش جي سلسلي سان پکين جي زباني جيڪي حقايت ۽ دقايت بيان ڪئي آهي. ان مان اهل صفا ۽ اهل وفا ۽ اهل دل وارن عشق جي ستن منزلن کي نشامبر ڪيو آهي:

1. واديءِ طلب
2. واديءِ عشق
3. واديءِ معرفت
4. واديءِ استغنا
5. واديءِ وحدت
6. واديءِ حيرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

7. واديءِ فنا

غور ڪبو تہ سرڪار لطيف پنهنجي بلند خيالي، حقايق بيني ۽ معرفت جي آگاهي جي بنياد تي عشق جي انهيءَ راهہ کي مختصر ڪندي پنهنجن منزلن ڀرآندو آهي، جنهن جو مظهر سسئي بابت چيل سندن پنج سُر آهن. جن تي غور سان هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ هن عرفان جي صاحب وٽ روماني رمز آفريني تحت عشق جا پنج ڏاڪا آهن. جن کي انهن سرنْ جي صورت سان عشق جي راهہ جي پنڌن ۽ پيچرن جي حقايق ۽ حقيقت کي بيان ڪري، سالڪ لاءِ پنجن سُرن جي مام جي مذڪور ۾ عشق پيچان جي منزلن کي نشامبر ڪيو آهي.

1. واديءِ طلب
2. واديءِ عشق
3. واعديءِ معرفت
4. واديءِ وحدت
5. واديءِ فنا

لطيف "استغنا" کي وحدت ۾ مدغم ڪري ڇڏيو ۽ "حيرت" کي فنا ۾ تحليل ڪيو آهي، جيڪو هن اهل صفا صوفي جي فڪري انفراديت ۽ راهِ معرفت جي سيهوڳي جو ڪمال آهي.

هت آئون ﭙيو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ سسئي بابت لطيف رحہ جي چيل سيني سُرن ۾آيل بيتن جي تقسيم ۽ ترتيب سندن ڏنل ۽ ڏسيل انهيءَ عشق جي منزلن سان مشابہ هئڻ گهرجي، جيڪا هن وقت نہ آهي.طلب، عشق، حسن جمال، تلاش يار پاڻ ارپڻ، فنائيت سيني جي سلسلي جو ڪلام ٽڙيل پکڙيل ۽ سيني سُرن ۾ نظر اچي ٿو. سندن عشق جي بيان ڪيل منزلن يا اسان انهن کي سندن ڪلام مان سسئي جي بنياد تي اخذ ٿا ڪريون. انهيءَ لحاظ کان سسئي جي سُرن ۾ معنوي ۽ معرفت جي بنياد تي ڪم جي ضرورت آهي. ڪاش انهن کي جيڪڏهن ڪنهن صاحب حال ۽ صاحب جلال جو قلم حسن عمل سان ترتيب ڏي تہ هوند فڪري طور تي سسئي جي سلسلي سان ڪلام کي سمجهڻ سان اجا بہ وڌيڪ آساني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي سگهي ٿي ۽ هن محبت جي ماريل ڪردار جيڪي سور سختيون پنهنجي حق جي حاصل ڪرڻ لاءِ بَرنِ مُنهن پئي. جبل جھاڳي ورن ۾ واڪا ۽ ووءِ ڪري، ڏونگر جا ڏک ۽ "هيڪليائي هيل پورينڊس پنهونءَ ڏي" جو ڪجھ ڏلو ۽ سنو ان جو روپ سروپ شايد اجا بہ وڌيڪ رقت آميز ۽ درد انگيز ٿي سامهون اچي جيءَ جهوري سگهي ٿو ۽ "اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندئيون" جي ريت پنهنجي سچي سڌاءَ ۽ سهڻ سان سامهون اچي وڃي ٿي. "وڃن گوندر گڏيون، لوڪ نہ آچين پارڻ." ڳالھ هلي پئي "ڪوهياري" جي جيڪو چوٿون نمبر سُر آهي، جنهن جي شروعات لطيف رحہ سسئي جي سمهڻ واري ڪيفيت ڪي ننڊڻ سان ڪئي آهي، جنهن جو اشارو زندگي جي غير متحرڪ ڪيفيت ڏي وڃي ٿو جيڪا زندگي، سماجي ارتقا، فرد جي انا، جدوجهد جي صورتحال سان سيني لاءِ پسپائي پيدا ڪندڙ آهي. ان تي مهميز ڏيندي فرمائي ٿو تہ...

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪين اٿاسي اوجهري،
ڇپتا چڙهي ويا وڃي پهتا تـوڙ
نيٺين ننڊ اڪوڙ جمر ورن ۾ واڪا ڪرين.

غور ڪبو تہ عشق جتي محبت جي مقياس ڪي آٽي ٿـو اتي هو جدوجهد جو پيو نالو پڻ آهي. عشق جي ميدان ڪارزار جي صورتحال ۾ جنهن صورت سان "ڪوهياري" جو سر ڏنل آهي، اهو بذاتِ خود مختلف پڙهڻين، ڪلام جي تعداد، بيتن جي سڌاءَ وغيره جي لحاظ کان غور طلب هو. مون وٽ انهيءَ سلسلي ۾ مواد هو پر چيم تہ هن کان اڳ "ديسي"، "مومل راڻو"، "ليلان چنيسر" وغيره جي سلسلي سان خيال آرائي ڪئي آهي، چو تہ شاه جي ڪلام جي سلسلي سان عالمن، ادارن، ايتروتہ اختلاف راءِ ڪي وجود ڏنو آهي جو شاه جو ڪلام صرف "اڪران دي وچ اڙيا"واري صورتحال سان منسلڪ ٿيندو پيو وڃي.

مون شروع ۾ صوفيانہ فڪر جي رويہ سان ڳالھ شروع ڪئي. ان ۾ بہ منهنجو پنهنجو نقطہ نظر آهي، ڇاڪاڻ تہ تصوف ۽ رموز تصوف ڪي ان وقت تائين نٿو سمجهي سگهجي، جيستائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ راهه ۾ ڪو قدم نہ رکيو ويو آهي. يا ڪنهن اهل دل سان ڪا صحبت نہ رهي آهي. ڪتابي علم جي بنياد تي حقيقت الحقايت جي حقايت کي حق سان حق ۾ بيان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي، جيڪو ماڻهوءَ کان اهو ڪجهہ گهري ٿو جنهن جي اسانجي وجود ۾ کوٽ آهي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام کي سچي جو سچو تصوف جي حوالي نہ ڪيو آهي، جتي انهيءَ جي ضرورت آهي، اتي انهيءَ کي هن جرس حال صوفي بيان ڪيو آهي. باقي هن مهان شاعر جي ڪلام ۾ عظيم انسان ۽ شاعر جي حيثيت ۾ زندگي جا سڀ رنگ رچيل آهن. بنيادي طور تي اسان کي لطيف رحہ کي صوفيانہ فڪري روين سان گڏ زندگيءَ جي اسرار و رموز انسان جي ڪلچر جي روين، ان جي نفسيات، فڪري اپار، ان جي ترويج ۽ سماجي معمولات جي روشنيءَ ۾ معروضات جي بنياد تي بہ ڏسڻ نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ لطيف زندگي جو شاعر آهي، جنهن جو ڪلام انسان جي روحاني ۽ مادي روين جي اصلاح ۽ ان جي فطرت ۾ سالميت پيدا ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي، جنهن جو لطيف پيامبر آهي. انسان جي اخلاقي، عملي ۽ سماجي بهتري لاءِلطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪئين نڪتا بيان ڪيا آهن. انساني سماج پنهنجي سفر جي لحاظ کان لکين سالن جي هل هلان بعد هن جي زندگي جي ارتقائي دورن جي قطع نظر بعد معاشرتي زندگي ۽ اتساهہ تي نظر ٿي ڪجي تہ هن وقت زمانو تقسيم جي لحاظ کان ايڪويهين صدي ۾ روان دوان آهي، جنهن ۾ عصر حاضر جا رويا انهيءَ ڳالهہ جي علامت ۽ دليل آهن. انساني معاشري جي شڪل بدلجي رهي آهي. معروضيات جي بنياد تي زندگي ڪيترن ئي خانن، روين ۽ علمي ۽ فڪري شعبن ۾ تقسيم ٿي وئي آهي ۽ ٿي رهي آهي. انسان جيڪو معاشي حيوان آهي. اهو سائنسي انڪشافات ان جي نيرنگين ۽ دل آويزين جي چار ۾ ڪوريئڙي جيان مقيد ٿيندو پيو وڃي، جنهن کي انساني زندگي جي نئين باب سان تعبير ڪري سگهجي ٿو جنهن ۾ اڄ جو انسان گهاري ٿو ۽ ان مان گذري رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ لطيف رحہ جهڙي عظيم ۽ مهان شاعر جي فڪري روين شعوري قدرن کي ماضيءَ جي بيان ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تشريحي ۽ توضيعي قدرن جي بنياد تي بيان ڪرڻ عصر حاضر جي تقاضائن ڪان فراريت جي برابر ٿيندو. هن جڳ سڪري ۽ باڪمال شاعر، اعليٰ ڳڻن واري انسان جي فڪري روين کي عصر حاضر سان ڪيئن برميچجي" اهو هڪ اهم سوال آهي. وقتي تقاضائن موجب اهو نهايت ضروري آهي تہ روايت ۽ تقليد پسندي جي انهيءَ خول کي ڀڃي پورا ڪجي، جنهن کي سرڪار لطيف پڻ ڪڏهين بہ قبول نہ ڪيو. روايتي انداز ۾ لطيف جي فڪر کي پيش ڪرڻ سان اسان لطيف جي ڪابہ خدمت بجا نہ آڻي رهيا آهيون. هن وقت لطيف تي نئين سري سان تحقيق ۽ ترويج جي ضرورت آهي. گيپ آف جنريشن، سماجي ارتقا، زندگي جي بدلجندڙ حالتن، معاشي روين، سماجي ناانصافي، سماجي ساختيات جي لحاظ ڪان اسان جي عالمن، محققن ۽ ادارن لاءِ هڪ وڏو چئلنج آهي. چاڪاڻ تہ لطيف کي عالمي سطح جي لحاظ ڪان پيش ڪرڻ ضروري آهي. هن وقت تائين اسان جيڪا حصاربندي قائم ڪئي آهي، انهيءَ لطيفي فڪر کي نہ پر اسانجي فڪري ارتقا واري عمل کي نقصان پهچايو آهي ۽ زندگي جي قدرن ۽ روين کي اها جلا نہ ملي آهي. منهنجي زندگي مقدار آهي، "تتل مچ" جي صورت ۾ فيوڊل ازم سنڌي سماج جا بخيا اڌيڙي ڇڏيا آهن. لطيفي تعليم جي بنياد تي سماج اندر ڪا سهٽ ۽ ستاءُ مستقل طور تي وجود وٺي نہ سگهي آهي. تجاهل عارفانہ ۽ فڪري تساهل سبب اسين لطيف کي عالمي افق تي نروار ڪري نہ سگهيا آهيون. واديءَ سنڌ جي تهذيب ۽ ان جي ارتقا ۾ روڪ جي بنيادن کي تلاش ڪري نہ سگهيا آهيون. آزادي ۽ آزاد رهڻ واري جذبي کي لطيف جنهن انداز سان بيان ڪيو آهي ۽ فڪري آبياري لاءِ جيڪي گس ۽ گهيڙ ڏسيا آهن، اسان انهن تڙن جي ڪڏهين تلاش نہ ڪئي آهي، جنهن لاءِ ڪوهياري ۾ ڪوڪ ڪندي وڏي واڪي فرمائي ٿو تہ:

اجان پٽي جيئين، سجڻ ساريو چوري چو نہ مرين،
وٽيون وه ڳاڏيون سي تان تون نہ پيئين.
لڳئي ڪونہ هنئين، ڪو ڳڻ ڀاروچن جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف پنهنجي لطيف ٻولن ۾ سماجي چئلنجن جي صورت ۾ انساني جياپي لاءِ هٿڻ واري صورتحال سان بيان ڪيو آهي نـ ناميدي ۽ لاچاري واري احساس سان ورجاءُ ڪيو آهي. سنڌن آڏو زهر پي بـ زندگي کي جيئڻو آهي. سقراط اڄ بـ زنده آهي، هن زهر پي زندگي کي دوام بخشيو. لطيف ڪوهياري ۾ انهيءَ ريت ۽ رسم جو قائل آهي. زندگي ۾ پاڻ ارپڻ واري جذبي کي بيان ڪندي فرمائي ٿو تـ:

ڪوهيارو ٿـي ڪـات مُـون مـاري هليـو
هـو هـوءِ مـر حيـات، آئـون مُيـائي گهـوري.

❉

پلـر لڳــس پـاڻ، پسـو جـوءِ جـرا ٿـئي،
سـا سـنڌيري نـ جيـئي، پـئي پڇـاڙي پـاڻ،
سسـئي سـورن سـاڻ، سـنيوڙي سـيد چـوي.

غور طلب ڳالهـ آهي، سسئي جي سهٽ ۾ انساني جدوجهد ان جي تڪميلي مقصد لاءِ پاڻ ارپڻ جي حقيقت کي پيش ڪيو آهي. مقصد جو حصول تيستائين ناممڪن آهي. جيستائين ان لاءِ پاڻ ارپيو نـ ويو آهي، ڪوهياري جو داستان انهيءَ ولوڙ ۽ ووءِ ۽ ووڪ جو ورجاءُ آهي. هي دور جنهن کي تاريخ جو جديد دور چئجي ٿو ان ۾ لطيف جي فلسفي ۽ فڪر جي ان جي شاعرانـ استعارات ۽ تلميحات جي ان جي ڪيفيات ۽ ڪميات جي شعوري بلندي جي افقي سطح جي روايتي تشريح هن جديد دور ۾ ذهني تبديلي ۽ فڪري انقلاب لاءِ ڪيترو ڪارآمد ٿي سگهي ٿي؟ ان جو فيصلو اسان جي عالم ۽ لطيفي شارحن ۽ ادارن کي ڪرڻ گهرجي. لطيف جيڪو سنڌ جي اتهاس جو نمائنده ۽ ان جي روح جو آواز آهي . جيڪو سنڌ سان گڏ عالم انسانيت جو دعاگو ۽ علمبردار آهي، ان لاءِ اسان ڇا ڪيو آهي؟ ان جي نالي کي انقلابي نقطـ نظر جي ترويج ۽ رجائيت جي بجاءِ اسان جي لکندڙن لطيف کي قنوطيت زرده فلسفي سان سلهاڙڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. هت آئون واضح ڪندو هلان تـ تصوف جو فلسفو قنوطيت جو فلسفو نـ آهي. تاريخ جو ايهاس اهو واضح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ٿو تہ صوفين هر دور جي ڏاڍ ۽ ظلم جي انفرادي توڙي اجتماعي طور تي مزاحمت ڪئي آهي، سندن خانقاهون ۽ آستانہ فڪري ارتقا جو درسگاهہ رهيا آهن. هنن حاڪمن جي روين جي خلاف انسانيت جي اصول ڪي ذات پات جي مت پيد ڪان مٿي ٿي انسانيت جي بقا لاءِ ڪم ڪيو آهي. هر دور جي صوفين جي اقوام ۽ احوال ڪي انهيءَ دور جي حالتن جي مطابق جاچيو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ اهو ڪنهن طرح سان مناسب نہ آهي تہ هڪ عهد جي ارباب تصوف جي اقوال کي ٻئي عهد جي معيار تي جاچيو وڃي. اهو ڪليہ لطيف جي فڪري روين توڙي ڪلام جي صورتن ان جي معنوي حقائق سان بہ لاڳو آهي.
اسان کي لڪير جو فقير بڻجڻ جي بجاءِ عالمي طور تي مڃيل اصولن ۽ روين جي بنياد تي جديد دور جي تقاضائن جي روشنيءَ ۾ لطيف کي پيش ڪرڻ گهرجي. لطيف تي ڪنهن جي اجاره داري نہ آهي. هو هن ڌرتيءَ جي ماڻهن، انهن جي اتهاس، ڀاونائن ۽ ڪلپنائن جو نمائندو آهي. ان سان گڏ هو بين الاقوامي شاعر آهي. اهي طبقا جن لاءِ لطيف شجر ممنوع هو ۽ صرف انهن کي سنڌيت جي پرچارڪ نظر تي آيو اهي اڄ هن عظيم شاعر جي فڪر ۽ فلسفي جا معترف آهن. ان جي مڃتا لاءِ هر ذريعو استعمال ڪري رهيا آهن.
اسان جي محققن ۽ عالمن کي وقت جي نبض جي رفتار جو اندازو ڪرڻ گهرجي. اسان ڪان جبل ويا، جهنگل ويا، پاٽي ويو شهر ويا.ڌرتي وڃي باقي رهيو لطيف جو فڪر ۽ فلسفو ان کي بہ جي سنڌ جو عالم ۽ محقق سنڀالي نہ سگهيو تہ اهو تاريخ جو هڪ الميو تصور ڪيو ويندو. جيڪو هڪ ناقابل معافي عمل آهي. لطيف انهيءَ مجرمانہ خاموشيءَ تي تنبيه ڪندي فرمائي ٿو تہ:

جڏهن سُتيون جي، پٽر پير ڏگها ڪري،
تڏهن تنهين کي، ساٿ سُتي ئي ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڪوهياري ۽ رنداني راز

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ انسان کي معرفت جي مقام تائين پهچڻ جو گس ٻڌائيندي، سمهڻ يا غفلت واري ننڊ کان روڪي ٿو ۽ جاڳندڙ ذڪر جي ضربان هڻندڙ کي منزل معرفت تائين پهچڻ جون راهون ٻڌائي تاڪيد ٿو ڪري تہ غفلت ڇڏي ننڊ ڦٽائي، رب کي ريجهاءِ. رات جي اوجاڳن کي اهميت ٿو ڏئي جيڪي لوڪ ستي ڪن ٿا. ننڊون ڪرڻ وارن کي ٻڌائي ٿو تہ مقصد ماڻڻ کان سواءِ رستي ۾ رهجي ويندين تہ هميشہ هٿ هڻندين. جيئن سر ڪوهياري داستان بيت نمبر 1 ۾ فرمائي ٿو.

لَيلَ نہ جاڳئين لِڪَ سين، کُلي نوم ڪِياءِ،
قُم تي پهچ قريب کي، اجلس تو نہ جُڳاءِ،
مـني مهمانن سين، ويهي رات وِهاءِ،
جيلانهن ننڊ ڪياءِ تيلانهن روز رهين تي راهه ۾.

بيت نمبر2 ۾ اجلس ڪري اٿيا. تنواريو توڏن يعني فقراءِ جو طريقو هوندو آهي. ڀرپائين تورو سمهي پوءِ اُٿي ذڪر جون چار تسبيح پڙهندا آهن يالطيف سان ذڪر ڪندا آهن. توڏن، موڏن، روڏن تنهي لفظن ۾ چار چار اکر آهن. قادري ذڪر جي زوردار ضربن ڏي اشارو آهي. نوم نوازڻ ان کي، مرحبا موڏن يعني ذاڪر پانهنجا بشري تقاضا موجب نوم يا ڪجهہ ننڊ جي جهوٽي ڪندا تہ اها بہ عبادت ۾ شامل ٿيندن ۽ نوازجڻ جا حقدار رهندا.

رڙي رس روڏن، اَليَومَ سِيرُوا سسئي. يہ سني ڏاڍيان ذڪر ڪرين يا قلبي مخفي ذڪر ڪرين تہ بہ پانهنجا پيو رڙهہ ان بعد سير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سبحاني وارو سلطاني ذڪر حاصل ٿيندءِ رڳ رڳ وار وار ۾ ”الله“ هو جون تنواراهه هوندءِ.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رح به اهڙي طرح فرمايو آهي حضرت شاهه سائين جي ”تتي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل وهڻ جي“ جي موجب چيو آهي ته...

”لاهوتي لاهوت ڏي رڙهن سنجهه صباح،
ڏک سک برابر ليک اورن ساڻ الله
مانڊائي ۾ مرشد چوي چلن منجهارؤن چاههَ
چَوَن جا وٽئي سا واهه ڪُلئون قريبن ڪي“

بيت نمبر3 ۾ ”جو دم غافل سودم ڪافر“ واري فقيراڻي اصطلاح موجب غافلن بي دينن ماڻهن کي حضرت شاهه سائين تَنبيهي انداز سان هدايت ٿو ڪري: غفلت جون ننڊون ڪري معرفت جي مايا هٿان وڃائي پوءِ تقدير کي نشانو بنائي ڪيچين کي ڪچو ٿو سمجهين. سانجهي ڪان صبح تائين سمهي نفس کي راضي ڪري پوءِ حقيقي پنهون ڪائنات جي خالق مالڪ پروردگار بابت ڏس ٿو پُڇائين ته ڪيئن رب ريجهايان. حضرت شاهه سائين فرمائي ٿو:

سُتئين سواري، منهن ويڙهي مُئن جيئن،
اوجاڳو اکين کي جاتوءِ نه ڏيئي،
هَڏان تويئي، ٿي ڪچو ڪيچين کي ڪرين.
*(ڪوهياري بيت نمبر11)*

ان بيت ۾ حضرت شاهه سائين غفلت سان سمهندڙن کي مُئل سڏي آهي.

## شهداء ڪربلا جو غم
## شهداء اُحد جو غم

سر ڪوهياري جي ڪن بيتن ۾ حضرت شاهه سائين ڪربلا جي پٿريلي زمين سان ڪلام ڪندي امامن سڳورن جي شهادت جي غم جي تفصيل ۽ حضرت امير حمزه جي شهادت بابت جبل احد کي بيان ٿو ڪري ته اهي جوڏا جوان اسلام جا پرجهلا امت جا سڄڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجو مثال پاڻ هئا. اي جبل انهن جي غم ۾ اسان ڪنهن کي ڏوهه ميار نٿا ڏيون. تقدير ائين ڪيو. انڪري صبر ڪيون ٿا. آخري بيت "مون سين ارادي ائين ڪيو" جو لفظ سورت ياسين جي آيت انـما اَمرُه اِ ذَا اَرا دَ شيئًا اَن يـقولَ لَهٗ کُن فَيکون جو سڌو سنئون ترجمو آهي. بيت...

ڏونگر مون سين رو، ڪڏي پارَ پنهونءَ جا،
سـجڻ هـوم هيڪـڙو، ويـو ڦوڙائـي سـو
ڪنهـــن کـــي ڏيـــان ڏوهـــ،
مـــون ســين ارادي ائيـــن ڪيـــو.

❋

ڏونـگـر ڏکـويـن کـي، دِلاسـا ڏجـن،
گهٽو پڇجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪيئن سندا تَنِ، پَهَڻَ پير ڏکوئين.

## "حضرت بلال حبشي جو بيان"

حضرت بلال حبشي رضہ کي ڪلمہ پاڪ پڙهڻ ۽ عشق حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ڪري ڪافرن بيحد تڪليفون ڏنيون. تپايل شيخن سان ڏنبي ڏنا. تتل واري ۽ پٿرن تي ليٽائي ايذاء ڏنا. سلام آهي حضرت بلال جي صدق سچائي کي جو سيني صدمن کي تقدير سمجهي مرد تي منهن ڏئي قائم رهيو. بيت نمبر 7 حضرت شاهه سائين پنهنجي ڪلام سان ان درد ناڪ واردات جي عڪاسي هن طرح پڌائي آهي.

تَپي ڪنديـن ڪوهہ، ڏونگر ڏکوين کي،
تون جي پهڻ پَبَ جا، تہ لڳ منهنجا لوهہ،
ڪنهنجو ڪونهي ڏوهہ اَمرَ مون سان ائين ڪيو.
*ڪوهياري بيت نمبر 17*

## "حضرت ابو بڪر صديق جو عشق"

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم سان ويهن سالن جي عمر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ حضرت ابوبڪر واپار سانگي شام ملڪ ويو هو. پاڻ ڪريم ورڻ هيٺان آرامي ٿيا پرسان هڪ اهل ڪتاب علمن جو ماهر درويش راهب رهندو هو. ان حضرت ابو بڪر کان احوال پڇيو تہ اهو جوان ڪير آهي تعارف بعد قسم کڻي چيائين تہ اهو الله تعاليٰ جو آخري نبي آهي. تون انجو خليفہ ٿيندين. ان ڏينهن کان حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي صبحت سجڻ اوطاقون ڪري سمائجي وئي هئي. مڪي پاڪ ۾ خواب ڏٺائين تہ ڪعبہ شريف مان هڪ نور نروار ٿي منهنجي گهر ۾ آيو آهي. تعبير وارن خواب خيالي ٻڌايس پيهر 39 سالن جي عمر ۾ شام ملڪ ڏي سنگت سان واپار سانگي ويو. پيهر راهب سان ملاقات ڪري پراڻو خواب ٻڌايائينس هن چيس تہ حضرت نبي ڪريم مڪي شريف ۾ توحيد جي تبليغ شروع ڪئي آهي. نبوت جو اعلان ڪيو اتائين توهان وري مال ڪمائڻ هليا آهيو حضرت ابوبڪر مال واپار جي طمع ڇڏي عشق مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي جوش جي خاطر مڪي پاڪ واپس ٿيو سنگت طعنا هنيس تہ سچائي ۾ وڃي ويندين. فرمايائون حضرت محمد ڪريم جي محبت دنيا کان وڏي مايا ملڪيت آهي.

غلامي رسول وڏ امير ۽ نعمت آهي.

حضرت شاهہ سائين اها ماجرا هن طرح بيان ڪئي آهي.

سُڃَ وسندي تن کي، جوش جلايا جي،
طالب جي تحقيق جا، نيهن تَنهن وٽ ني،
تيڏي پَسي تي، هُوتان آهي هيڪڙو.

"هجرت وقت حضرت سيد نا عليِ المرتضيٰ جون آهون"

مڪي پاڪ مان خدا تعاليٰ جي حڪم موجب حضرت سيد المرسلين صلي الله عليہ وسلم هجرت جو ارادو فرمائيندي حضرت سيد علي المرتضيٰ رضي الله عنه کي امانت ادا ڪرڻ جو ڇئي گهر ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو. حضرت علي گڏ جي هلڻ ۽ خدمت ڪرڻ جو عرض ڪيو. رسول ڪريم جي ڪمال عشق محبت ۾ اڪيلي رهڻ جو پاري صدمن سان پرپور گهڙين جدائي جي زندان بابت عرض



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو: حضرت شاهه سائين هن طرح سان ڪيو آهي.

پورهيو ڪنديس پاڻ، اڳيان آريچن جي،

❁

مون ڪي چڏِ مَ ڇپرين، هوتاڻي هن هنڌ،
تو سين ونديس پنڌِ ڏينديس باهه پنهور کي.

صبح ٿي حضرت علي ڪرم الله وجهٗ حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حب ۾ زاروقطار روئندي ماڻهن سان هن طرح حال اوريا ته مان گولو غلام آهيان. حضرت رسول پاڪ جو

جيهي جي تيهي ته به ٻانهي ٻاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين هڻ ڪميني ڪيهي،
اصل آريءَ جام جي پَلئه آءٌ پيئي
وِساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن وِهان.

"مڪي پاڪ ۾ رهجي ويل عورتن ۽ پوڙهن جي اُپٽار"

حضرت رسول ڪريم عليه الصلواة والسلام هجرت رات حضرت ابو بڪر رضه کي ساڻ ڪري روانا ٿيا.

مڪي ۾ رهجي ويل مسلمان ان معمولي جدائي کي به وڏو فراق سمجهي جدائي کي جبل سمجهي زاريون ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجون تقصيرون سمجهڻ لڳا. واتون واجهائي چوڻ لڳا يا رسول الله! تون ئي اسان ضعيفن جو ضامن وسيلو آهين. تنهنجي مدد جا طلبگار آهيون حضرت شاهه سائين اهو بيان هن طع پڌايو آهي.

ساريان ٿي سبيل، پر تقصيرون پاڻ ڏي،
متان مونکي ڇڏئين آريءَ جامَ اَصيلَ
وَرَ وِلهن جا وَسيل، رَسُ رَهبر راهه ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زاهده شيخ

# حقيقت هن حال جي...!!!

سُر ڪوهياريءَ ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪريان ذري
تہ لڳي ماٺ مِرن کي، ڏونگر پَوَنَ ڏري،
وڄن وڻ ٻري، اوپڙ اُپري ڪونہ ڪو.

سُر ڪوهياري ڪوهہ جيئان مضبوط ارادن جو سُر آهي. دنيا ڪيترائي شاعر پيدا ڪيا آهن پوءِ انهن ۾ رومي هجي يا جامي، خيام، غالب هجي يا اقبال، شيڪسپيئر هجي يا وليم يا ملٽن پر هتي ڊاڪٽر ايڇ.ٽي سورلي چوي ٿو تہ مان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي هڪ عظيم ۽ عوامي شاعر صرف سنڌ جو نہ چوندس بلڪ مان ائين چوندس تہ دنيا صرف هڪ شاعر پيدا ڪيو آهي ۽ اهو آهي "شاهه عبداللطيف ڀٽائي" ڊاڪٽر سورلي پنهنجي ٿيسز جي شروعات هنن لفظن سان ڪري ٿو:

**سنڌين جي نالي ارپنا**

"اي سباجها لوڪو!
جن سان مون گڏجي گهاريو
سازيندڙ سچ جي لهس کي محسوس ڪيم
تڪا مٿا بحث ٻڌم ۽ ڏٺم
تہ ڪيئن سنڌ جو مست درياهه چڙواڳ وهي ٿو
ڀراڙي جو نماڻو ڀٽ ٿلهو چيڙي ڪڍهن ٻـ
بادشاهن ۽ جنگين جا اتهاس
پرسندس مُڌرُ سُرَ جي جادوگري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماروئڙن تي ڪو منڊ منڊيو ٿي.
شاهه تنهنجي نماڻائيءَ ۽ نهٺائيءَ وارن سُرن ۾
نه رومي واري شدت آهي،
نه وري جامي وارا روحانيت ۾ ويڙهيل موسيقيءَ جا گردان آهن
نه ئي حافظ واري وڏي لفاظي آهي.
پر پوءِ به ان ۾ عجيب سچ پريل آهي،
ان ماٺ ۾ ڪيڏي نه هورا ڪورا آهي.
اسلام جي ڏاهپ ۽ گهري فلسفي ڪان وڏيڪ،
تنهنجي سادن ۽ ڏاهپ پريل لفظن ۾ جادو پريل آهي."

اهڙي عظيم شاعر جي ڪنهن سُر تي لکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سر ڪوهياري ڪو هڪ موضوع نه آهي البت ڪنهن تمثيل جو ڪو ڪردار آهي. هي ڪردار هڪ سَسُئيءَ جو نه بلڪ سنڌ ۽ هند چا پر پوري دنيا جي هر ان سجاڳ سوچ رکندڙ ۽ همت سان دنيا جي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۽ هر حالت ۾ پنهنجي منزل ۽ مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي مطلوب کي ماڻڻ جو آهي. پوءِ ان جي اڳيان جبل جا ڏنگا ۽ اوکا يا ور وڪڙ ڏکيا گس ۽ رستا پهڻ ۽ پٿر هجن يا زهريلا ڪنڊا. جنگلي جانور يا ڪاريهر نانگ ۽ اهي وڇوڙي جا وڍ.
جيئن ڪوهيارڻ ائين پئي چيو ته "چاڻي چنبن ۾ ويا ...الخ"
چوي ٿي جيئن بحري باز پکين کي پنهنجي خوفناڪ خوني چنبن ۾ ڪٽي سٽيندو ويندو آهي، تيئن منهنجا ممان ڏير به منهنجي پنهون کي اڏائي ڪٽي وياءِ وري جڏهن رب کي "رفيع الدرجات" سڏي ٿي ۽ وري ڏيرن کي آريچا سڏي ٿي.
ڪٿي ننڍ کي نياڳو ٿي سڏي ته ڪٿي وري قسمت کي ٿي دوش ڏي ۽ چوي ٿي ته اهو ته ڪرم جو ڪاڍو يا شايد قضا جي چڪ آهي. ڪٿي پاڻ کي اَياڳو ٿي سمجهي ته آري جام جي اُئن کي سياڳو پئي سمجهائين ته اهي ڪيئن نه پئي مالڪن لاءِ جاڳيا ڪٽي چوي ٿي "ڏونگر ته پيلي" يعني ڏونگر ڏورڻ لاءِ ڪو همدرد ۽ ساٿي به هجڻ ضروري آهي. وري ڪٽي چوي ٿي ٻُڙي! ته پيلي الخ هي جڻ ته متين لفظن جو جواب هجي. جڏهن اها ڪوهيارڻ ڪهڙي نه اُڪير ۽ فخر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ همٿ سان هيئن ٿي چوي "رفاقت رجن ۾ الخ" جن کي عشق جو درد آهي سيئي رُجن ۽ ڏونگرن ۾ مون سان رفيق ٿي هلنديون. چو هو منهنجا پائيوار آهن. شاعري جي انمول لفظن کي موتين جي مالها ۾ پروئڻ خوبصورت تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال صرف شاهه جهڙو شاعر ئي ڪري سگهي ٿو. شاهه سائين جيڪي ڪجهه پنهنجي چوگرد ڏٺو ۽ جو ڪجهه سندس پاڻ سان وهيو ۽ واپريو ۽ جيڪي ڪجهه سندس دل ۽ دماغ محسوس ڪيو انهن تمثيلن کي اهڙي ته دلڪش انداز ۾ پيش ڪيو اٿس، جو هر ڪردار پڙهڻ وقت اسان جي اکين اڳيان موجود هجي. شاهه سائينءَ جو مشاهدو ۽ سندس نظر جي گهرائي ايتري ته عميق ۽ وسعت سان پريل آهي، جو هن اڄ ايڪويهين صديءَ جي سائنسدانن کي، جتي پنهنجي مائڪرو اسڪوپ، ٽيلي اسڪوپ ۽ اسٽيٿو اسڪوپ جي پروسي تي فخر آهي پر اهي سڀ ايجادون ملي ڪري به شاهه لطيف جهڙي عظيم شاعر جي سوچ جي گهرائي ۽ ڏيگهي نظر نه ٿا سمجهي سگهن. جتي شاهه جي سپاجهي ۽ سادي ٻولي جو هر لفظ ٻولي ٿو شاهه جي نظر ان انسان جي اندر جي تڪليف ڏک ۽ ان ۾ لڪيل ڏک جي پيڙا محسوس ڪئي ۽ ان خوشيءَ کي ڪيئن نه لفظن ۾ بيان ڪيو اٿس ته اها خوشي دل جي گهرائين سان روح کي جهومائي ٿي ڇڏي ۽ جڏهن ڪوهياري جي اندر ۽ پيرن جي پٿن کي ٿا پڙهون ته ائين ٿو محسوس ٿئي ته اسين به ان ڪوهيارڻ سان انهن گسن ۽ ڪنڊن تان ساڻس گڏ گذريا هجون ۽ جتي شاهه سائين ائين ٿو چوي ته پنهون جو وڇوڙو ايئن آهي، جيئن ڏڙ ڏوٽئو ...الخ" يعني انهي سخت ڏک منهنجي ساري بدن تي لرزش پيدا ڪري ڇڏي آهي. پر وري اُتي ئي شاهه سائين چوي ٿو لاتقنطوا من ...الخ" هاڻي هي الفاظ يا هن ڪان پوءِ ايندڙ آيت پٺي قرآن مجيد جي سورة الزمر جي آيت نمبر 53 آهي. جنهن جو ترجمعو آهي "خدا جي رحمت کان مايوس نه ٿيو نا اميد نه ٿيو. تحقيق الله سڀ گناهه معاف ڪري ٿو بس رب کي پڪاريو اندر جي گهرائن سان. جو ته لطيف سائين چوي ٿو ته سالڪ جي حالت هميشه هڪجهڙي نه رهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندس نفس ۾ رهيل ڪا خالي يا ڪا ڪچائي رهيل هوندس، جنهن ڪري سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اندر مان الاهي نور ختم ٿيو وڃي ۽ اندر انڌير ٿيو وڃي. پر وري توبه زاري ۽ ڪوه وزاري ۽ رياضت ڪرڻ سان اها حجاب جي ڪيفيت ختم ٿيو وڃي ۽ الاهي نور وري نئين سر جاري ٿئي ٿو جنهن کي ڪشف يا بسط چئبو آهي. مطلب ته جيستائين سالڪ پاڻ کي پورو پورو فنا نه ٿو ڪري، تيستائين اهي مخالف حالتون مٿس هلنديون ٿيون اچن. ڇو ته محبوب جو جوَر ۽ جفا ته مسڪين ۽ ضعيف تي هلندا پيا اچن پر هي ڳالهه بنهه ضروري آهي ته جيڪڏهن رب کي حاصل ڪرڻ آهي ته پاڻ کي فنا ڪرڻو پوندو. جسم جي اونداهي پيچري مان نڪرڻو پوندو، ڇو ته فنا کان سواءِ بقا محال آهي. جيئن ڪنهن ڪپڙي تي پڪي رنگ چاڙهڻ لاءِ نيرولي پهريان ان کي پاهه ڏيئي ڪچا رنگ ۽ داڳ ڪيڍي پوءِ رنگيندو آهي، تيئن هو سچو محبوب به اول سالڪ کي سختيون سهائي ٿو جون سڀ خاميون ڪيڍي، اندر مان سڀ ميرايون ۽ دنياوي رنگ ڪوري ڪيڍي ٿو هن کي الاهي نور سان رنگي ريٽو ڪري ٿو ۽ ان کان پوءِ ئي سالڪ کي لطيف جا هي لفظ سمجهه ۾ ايندا "سُنهين ٿي" يعني اي بندا طريقت مان واقف ٿي ته دوست جو ڏگ دل مان لهين، ڇو ته هو ته تنهنجي اندر ۾ موجود آهي، صرف نظر ڦيرائڻي آهي. شاهه جي سُر کي مون جهڙي ڪوجهي پنهنجي لفظن ۾ قيد نه ٿي ڪري سگهي، بس ڪوهياري جو هي بيت چوندس:

سچ وسندي تن کي جوش جلايا جي.
طالب جي تحقيق جا نينهن تنهين وٽ ني.
ٽيڏي پسي تي، هو تان آهي هيڪڙو.

هڪ ته شاهه عبداللطيف جهڙو عظيم شاعر ۽ وري سُر به ڪوهياري! ڪاٿي ڪوهياري سَسُئي جي همٿ ۽ پنهنجي سڄڻ ۽ مقصد مطلوب کي ماڻڻ جي لگن! بس هڪ جهد مسلسل يعني مطلوب جڏهن ساهه ٻڄي وڃي جيئن هڪ زندگيءَ لاءِ ساهه ضروري آهي، تيئن ان ڪوهياريءَ لاءِ جبل يا جبلن جا اهي ڏنگا ۽ اوکا رستا اهي رستن جا ڪنڊا ۽ زخمي پيرَ اها گرمي ۽ سردي پر اهي سڀ ڏک ڏاکڙا ته هن جا ساٿي هئا بس هن جي نظر ته پنهنجي مطلوب ڏانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي. هن جون اکيون آس، اُڪير، اميد، پيار ۽ انتظار جي مشعل هيون. ان ڪوهياري جي جسم جو هر سَنڌ هر عضوو پنهون کي پسڻ لاءِ بيقرار هو پوءِ ان خوفناڪ رستن جون ازدها بلائون ۽ گهورُ اتـهيرا ان ڪوهياري کي ڊيڄاري ته ڪو نه سگهيا پر ان همت جي ديويءَ جي همت تي حيران هيا. جنهن لاءِ رستي جا ڪنڊا همدرد ۽ پيرن جا جهير انعام هجن. هي ته ان ڪوهياري جي ساٿي هجڻ تي فخر مند هئا:

ٻَڙي! تـه ٻيلي گهٽا، ساٿي پڇي سُڪُ،
رَفاقت رُڃَن ۾، ڏنگر ڪاري ڏُکُ،
آرِيءَ جو اَهُڪُ، مون رَهنما راهـه ٿِئو.

مان شاهه جي ان انمول موتين جهڙا لفظ ته نه ٿي چئي سگهان پر اِن ڪوهياري همت جي ديوي جي دردن، ڏکن ۽ تڪليفن جي هڪ نه ڪٿندڙ رستي تي هلندي پنهنجي هوُت کي سڏيندي رب کي ٻاڏائيندي جبلن، گسن، ڪنڊن، پهڻن کان پيرا پڇائيندي، ان ڪوهيارڻ لاءِ ٻه لفظ چوڻ جي جسارت ڪندس. ائين محسوس ڪيم ڄڻ ته سندس ئي زبان جا لفظ هجن

درد میرے ساتھ بہت دور تک چلے،
مجھ میں نہ پائی تھکن، تو بچارے تھک چلے۔

شاهه ڪهڙي نه سهاڄهائيءَ مان چوي ٿو ته
پَرتوو پنهوُ جو رڳيائي راحت،
پايان ڏِيـهه پورائون، ساڃڻ لاءِ صِحَتَ،
مِٺِي مصيبت، آهي آرِي جام جي.

شاهه جي شاعري اها شاعري آهي جيڪا جذبن جي عڪاس آهي. ڄڻ ته ڪي لمحا منجهس قيد ٿي ويا هجن. منجهس انمول لفظن ۾ پوئڻ جي مهارت ۽ اظهار جو طريقو ائين پئي محسوس ٿئي جو هر لفظ جاندار پئي لڳم هر لفظ پنهنجي ڪٿا پاڻ پئي چئي پوءِ ان ۾ پيار ۽ پريت جي گهرائي هجي يا درد جي پيڙا. شاعريءَ جو اهو اظهار جو طريقو معنيٰ ۽ مفهوم جي گهرائي ان کي موسيقيءَ جي نازڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُرن کي چنگ ۽ يڪتاري جي روح ريجهائيندڙ تندن ۾ وسائڻ ۽ پوءِ جذبن ۽ احساسن تي طاري ڪرڻ جو روح ۾ تہ ريجهي ۽ من بہ مهڪي پوي ۽ درپن ڏوبي پوي. جڻ تہ اسان بہ ان سنياسي سان انهن جهرن جهگن ۾ گڏ هجون. اها پيڙا ۽ لوچ ڪي لفظ نہ آهن. اسان پاڻ آهيون. هوءَ ڪا ڪوهيارڻ نہ هئي پر همت ۽ لوچ جو سنگِ ميل آهي. ڪٿي پاڻ کي پئي طعنا ڏنائين تہ ڪٿي جبل کي ٿي چيائين: تنهنجي فطرت ئي اها آهي:

ڏونگرَا! تون ڏاڍو. ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين.
۽ ورِي اُتي ئي ان کي سمجهائيندي چوي ٿي تہ...
ڏونگــرَا! ڏکــوين کــي. دِلاســا ڏجــن.
گهٽو پڇجي تَن کي. جن وٽان هوت وڃن.
تون ڪيئن سدا تَنِ. پهڻ پير ڏکوئيين.

هن شعر کي پڙهڻ کان پوءِ ڇا چئجي! سوچ جي ڪهڙي رُخ ڏانهن وڃجي!! انسانيت جي انتها کي ڏسجي يا مروت جي مجتا کي. نياز ۽ نوڙت ڏسجي يا ڏاڍ جو ڏونگر ڏسجي!! ڏاهپ ۽ همت جي هٿيار سان سجيل ڪوهيارڻ چوي ٿي:

”ڏونگرَ مون سين رو. ڪڍي پار پنهونءَ جا.“

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سُر ڪوهياريءَ ۾ نہ صرف سَسُئي پر هر ۾ سوچ ۽ لوچ رکندڙ هر انسان لاءِ هڪ تنبيهہ آهي. هڪ چتاوني آهي. هڪ غافل جي غفلت کي ننديو اٿس ۽ انهن کي جن لفظن سان مخاطب ڪيو اٿس. هڪ باضمير انسان ان لوچ ۽ سوچ تي ضرور عمل پيرا ٿيڻ چاهيندو چو تہ جيڪڏهن جيءَ تہ جيالن جٺان جيڪڏهن مَن اندر سوچ ۽ جدوجهد جو اهو جذبو نہ آهي تہ پوءِ ان انسان جي زنده هجڻ جو ڪو ثبوت ڪونهي. جنهن انسان غفلت جي ننڊ کي مقصد ڀانيو ۽ پوءِ منزل جي احساس ۾ يا ويل ٽري وڃڻ تي افسوس جا هٿ مهٽيائين پر سَسُئي وانگر منزل کي پنهنجي زندگي. پنهنجو مقصد ۽ جهد مسلسل نہ ٺاهيائين تہ ڪهڙو فائدو! پر هيءَ ڪوهياري سَسُئي تہ اهو اَمر ڪردار آهي. جنهن نہ صرف جبل جهاڳيا. ڪنڊا لتاڙيا. بس ائين چئجي سَسُئي هڪ سنگميل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيئن ته لطيف سائين ان جي واتان چورائي ٿو.

اِي ڪَمُ ڪميڻن، جِنءِ سُمَهڻ پير ڍِگها ڪري
لوچين چو نہ لطيف چئي هاري! لاءِ هوتَنِ؟
ننڊ نياڳِن ڪي اوپالا اَچن،
سي پنهون ڪوهہ پچن جي سنجهي رهن سمهي.

سَسُئي چوي ٿي تہ ننڊ تہ مون ڪئي ۽ ڏوهہ بہ منهنجو آهي تہ منهنجا مِٺا ڏوهہ تہ اسان جو آهي جو ههڙين حالتن ۾ بہ اجا ستا پيا آهيون. لطيف سرڪار چوي ٿو.

سُتنءِ سنجهيئي، مُـه ويڙهـي مَئِـنِ جِـنءِ.
اوجـاڳو اکيـن ڪـي جـاتـو نـہ ڏيـئـي،
هٿان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچن کي ڪرين.

سَسُئي کي اندر مان آواز اچي ٿو تہ اي سَسُئي ڪيو تہ پاڻ سان آهي پو ڪيچن تي الزام ڪيئن پئي مڙهين.

"ڏنگر! تون ڏاڍو، ڏايا ڏاڍايون ڪرين."

پر چا سَسُئي هڪ عورت هئڻ جي باوجود ڏاڍي جي سامهون جهڪي ويئي! نہ بلڪل نہ بلڪ اهو ڏونگر ئي ڏوهي ٿيو ۽ هن سَسُئي جي همت ڪان مات کاڌي، ڏونگر ڏکوئن کي دِلاسا ڏجن.

وري چوي ٿي تہ:

ڏنگـرُ تـہ پيلـي، ڏجـي ٻـن پيليَـن ري،
جيڪڏهن اهو ڏاڍو منهنجو پيلي آهي تہ ٻَنِ پوي

سُر ڪوهياري جو هيءُ بيت منهنجي سنڌ جي سنڌين، مليـر جي مارن، ٿر جي جهانگيئڙن جي دل جي دانهن ۽ پڪار آهي.

حقيقت هن حال جي جي ظاهِرُ ڪريان ڏري
لڳـي مـاٺ مِـرُوئن ڪـي ڏونگر پـون ڏري،
وجـن وَڻ ٻـري، اوپـڙ اُپـري ڪيـن ڪـي.

هي رڳو شاهہ جو بيت نہ آهي ۽ نہ صرف سَسُئيءُ جي دردن جي پيڙا آهي پر هي هر سنڌي جي اندر جا اُڌما آهن. اکين جا نير آهن. دلين جي اُڪيرَ آهن. بس هن جي نظر پنهنجي مطلوب ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبوب تي مرڪوز هوندي. ان وقت اها ڪوهيارڻ همٿ ۽ عظيم جو اهو پيڪر جيڪا هر ڪنهن سان ٽڪرائڻ لاءِ تيار آهي. هي اهائي عورت آهي، جيڪا دنيا جي نظر ۾ هڪ ڪمزور وجود رکي ٿي، جنهن جي اسان جي معاشري ۾ ڪا وقعت ۽ حيثيت نہ آهي پر شاهہ وٽ عورت نالو آهي هڪ سوچ جو هڪ لوچ جو ۽ هڪ جدوجهد جو! اها جدوجهد جيڪا هڪ ڪوهيارڻ جي ارادي جيئان مضبوط آهي. جنهن جون سوچون جبلن جيئان اوچيون ۽ جنهن جو خلوص سمنڊ جيئان جتادرا جذبن ۽ خلوص جي گهرائي ڪي ماپي نہ ٿو سگهجي تيئن ڪوهياري لفظ ڪي معنيٰ طور معلوم ڪيون تہ ڪوهہ واري يا جبل واري يعني محسوس ائين پئي ٿيو تہ هي سُر جابلو علائقي جو آهي ۽ هن سُرَ ۾ سَسُئي جو ڏونگر ڏورڻ ۽ ٽڪر ٽاڪڻ جو ذڪر آهي، جنهن ۾ اها ڪوهيارڻ جڏهن انهن جابلو گسن مان ۽ جهر جهنگ ۽ ٻيلن مان ڪنڊا لتاڙيندي، پنهنجي پنهونءَ ڪي ڳولهي ٿي تہ نہ ان ڪي رات جي اونداهي جو خوف ٿو ٿئي ۽ نہ وري جهنگلي جانورن جو ڊپ. سر ڪوهياري جا اهي بيت تہ در اصل ڪوهيارڻ جي اندر جا سوال ۽ جواب آهن. اندر جا اُدما آهن ڪيئن نہ پاڻ ڪي طعنا پئي ڏيئي تہ اي ڪوهيارڻ ڪيئن نہ تون بي خبر ننڊ ستي رهين اي غافل تو ڪان تہ اهي اُٺ بہ چڱا جيڪي مالڪن سان سجاڳ تہ رهيا ۽ تون ننڊ ۽ بي خبري ۾ پنهنجو پنهون وڃايو جڏهن ڪنهن ڪي ڳولهبو آهي تہ ڪو ٻيلي يا ساٿي ضرور هوندو آهي ۽ شاهہ سائين سَسُئي جي واتان ڪهڙا نہ دوست ساٿي ٻڌايا آهن چو تہ اڄ جي دنيا ۾ دوست هوندا آهن، سُک جا ساٿي، ڏک ۾ تہ انسان جو پاڇو بہ ساٿُ ڇڏيو وڃي پر هتي هنن جابلو گسن، جهرن جهنگن ۾ سَسُئي چوي ٿي تہ هتي مان اڪيلي ڪٿي آهيان، هتي تہ منهنجا ڪيئي ساٿي آهن. هي جبل، سَرَ، وڻ، پهڻ، پٿر، ٻوٽا، جهنگلي جانور، هي راهہ جا ڪنڊا هي پيرن جو پٿون، هي هٿن جون لڦون، هي اندر جا اُدما، هي اکين جا لڙڪ، هيءُ اُس جي تپش هي چنڊ ۽ تارا هي آڏا ۽ اُڀا رستا اهي سڀ تہ هن ڪوهيارڻ جا ساٿي ۽ ٻيلي آهن، هتي مان اڪيلي ڪٿي آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سرڪوهياريءَ جو مطالعو

سسئيءَ جو جنم: راجا دلو راءِ جي ڏينهن ۾ نائون مل نالي هڪ هانيڻ پانيرواهه جي پر ۾ رهندو هو. سندس زال جو نالو منڌر هو. پيريءَ ۾ ڪيس هڪ نياڻي ڄائي جا سونهن ۾ چنڊ مثل هئي. هڪ جوتشيءَ ٻڌاين ته قسمت سندس انگ هڪ اجنبي مسلمان سان لکي ڇڏيو آهي. اهو ٻڌي نائون ۽ سندس زال هن ماٽڪ ڪي صندوق ۾ جڙي ڪٽي درياءَ حوالي ڪيو.

قضا سان اها صندوق لڙهندي ڀنڀور جي پر ۾ درياءَ جي ڪناري لڳ پهتي. انهيءَ شهر ۾ محمد نالي هڪ هاڪارو ڌوٻي رهندو هو جنهن کي "لا لا" به چوندا هئا. هو به اولاد جو سڪايل هو. اها پيتي ڪيس ملي، ان ۾ هي ملوڪ ٻار ڏسي هوند خوشيءَ ۾ مست ٿي ويو. ٻار ڪي هنج ۾ ورتائين ۽ مٺس "سسئي" نالو رکيائين جنهن جي معنيٰ آهي "چنڊ". سسئي توري وڏي ٿي ته ڌوٻيءَ سندس لاءِ هڪ محل اڏايو جنهن ۾ صبح ۽ شام هوءَ پنهنجي سهيلن سان پئي تلندي هئي. انهيءَ زماني ۾ ڀنڀور واپار جي لحاظ کان مشهور شهر هو. ڪيچ مڪران جا قافلا به واپار سانگي ڀنڀور ۾ ايندا هئا.

ڪن ماڻهن وڃي پنهون سان سسئيءَ جي سونهن جي ساراهه ڪئي، پنهون به سندس حسن جي هاڪ ٻڌي مشڪ ۽ عنبر سان ڪٺي قافلو سنباهي اچي ڀنڀور نڪتو. سسئي به قافلي جو ٻڌي سهيلن سان گڏ ڪستوري جو سودو ڪرڻ ويئي. هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان ٻنهي جو پاڻ ۾ پريت جو پيچ پئجي ويو.

سسئي هڪ سهيليءَ سان پنهنجي دل جو حال اوريو انهيءَ وڃي ڳالهه پٽس سان چوري پر ڌوٻيءَ سڱ کان انڪار ڪري ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويتر پنهون بہ تہ پرديسي هو ۽ سندس ذات جو بہ نہ هو. سهيليءَ بهانو ڪري چيس تہ پنهون بہ ذات جو ڏوٻي آهي، جي اعتبار نہ اچيوَ تہ آزمائي ڏسوس. محمد اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ پنهون کي هڪ ڪيپ ڏوئڻ لاءِ ڏني پنهون جا نفيس هٿ ڪپڙن سٽيندي لڦجي پيا ۽ ڪپڙا بہ ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ويا. پنهون کي ملول ڏسي سسئي چيس فڪر نہ ڪر هر هڪ ڪپڙي جي تهہ ۾ هڪ اشرفي وجهي ڇڏ تہ پوءِ ڪا بہ شڪايت نہ رسندي.

آخر پنهي جي شادي ٿي. شاديءَ ڪانپوءِ پنهون وطن ورڻ جو خيال ئي دل تان لاهي ڇڏيو. سندس پاءُ سارو حال وڃي آري ڄام کي ڪيو جو پڙندي ئي بيحال ٿي پيو. پوءِ سندس ٽن پٽن چنري، هوتي ۽ نوتي ڪيس دلداري ڏيئي چيو تہ پنهون کي ڪنهن طريقي سان هٿ وٺي ٿا اچون.

جڏهن ٽئي خان ڀنڀور ۾ پهتا، تڏهن سندن گهڻي مرحبا ۽ خاطر داري ٿي ۽ ڪيئي ڏينهن مجلسون جاري رهيون. هڪ رات جو مجلس ۾ پنهون جا ڀائر ڪيس شراب ۾ بيهوش ڪري، آڌيءَ رات جو اٺ تي ڪٽي ڪيچ مڪران ڏانهن روانا ٿيا.

اڳي اُٺ رڙن، پر مون پيري ماٺ ٿي.

سسئي جا سٽل هئي، صبح جو ساري ماجرا جي خبر پيس، تڏهن زارو زار روئي ڀنڀور شهر سان سڀ لاڳاپا لاهي، اڪيلائي اڪيلي پنهون جي پنيان بَرَ پٽن جبلن ۽ جهنگلن ۾ ڪاهيندي هلي. جڏهن پٻ جبل وٽ پهتي، تڏهن اڃ ۽ ٿڪ ماندو ڪري ڇڏيو هئس. ڌڻي جي قدرت اتي هڪ صاف پاڻيءَ جو چشمو پيدا ٿيو. پنهنجي اڃ اجهائي سسئي وري سفر تي هلي. پهاڙ تي هڪ پنهوار جي جهوپڙي تي نظر پيس. اتي وڃي هن ڪان پنهون جو ڏس پڇيائين

پنهوار جو ڪيس ڏسڻ ۽ مٺس مست ٿيڻ، سسئي سندس بد ارادو ڏسي ڌڻيءَ در ٻاڏايو ستار سندس ستر ڍڪيو پهاڙ ڦاٽو ۽ سسئي اندر پيهي ويئي. پنهوار اهو ڪرشمو ڏسي نهايت پشيمان ٿيو ۽ ڌڻيءَ دَر توبهہ زاري ڪري اتي هڪ قبر ٺاهي، ان جو مجاور ٿي ويهي رهيو. هوڏانهن پنهون واپس وريو واٽ تي انهيءَ قبر تي نظر پيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ اتي پوتيءَ جو پاند ڏسي، دل ۾ شڪ جاڳيس، پوءِ پنهوار ڪيس سچو حال ڪري ٻڌايس. پنهون زار زار روئڻ لڳو ۽ ڏٽي در سوال ڪيو تـہ اي رب! تون وڇڙين کي ملاءِ! ڏٽيءَ سندس سوال قبول ڪيو وري پهاڙ ڦاٽو ۽ پنهون وچي سسئي سان هميشہ لاءِ هڪ ٿيو.

هڪليــائي هيــل پورينــدس پنهــون ڏي
آڏا ڏونگـر لڪيــون ســوريون ســجڻ ســيل
تہ ڪر پيلي آهن پيل سور پرين جا ساڻ مون.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سسئي تي پنج سر لکيا (چيا) آهن.
1. سر ڪوهياري 2. معذوري 3ـ ديسي 4ـ حسيني 5ـ سسئي آبري.
سيني سرن ۾ ڏاکڙي ۽ ولايت جو احوال آهي. آبري لفظ آٻري مان نڪتل آهي يعني ڪمزور يا ناتوان. هن سر ۾ سسئي جي ضعيفائي جو ذڪر آيل آهي. ان ڪري ان سر کي اِهو نالو ڏنو ويو آهي. هن سر ۾ شاهہ سائين اهو راز سمجهايو آهي تہ پاڻ ۾ ويهي روح رهاڻ ڪرڻ سان انسان پاڻ افضل ٿيو وڃي. سسئي کي وهم ورسايو نہ تہ هو پنهون پاڻ هئي، هتي جي هئڻ جون سڀ وٿون وساري ۽ سموري سرڪار ناهہ ۾ رکي روحاني پنڌ ۾ پوڻ گهرجي.
اهو انسان پليل آهي، جو جاني کي جبلن ۾ ڳولڻ ٿو وڃي اهو شخص بہ گهمراهي ۾ آهي. حقيقت ۾ سسئي ۽ پنهون بہ هڪ آهن.

پڙاڏو سو سڏ ور وائي جو جي لهين.
هئا اڳئي، گڏ. پر ہڏڻ ۾ بہ ٿيا.

ڪوهياري لفظ "ڪوهہ" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "جبل" ۽ انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ هيس سر جابلو ماڻهن جو رچيل آهي. هي سر نهايت درد ۽ ميناج وارو سُر آهي. هن سر ۾ پهاڙن جي پنڌ جو بيان ۽ ڏونگر جي ڏاکڙن جو احوال ڏنل آهي.
هن سر ۾ سسئي جو مثال ولي شاهہ ننڊ تي ملامت ڪئي آهي. عاشقن کي سجاڳي لاءِ تاڪيد ڪئي اٿس:
ســاري رات ســبحان، جــاڳي جــن يــاد ڪيــو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرين اندر ۾ آهي، انسان ۽ ڌڻي جي وچ ۾ ڪو بہ حجاب يا ويڇو نہ آهي. جدائي هڪ وهم آهي.

ڪونهي اُت ڪوهيار جت تو پوري پانئيو.
پنڌ مَ ڪر پهاڙ ڏي، وجود ئي وٽڪار.

سسئي جو نالو بہ انهيءَ ڪري امر آهي. جو هوءَ عشق ۾ فنا ٿي ويئي. جو سيني سڏن کي "لا" جو خنجر ٿو هڻي. سو ابدي حياتي ٿو ماڻي. اهڙا طالب جڳ جڳ تا جيئن موتي ڪيئن تا مرن. هي پنڌ نيستي جو آهي. نينهن جي راهہ ۾ رُڪ جهڙو ارادو گهرجي.

طالب هر شئي ۾ محبوب جو ديدار ٿو پسي ۽ ڪيس وڻ وڻ مان جانب جي سرهاڻ ٿي اچي. سچي عاشق جي فنا ٿيڻ تي ساري ڪائنات ٿي ماتم ڪري، پر هو وڃيو عرش جو هميشہ وارو عيش ماڻي وري موٽي هن دوزخ جهڙي جهان ۾ نٿو اچي. "امر، جي معنيٰ آهي حڪم ۽ "روح" الله جو حڪم آهي.

قرآن شريف جي آيت ۾ آيل آهي تہ روح جو ٿورو علم توهان کي ڏنو ويو آهي.

جڏهن الله سائين جي حڪم سان روح آدم جي جسم ۾ داخل ٿيو تہ وري واپس ٻاهر نڪري آيو ۽ روح الله سائين کان واعدو ورتو تہ هن جسم مان مونکي ٻاهر ڪيندي تہ اندر وڃان؟ الله سائين اهو واعدو ڪيو تہ توکي ضرور ڪيندس پوءِ ان کان سوال ڪيا تہ تو جسم ۾ ڪهڙي تڪليف محسوس ڪئي. چيائين تہ اونداهيءَ گهُٽ محسوس ڪريان ٿو.

الله تبارڪ وتعاليٰ انهيءَ گهُٽ ۽ اونداهي جو تدارڪ ڪيو ۽ پنهنجي آخري حبيب، محبوبﷺ جن جي نور مان ٿورو نور انهي آدم جي جسم ۾ داخل ڪيو. ٿورو انهيءَ ڪري جو جڏهن آدم کي روح وڌائين تہ بہ الله سائين فرمايو تہ مون آدم کي ۽ عيسيٰ کي بہ ٿورو روح پنهنجي مان ان ۾ وڌو، پر جڏهن رسول ڪريمﷺ جو وارو آيو تہ پوري جو پورو روح انهيءَ کي ڏنم.

انهي ڪري انسان کي اشرف المخلوقات جي لقب سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوازيو ويو آهي. هڪ جاءِ تي چيو اٿس تہ: آئون انسان جو راز آهيان ۽ انسان منهنجو راز آهي.

انهيءَ نور ۽ روح جي طاقت سان انسان پنهنجن حواسن جو مالڪ آهي.

پڙاڏو سو سڏ ور وائيءَ جو لهين
هئا اڳئي گڏ، پر پڌرُ ۾ پـ ٿيا.

توهان ڪڏهن ڪنهن جبل يا بيگاني جاءِ ۾ ڪو سڏ ڪري ضرور ڏٺو هوندو. انهيءَ سڏ جو جواب توهان کي ضرور مليو هوندو. هاڻ توهان سوچيو تہ اِهو جواب ڪٿان آيو يا آواز ڪٿان لڳي واپس وريو. جو پڙاڏو پڌرُ ۾ آيو!

بلوچ قوم جي قبيلن مان هڪ قبيلي جو نالو ”هوت“ آهي ۽ پنهون جو تعلق هوت قبيلي سان هو. هوت قبيلي جا بلوچ سڄي مڪران ۾ پکڙيل آهن.

جيئن سسئي ڪيترن ئي دور دراز منزلن جهڙوڪ وندر، وٽڪار، پب پهاڙي وغيره مان لنگهي وڃي، نيٺ واصل ٿئي ٿي. آخري منزل فنا تي رسڻ بعد سالڪ پنهنجي محبوب حقيقي سان ملي هميشہ جي حياتي حاصل ڪري ٿو.

مري جيءَ تہ ماٺيئن جانب جو جمال،
ٿئين هوند حلال، جي پرت اهائي پاڙئين،
پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي نٿو ڏسي،
پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون تيس پاڻ سسئي تان سور هئا.

انسان خود خدا جو مظهر آهي، جڏهن هو پاڻ کي سڃاڻي ٿو تہ خود خدا کي سڃاڻي ٿو. الله تعاليٰ ملائڪن کان حضرت آدم کي سجدو ڪرايو هو تہ اهو سجدو ذات احديت جي مڃتا جو هو. فقير نواب ولي محمد چوي ٿو تہ:

جوڙي قلب بيت ربي انسان ۾ سمايو
ڏسي ذات کي صفت ۾، ملاڪن ٿي سر نمايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مطلب ته عاشق ۽ معشوق جي درميان ڪا به رڪاوٽ نه آهي.

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهه پرياڻ،
"ونحن اقرب من حبل الوريد" تنهنجو توهين ساڻ،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن ڪي.

❁

انسان جي جسماني ساخت ۾ جيڪا اصليت سمايل آهي، اها بي بها ۽ انمول آهي صرف نگاهه ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ووڙيم سڀ وتاڻ، يار ڪارڻ جت جي،
"الله بكل شي المحيط" اي آرياڻيءَ اهڃاڻ،
سڀ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهي بيو پروچ ريءَ.

هي منڊ به پڪي ارادي ۽ عزم واري آهي، درد جي شدت هن ڪي وڏيڪ پختو ڪري ٿي، جو ڏونگر ڪي به چوي ٿي ته.

"آڏو ٽڪر ٽاڪ متان روهه رتيون ٿين"

سسئي جو ڪردار عزم، همت، استقلال ۽ جستجو جو هڪ بهترين مثال آهي.

تتي ٿڌيءَ ڪاهه، ناهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرين جو.

ڪو مشورو هن کي روڪي نه سگهيو سيني ڪي چتائي چيائين ته منهنجي دل رکڻ لاءِ گڏجي هلڻ جون صلاحون نه ڪريو. اوهان مان ڪا سرتي نه هلندي، ڇو جو جن ڪي پنهنجو آرام منو آهي، سي پهاڙ جو پنڌ ڇا ڪنديون!

ايڏي عزم هوندي به عورت جي فطري ڪمزوريءَ کي ظاهر ڪندي شاهه صاحب چئي ٿو...

مُئيس جهل مهار، ڪئيس ڪاهه مَ ڪرهو
مون نماڻيءَ جي نجهري پيرو ڪج پتار،
ساجن توهان ڏار، ڏئم ڏينهن قيام جو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

❁

مون کي نتا نين، جت ملڪ پانهنجي.
جي گهگهيرن گڏين، تہ پين کان پيٽو ڪريان.

سسئيءَ کي تشنگي تار هئي، ان ڪري هن پنهور جي سڪن کي اهميت ئي نہ ڏني جبل جو پنڌ آڏا تراڇا اهڙا ڏونگر جا ڏاڪا لڪون جهولا جبلن جا نار سر، روجهہ ۽ خونخوار جانور هن جي نظر ۾ ڏکيا هئا. هلي هلي پير ڦٽجي پيس، پر نہ واپس وري، نہ ڊني پنڌ ۾ گهنڊي وچي، سچ ۾ ڪو آواز اچي تہ ۽ ڪٿي پير ۾ ڪو جانور ٽي ڏسي تہ ان کي پنهل کي آٽيندڙ اٺ ٽي سمجهي. سور سسئي جا سونهان ٿيان. ڪنهن درد غم ڏک ڏوجهري تي اختيار ئي نہ آندائين.

اول آخر آهہ هلڻ منهنجو هوت ڏي،
ٽڪيءَ ٽوري لاءِ، جيئن جيئري ملي جت کي.

**حوالا**

- ❁ قرآن شريف
  ترجمو مولانا امروٽي
- ❁ شاهہ جو رسالو
  ڪلياڻ آڏواڻي
- ❁ لطيفي لاٽ
  مرتب ممتاز مرزا
- ❁ سسئي شاهہ جي زباني ۽ بيان ۾
  ڪلاچي تحقيقي جرنل 1999ع
- ❁ شاهہ جي سوري سسئي
  غفور ميمڻ.
- ❁ ساٽ جي موسم
  رسول بخش پليجو 2005



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارباب نيڪ محمد

# ”ڪوجهن“ سندا ڪم، ڪري ڪير ”ڪريم“ ري!

”ڪوهه“ سان ياريءَ ۽ محبت ڪي لطيفي فڪر سان پيٽيو تہ ”ڪوهياريءَ“ جو حقيقي مفهوم آسانيءَ سان سمجهڻ سولو ٿي پوندو. دُعا عربي جو اڪر آهي، پر سنڌيءَ ۾ ’جڏهن‘:

جيهي جي تيهي، تہ بہ پانهي پاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ”ڪميڻيءَ“ ڪيهي؟
اصل آريءَ جام جي، پلئي آءُ پيئي،
هُوءَ جا پائن پير ۾، تنهن جُتيءَ نہ جيهي،
وساري ويهي، تن ڪيچين ڪي ڪيئن رهان؟

سُهڻي سردار عليه الصلوات والسلام جن ”ڪوهياري“ جو فيض ”غارِ حرا“ ۾ ٽي سال لڳا تار تشريف فرمائي ماڻيو ۽ اهو نُورِ نبوت جو تسلسل اويس قرنيءَ رضي الله تعاليٰ عنہُ جي تو سط سان پٽ ڌڻي بادشاهہ تائين پهتو آهي. هونئن تہ شاهہ صاحب نقشبندي، قادري، چشتي ۽ سهروردي سلسلن سان بہ توڙ نباهڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي پر مٿس اَويسيہ سلسلي جو اثر تمام گهرو ۽ گهاٽو نظر اچي ٿو. مخدوم ٺاري (محمد مُعين ٺٽوي عليه الرحمة) سان سندس خط ڪتابت ۽ موصوف جا ”شاهہ پارا“ انهيءَ ڳوڙهي ڪي پيچڻ لاءِ ڪنهن دليل بازيءَ جا محتاج ناهن رهيا. سورة آل عمران جي 14 رڪوع ۾ رب سائينءَ عاجز ٻانهن جون وصفون ٻڌائي فرمائي ٿو تہ:

وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُو فَاحِشَۃً اَوْ ظَلَمُوا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللهَ فَاسْتَغْفَرَ وَالِذُنُو بِهِمْ وَمَنْ يَغْفِرُ الذُّنُوبَ اِلَّا اللهُ وَلَمْ يُصِرَّ وَاعَلَيٰ مَافَعَلُوۃ وَهُمْ يَعْلَمُونَ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"محبوبيت" جي مقام تي جن "قُدسي نفوس" کي قادر فائز ڪري ٿو تن جيءَ هلت چلت کي پنهنجي پاڻ سان پيٽڻ پولاپڻ آهي، پر اهو ٻولو ٻالو ٻہ لک لهي ٿو ٿو چاڪاڻ تہ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان انهيءَ قطار سان قطاريل آهي، جنهن لاءِ لطيف سائين چوي ٿو:

ڇڄ مَر قطاران، ساٿ چڙهندو لکيئن!

گرچہ من ناپاک هستہ امہ،
و ليکن خودرا بپا کان بستہ امہ۔

ميان مُبارڪ علي نقشبندي (المعروف شيخ اياز) لاءِ لڇمڻ ڪومل پنهنجي ڪتاب "وهي کاتي جا پنا" ۾ لکي ٿو تہ اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ موصوف پنهنجي رفيقہءِ حيات محترمہ زرينا کي، اجمير شريف ۾ خواجہ معين الدين چشتي اجميريءَ ۽ دهليءَ ۾ خواجہ نظام الدين اولياء جي مزارات تي، موصوفہ جي ڀرپور اشتياق ۽ طلب هوندي بہ وٺڻ کو نہ ڏنو هو ۽ پوءِ اهو بہ ڏينهن آيو جو اياز اجميريءَ ۽ نظاميءَ واري فڪر جو شارح اعظم بڻجي ويو! ڪنهن فقير چيو پئي، تہ اياز کي اها ونڊ پٽ ڏٽيءَ جي طُفيل ملي، چاڪاڻ تہ موصوف "شاهہ جو رسالو" اردو ۾ پلٽائڻ وقت "باپاڪان بستۃ امر" واري هلت هليو هو! غلام سموري عمر "جنت جي حقيقت" تي آزاداٽي ۽ بي باڪاٽي نموني سان" خامہ فرسائيءَ" ڪندو رهيو پر سندس حياتيءَ جا پويان پهر خواجہ معين الدين چشتي اجميريءَ جي خليفي خواجہ بختيار ڪاڪيءَ جي قدمن ۾ آهُون ۽ دانهون ڪندي گذريا. قُطب منار وٽ "مهروليءَ" وٽان ونڊ تہ غالب کي مليو هو پر ڇاجي ڪري؟ هڪڙي "غالبيات" جي ماهر لکيو آهي تہ اسدالله خان عاشق رسول هيو.

غالب ثنائے خواجہ بایزادن گذاشتہ ایم،
کہ آں ذاتِ پاک مرتبہ دانِ محمدﷺ است!

سندس اها "مولود شريف" واريءَ سٽ، ڪوهياري ڪيچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرويچ سجاولي هِن دور جو مزاحمتي ڪلاڪار آهي ۽ شهيد گرهوڙيءَ ڀٽائيءَ جو بہ دادلو آهي، لاڙ جي پٽ ۾ سلطانُ الا ولياء خواجه محمد زمان لنواريءَ وارن جا مٽ پِري نقشبندي مُجددي فيض مان فيضياب ٿيو هو اياز بہ ڊاڪٽر قبلہ ڊاڪٽر غلام مُصطفيٰ خان وٽان ڀٽائيءَ جا "نَقشِ قدم" چُمڻ جي جستجو ڪئي هئي:

مُون سي ڏٺا ماء، جنين ڏٺو پرينءَ ڪي،
رهي اڇجي راتڙي، تن جُنگن سندي جاءِ،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي!

گرهوڙي شهيد تڏهن هيو تہ "طفل مڪتب" پر قلب مُنور هيس. لنواريءَ ۾ سندس گهاٽي ياري سيد سڳوري پٽ ڏٽي بادشاهہ سان هُئي، ڀٽائيءَ پڇيس تہ:

جو مڙنيئان موچارو، سو آهي ڪُجاڙو؟
مگرئي ٺهہ پهہ سريلو جواب ڏنس:
هِڪڙي صِحت سرير جي، ٻيو پريَن جو پاڙو!

عبد ۽ معبود جو اهو تعلق "سُر ڪوهياري" کي سمجهڻ کان سواءِ اڻ پورو آهي. ٻانهو ٻاڏائي ليلڙا ٿيون پائي "وجود" کي بد بُوءِ مان آجو ڪرائي وٺي ۽ سُهٽي سردارﷺ جو ڪيس پاڙو نصيب ٿيئي، تہ انهيءَ سپاڳ اڳيان سُوريءَ چڙهڻ بہ سولو چاڪاڻ تہ "سيج" ملڻ لاءِ سکن کان وڌيڪ ڏکن کي "ڏن" طور ڏاتار جون ڏنل سوکڙيون سمجهي قبول ڪرڻو پوندو آهي ۽ سدائين لاءِ جهول جهلي "محو انتظار" واري مُراقبي ۾ بہ رهڻو پوندو آهي!

ڏونگر ڏوراپو ڀرين چونديس پرينءَ کي،
تہ پَهڻ پير پٿون ڪيا، تريون ڇنيُون تنوءِ،
رحم نہ پييئي رُوح ۾، قدر مُنهنجو ڪوءِ،
واڪو ڪنديس ووءِ مُون سين جبل ٿو جاڙون ڪري!

ڀٽائيءَ کي گرهوڙيءَ شهيد گرو تسليم ڪيو هو تڏهن چيلو ٻڻجي چوي ٿو:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرت مان جنهن پڙهيو باريءَ جو بيان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو!

لطيف سائينءَ ڪي سمجهڻ لاءِ تازو ڇاپيهن فيبروري 2006 تي سرويچ سجاوليءَ سان ڪچهري ٿي. صرف ۾ چار ستون ڀڏائي چيائين، تہ جي تو وٽ نظر "نيڪ" آهي تہ بسم الله طور اهي ئي ڪافي ۽ شافي آهن!

تي هڪ چيو بيتن اندر مون آيتون پائي ڇڏيون،
۽ ٻئي چيو مون آيتون بيتن ۾ سڀ ڳائي ڇڏيون،
هُو ويا لکي سنڌيءَ ۾ ڏس ڪامِل ڪلام الله ٻئي
ويا سنڌ کي موڙون ڀڏي، ملاح توڙي شاهہ ٻئي.

"ڪوهياريءَ" سميت شاهہ جو پيغام سمجهڻ لاءِ ٻالڪو ٻڄجي، گرهوڙيءَ ۽ سجاوليءَ جيان حقيقت پسند ٽيٽو پوندو. سنڌ جا اڪثر دانشور پنهنجا دماغي خلل پٽ ڏٽيءَ بادشاهہ ڏانهن منسوب ڪري خوش تہ ٿي سگهن ٿا پر يارو! اسانجي توهانجي دماغ اندر واري دهليءَ جهڙي ۽ جيڏي جيڪا ٽِڪ پيوست آهي، انهيءَ ننڍڙي آئيني ۾ هماليه پهاڙ ڪان بہ پدم پيرا وڏيڪ سگهارو پٽائي گهوٽ جو فڪر "قيد" تي نٿو سگهي!

شيشه اوصاف مان ڏسجي وجود پاڪ ٻيو
آهي حيران ۽ پريشان، فلسفي جو ذات ۾.
(مولانا خير محمد نظامائي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر مخدوم شبير احمد
ابن علامہ مخدوم امير احمد

# شاھہ جي ڪوھياري

سنڌ جي عظيم صوفي شاعر شاھہ عبداللطيف ڀٽائي جو نالو اڄ بہ ھر سنڌواسي جي دل ۾ موجزن آھي. ھن جو رسالو ”سرن“ جي تمثيل ۾ ڪيترن روحاني رازن جي اکٽ کاڻ بڻيل آھي. ڪئين ڏاھا سِر جوڙي ويٺا ۽ ھن عميق ۾ لٿا. مگر اڃا تائين ھن جو منجھہ لھي نہ سگھيا آھن. سيڪو ھن ڳالھہ جو اقرار ڪري ٿو تہ ـ ھن جي رسالي جو ھر داستان تصوف جي باريڪ نڪتن ۽ اسرارن سان ٽمٽار آھي. لطيف جا جيترا بہ شارح ھن وقت تائين اسان جي سامھون آيا آھن۔ انھن ۾ ڪو بہ صوفي نہ آھي. پوءِ اھو ڊاڪٽر گربخشاڻي ھجي، عمر بن محمد دائود پوٽو ھجي يا علامہ آءِ. آءِ قاضي ھجي، ڪلياڻ آڏاڻي ھجي يا غلام محمد شھواڻي توڙين پويان ايندڙ محقق پيرومل آڏواڻي. گربخشاڻي طرفان ويدانت کان صوفي مت کي نرالو ڄاڻائيندي چوي ٿو تہ: ويدانت جي پيٽ ۾ صوفي مت نرالو آھي. ھو سيڪاري ٿو تہ اسان جو وصال (ميلاپ) خود خدا (پرماتما) سان نہ مگر منجھانئس جو ”جوھر اول“ نڪتل آھي. جنھن مان دنيا جا ھي سڀ رنگ روپ ۽ پسارا ٿيا آھن، تنھن سان ٿيندو. جڏھن تہ شاھہ صاحب پنھنجي رسالي ۾ اھو تفاوت نہ رکيو آھي. جو امامن جو ذڪر ڪندي ”سر ڪيڏاري“ ۾ چوي ٿو تہ ”فاني ٿيا في الله ۾ ھو سان ٿيا ھوءَ“ يعني پنھنجي انفرادي ھستي وڃائي ”ھُو“ معنيٰ ھن (خدا) سان ”ھُوءَ“ معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي ملي هڪ ٿي ويا. (1)
جڏهن تہ هي صاحب پنهنجي دعويٰ ۾ پڪيل آهي، جو فنا في الرسول کان سواءِ فنا في الله جي منزل طئي ٿي نٿي سگهي. سامي بہ اها ڳالهہ ٿو ڪري تہ "ستگروءَ" کان سواءِ سالڪ يا سيوڪ معرفت حاصل ڪري نہ سگهندو. گروءَ بنان نہ گيان هٿ ايندو نہ خدا نہ رام.

اهڙي ڪير ڪري، سامي بنا ستگروءَ
ڀڳت، جوڳ ويراڳ جا، ڏئي پنڌار پري،
انڀيءَ جوت اندر ۾، ستي سڌ ڪري،
پلڪ نہ ٿئي پري، رمتا رام اکين ڪون.
(سامي)

شاهہ لطيف جو هادي يعني گرو "ڪوهياري" (رسول الله) آهي. هي تاثر غلط آهي تہ هو پنهنجي والد صاحب وٽ تلقين ٿيل هو. هو اويسي طريقي ۾ رسول اللهﷺ جي دست مبارڪ تي تلقين ٿيل آهي ۽ سلوڪ جو سبق ڪين حضرت عليؓ ڏنو. ان جو اهڃاڻ هي آهي تہ شاهہ صاحب مخدوم معين کي لکيو هو تہ اوهان اهو ٻڌايو تہ اويسي ۾ فيض وٺي سگهجي ٿو يا نہ. (2) جنهن جو مطلب هو تہ (دست بيعت تي سگهجي ٿويا نہ) جنهن جو جواب مخدوم معين ها ۾ ڏنو! اهو ڪتاب اڳئين سال ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. (3) انهيءَ سوال تحت هن جي تمنا پوري ٿي ۽ هو اويسي طريقي ۾ سڌو پنهنجي هاديءَ وٽ تلقين ٿيل آهي، جو ظاهري هن جو ڪو بہ مرشد نہ آهي.
پاڻ اهو اظهار هن بيت ۾ ڪيو اٿن.
جڪري جهڙو جوان، ڏسان ڪو نہ ڏيهن ۾

(1) شاهہ جو رسالو منهنجي نظر ۾، ص ـ25 - 26.
(2) مخدوم شيخ معين الدين ٺٽوي عرف مخدوم ٺارو، مخدوم محمد هاشم ۽ سندس صاحبزادي مخدوم عبدالله جو استاد آهي، علامہ سعدالله پوربي سان خاص تعلق هوس. هو بہ تصوف ۾ مخدوم صاحب جي قابليت کي مڃيندو هو. شاهہ عبداللطيف جو خاص دوست هو. ان کي شاهہ صاحب لکيو هو تہ چہ فرمايند علماءِ ڪرام مراجع انام انده وانچہ لفظ اويسيہ درڪلام طائفہ صوفيہ رضوان الله. مخدوم معين رحہ ڪين ڪافي ۽ شافي جواب ڏياري موڪليو هو.
(3) ص - 1 ـ 3 رسالہ اويسيہ، زيب ادبي مرڪز حيد آباد.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مھڙ سيني مرسلن، سرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين اؤ انني، ميسر ٿيس مڪان
ھي آڳي جو احسان جنھن ھادي ميڙيم ھمڙو.
لطيف رحہ

ھن بيت ۾ لفظ "ميڙيم" جو استعمال آھي، جنھن جي معنيٰ ٿيندي "مون کي ملايو" ھاڻي معنيٰ ٿيندي تہ ھي منھنجي مٿان آڳي معنيٰ مالڪ جو عظيم احسان آھي، جو ھمڙو ھادي مون کي "رھبر يا مرشد" ٿي مليو.

ھاڻي اچون ٿا پيرومل جي امامن واري مثال تي. جنھن ۾ ھن اھو نہ سمجھو تہ "ھادي" يعني گرو تہ ھنن کي اڳ ۾ ئي ميسر آھي. ھو تہ پليائي گروءَ جي گود ۾ آھن ۽ ھن ھاديءَ کان پوءِ درجو فقط خدا جو آھي ۽ شھادت جو درجو ئي ديدار خداوندي آھي. جو رسولﷺ جو فرمان آھي تہ شھيد جي رت ڦڙو زمين تي بعد ۾ ڪرندو آھي ۽ ھن کي ديدار خداوندي پھرين نصيب ٿيندو آھي.

شمر لعين مست تھا، خنجر کے وار میں،
عاشق حسین مست تھا، دیدار یار میں۔

تنھن کان پوءِ پيرومل "ھُوَ" جي معنيٰ "ھُنَ" ڪئي آھي. جڏھن تہ "ھُوَ" جي معنيٰ ھن نہ آھي. ھُوَ۔ الک ۽ اوم جي معنيٰ آھي.

ھاڻ اچون ٿا مقصد تي تہ اھو "نور يا روح" جز رسولﷺ جي نور جو يا خدا جي نور جو. جيستائين اسان اھا وضاحت نہ وٺندا سين، تيستائين اسان "ڪوھياري" جو مفھوم سمجھي نہ سگھندا سون. جو ڪوھياري جو پھريون بيت اسان کي اھا تقاضا ڪري ٿو تہ جيستائين انھيءَ رمز کي پوريءَ طرح سان نہ سمجھنداسون. تيستائين ڪوھياريءَ جي پھرين بيت جي حقيقت اسان تي کلي نہ سگھندي ۽ اسان ان جي روح مطابق ان جي معنيٰ ڪري نہ سگھندا سون. ٿورو تذڪرو اسان مٿي ڪري آيا سون تہ الله جہ جي رسول اللهﷺ فرمايو تہ مان الله جہ جي نور جو جز آھيان.

حضرت آدم کي فسجدوا لادم• آدم کي مسجود ملائڪ ھجڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو اعزاز بہ هن پاڪ "نور من نُورَ الله" جي ڪري عطا ڪيو ويو. خود قرآن عظيم هن ڳالهہ جي شاهدي ۾ چوي ٿو تہ۔

تحقيق! پهرين ڪئي سون اوهان جي خلقت. پوءِ جوڙيسون اوهان جي صورت. پوءِ چيوسون ملائڪ کي تہ سجدو آدم عہ کي ڪيو ملائڪن سجدو هيڪاندو.

هيءَ آيت هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ پهرين تخليق رسولﷺ جي ڪئي وئي. سندن صورت پاڪ جي تڪميل ڪئي وئي. بعد ۾ ان صورت "محمد" جو مجسم نور آدم عہ جي وجود ۾ رکيو ويو. جيڪو قنديل مثل هو ۽ اها قنديل آدم عہ جي جسم ۾ روشن ٿي. حضرت ابي بن ڪعب مثل نوره ڪمشڪواة فيها مصباح• مثال ان نور جو جيئن هڪ ڏياتيءَ ۾ چراغ! هن آيت جو تفسير ڪندي چيو تہ هي عاشقن جون دليون آهن. صوفي مت جو اهم نڪتو آهي تہ۔ انسان سر الاهي آهي. هن کي پنهنجي ذات وڃائي، ان جي ذات جو مظهر بنجڻو آهي. انهيءَ مقصد تحت انسان هن دنيا جي امتحان گاهہ ۾ آندو ويو آهي. هن دنيا ۾ ئي هن کي اهو معراج ماڻڻو آهي. ومن ڪان هذه الاعمیٰ فهو الاخرة اعمیٰ• جيڪو هن دنيا اندر انهيءَ معراج کا محروم رهيو اهو آخرت ۾ بہ محروم رهندو. اهوئي اصل خزانو آهي۔ جيڪو بندي کي هن دنيا ۾ هٿ ڪرڻو آهي. اهوئي قالوابلیٰ• جي قول جو مقصد ۽ مقصود آهي.

ايمان وارؤ الله جہ کان ڊڄندا رهو ۽ وٽس وسيلي سان اچو. هن فرمان سان بندي ۽ مالڪ وچ ۾ "دوئيءَ جو دم" ختم ڪيو ويو ۽ هن رسولﷺ وسيلي عشق جي پيارن کي عشق جي ڪاميابيءَ جي ڏاڪڻين ملڻ جو واضع اعلان ٿيو ۽ هيڪڙيائي هيڪ واري منزل حاصل ٿيڻ جو عهدو پيمان ٿيو. قرآن کليو اعلان فرمايو تہ:

هر عيب کان پاڪ آهي اها ذات جنهن پذيرائي ڪئي عشق جي ان رات ۾ سدرة المنتهیٰ (1) وٽ جيڪا حد آهي ڪائنات جي

---

1. سدرة المنتهیٰ فرمايو رسول تہ جبرئيل عہ صدرة وٽ اچي بيهي رهيو ۽ چيائين تہ هاڻ اڳتي پاڻ وڃو. جيڪڏهن مان هن مقام کان اڳتي هڪ قدم بہ وڌندس تہ الاهي تجليءَ جي نور سان منهنجا پر جلي ويندا. شيخ سعدي رحہ ان تي هيءَ رباعي چئي آهي۔

بروگفت سالاربيت الحرام کہ اي حامِل وحي برتر خرام۔
چو در دوستي مخلصم يافتي عنانم ز صبحت چراتافتي
بگفتا فراتر مجالم نماند. بماندم کہ نيورئي بالم نثماند.
اگر يک سر موئي بر تر۔پهرم. فورغ تجلي بسوزد پهرم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آخري- پوءِ سير ڪرايائين ڪيس وحدانيت جي حدن جو انتخاب ڪيو ان ذات نور جي ٻيڙيءَ جو (انسان الاهي نور جي ٻيڙي آهي) اڳيان وهاريائين عشق کي تهوار ڪنيائين پاڻ هڪليائين ٻيڙي محبت جي ميلاپ جي. ان ٻيڙيءَ جو پهريون تصور شاهه عبداللطيف پيش ڪيو ته-

هيٺ ڄر مٿي مڄر، پاسي ۾ وڙاهه،
اڇي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اتر واءُ، ته ڪينجهر هندورو ٿئي.

هن ڪائنات جو تڙ ڏٺي يعني عشق (جو هيءَ دنيا ۾ عشقن جو ڳڏيل عڪس آهي) ان سينگاريل ٻيڙيءَ ۾ لڏي رهيو هو. واحسن منڪ لم ترقط عيني (1) تو جهڙو حسين منهنجي اک پيو نه ڏٺو. عشق سرشار ۽ عاشق سراپا ديدار هو سرمد هن اسرار جي حقيقت جي پڙڪ پاهر ڪڍي ته ڪرت هيٺ اچي ويو-

آن راڪ سِر حقيقت، باش باورشد
خود پهن تَر، از سپهر پهناورشد
ملاگويد ڪ برشد احمد بہ فلڪ
سرمد گويد(2) فلڪ بہ احمد ص ورشد.

هن ڪثيف جسم کي ڪٽي وڃڻ ۽ اچڻ جو ڪهڙو سوال آهي. اصل حقيقت هيءَ آهي ته- خود رسولﷺ جي حقيقت شناس روح ۾ آسمانن ڪان ڪئين حصا وڏيڪ وسعت پيدا ٿي وئي. هو افلاڪ تي ڪتي ويو. افلاڪَ خود هن جي اندر ۾ سمائجي ويا. بس

---

1. حضرت حسان بن ثابت صحاب رسول الله ۽ مداحي رسول الله جي قصيدي جو بيت جيڪو هن رسول الله جي اڳيان پڙهيو هو. (راقم)
2. سرمد شهيد رحـ:اصل ايران جي مجوسي خاندان جو فرد هو. ان وقت ۾ ايران" وحدت الوجود" جو مرڪز هو. سرمد هن فلسفي کان گهڻو متاثر ٿيو. اباڻو مذهب ترڪ ڪري اسلام قبول ڪيائين. سندس ملڪ ۾ رهڻ مشڪل ٿي پيو. سمنڊ رستي سفر ڪندو لٽي پهتو. اتي هن جي هندو نوجوان ابيچند سان اک اٽڪي مجازي عشق پڙڪو ڪاتو ڪجهه عرصو لٽي ۾ رهيو. هندو عاملن جي زور تي ڪيس لٽو ڇڏي دهلي وڃڻو پيو. دهليءِ ۾ هن جي ملاڪ شهزادي دارشڪوه تائين پهتي ۽ دارا سان هن جي دوستي ٿي ۽ اورنگزيب جي اقتدار ۾ اچڻ تي سَرمد جي قتل جو بهانو سندس لکيل مٿين رباعي به آهي جنهن ۾ نبيءِ جي معراج جي نفي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ائين سمجهه تہ ”روح“ هڪ لامتناهي اسرار گنج الاهي آهي، جنهن تي اسان جي ادراڪات، خيلات ۽ تصورات جو هڪ پردو چڪيل آهي. جنهن تي نقش ونگار ۽ تصويرون ٺهيل آهن. اهي نقش و نگار بہ ان خصوصي جمال جو پرتوو آهن. انهن جي الڳ ڪا بہ حيثيت نہ آهي.

چون همين گنجند، جهاني زير طين،
چون بگنجد آسماني، در زمين.
(رومي)

تون هن وقت هن زندگيءَ ۾ بہ هن جهان جي اندر نہ آهين. بلڪ هي جهان تنهنجي اندر آهي. روح کي ائين سمجهہ تہ هوا ۽ غيب ۾ هڪ پکي اڏري رهيو آهي. جنهن کي تون جسم يا مادي حقيقت چوين ٿو. اهو تہ ان جو پاڇو آهي. جيڪو زمين مٿان پئجي رهيو آهي. ۽ ڏسين ٿو تہ هن رسولﷺ جو پاڇو نہ آهي. پوءِ سمجهين چو نہ ٿو هو ڇا آهي؟ بس ائين سمجهہ تہ جمله معشوق است و عاشق پرده. سيڪجهہ معشوق ئي آهي ۽ عاشق هڪ پردو آهي. اهوئي مقصد ڪو هياريءَ جي پهرين بيت جو آهي.

ليل نہ جاڳينءَ لڪَ سيئَن، ڪُلي ننڊ ڪيا،
ٿم ٿي پهچ قَريب کي، اجلس تو نہ جڳاءِ،
مٽي مهمانن سين، ويهي رات وهاءِ،
جيلان ننڊ ڪياءِ، تي روز رهين ٿي راهہ ۾.

عام معنيٰ هن بيت جي اها ڪئي وڃي ٿي تہ ڏرو رات بہ تون نہ جاڳينءَ، ساري رات سمهي ننڊ ڪياءِ جڏهن تہ لفظ آهي ”لڪَ سِئَين“ معنيٰ ڏري سان هت رات جو ذڪر نہ آهي. جيڪڏهن ”لڪَ“ جو تَعلق رات سان هجي ها تہ لطيف ضرور رات جو اهڃاڻ ڏئي ها. مگر هتي ”ليل“ جو ذڪر ”جاڳڻ“ سان واضع ڪيل آهي. معنيٰ تہ ”ليل“ يعني رات جدا شئي آهي ۽ ”لڪَ سِئَينَ“ ڏري سان گڏ جاڳڻ جدا شئي آهي. ليل جي سڌي معنيٰ ٿي رات. بَاقي ”لَڪَ سين“ ڇا آهي؟ هن جاءِ تي لطيف تصوف جو هڪ اهم نڪتو بيان ڪيو آهي. جيڪو ڪيترن جي ذهنن مان شايد نہ گذريو هوندو. صرف انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاحبن هن نڪتي کي سمجهو هوندو جن جو تصوف سان ذهن واڳيل هوندو.

اسان کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ تصوف جو بنياد ان ڏينهن کان قائم ٿيو جنهن ڏينهن الله جہ مٽيءَ مان "انسان" جي تخليق جو "ارادو" ڪيو. ان "ارادي" جو مقصد اسان مٿي پڌائي آيا سون تہ "مان هڪ لڪل خزانو هوس. پر تخليق ڪيم انسان جي تہ سڃاتو وڃان." پوءِ هن پنهنجي ڪمال جي وجود سان "علم وجود" جي تدريجي ايجاد جو سبب جوڙيو جيڪو هن جي حقيقت جي تفصيل ۾ متضمن آهي، جنهن کي تصوف جا صاحب "علم المعاني" يعني "الحقيقة المحمدية" چون ٿا. جنهن کي بنياد وٺي تصوف جا صاحب "وحدت مطلق" جا قائل آهن۔ يعني "ذات جو علم" ۽ "الحقيقة المحمدية" مان مراد آهي "خدا جو مظهر" انهيءَ ڪري چيو ويو تہ مظهر عين ڪمال الاهي. عين جمال رسولﷺ منظور يہ تها ظهور سي حضرت کي بندي بهي تو ديکهہ لين خدا کي صورت.

اعتبار ان جي تفصيل ڪري ٿو يا ان کي پاڳن ۾ ورهائي ٿو. جڏهن تہ اهي ٻئي شيون هڪ آهن. صوفي ان کي "جُز يا ڪُل" سڏين ٿا. هن فڪر ۾ ڪثرت نہ آهي، صرف وهم ۽ خيال ان کي قائم ڪيو آهي.

هن وضاحت مان معلوم ٿيو تہ انسان جيڪو زمين جي مٽيءَ جو هڪ "ذرڙو" آهي جيڪو سج (رسول اللهﷺ) جي ان نور ڪرڻي (ڪرڻو بہ هڪ ذري مثل آهي) سا روشن يعني زنده آهي. اهو ڪرڻو انسان جي قلب ۾ رکيو ويو آهي.. جنهن کي نور يا روح لطيف يا لطيفو چيو وڃي ٿو.

ڪيا شانِ احمد ڪان، چمن ۾ ظهور هي،
هر گل ۾ هر شجر مين، محمد صہ کا نور هي.

ان جي خبر چو نٿو لهين. اٿي ويَسلي سستي تو نہ جڳاءِ. اٿي رات جاڳي پرين جي تانگهہ ڪر تہ قريب پنهنجي ويجهو ڪنين. هو تہ هر رات تنهنجي قلب تي پنهجي نور ڪرڻ جو ترورو يا شماع ڪندڙ آهن. ڪيڏي نہ تون بدنصيب آهين. پرين روز رات جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(خلوت ۾) تو وٽ ڪهي تا اچن ۽ تون انهن مهمانن جي آجيان ڪرڻ بجاءِ ويسلي ٿيو سميو رهين. تو کي گهرجي تہ سنجهي سان ئي انهن جي تانگهہ رک. پلارن سان ويهي خلوت ۾ رهاڻيون ڪر تہ پرين توکي پنهنجو ڪن. جيستائين ننڊ نہ ڇڏيندينءَ تيستائين روز انهن راهن ۾ پئي پٽڪندينءَ

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
تو جو ساٽيهہ پانئيو سو مانجهاندي جو ماڳ،
سلطاني سهاڳ، ننڊ ڪندي نہ ملي.

رومي چيو تہ-

خاک را من خاک کردم يکسري، تاز دل عاشقان بوئي بري.

مون مٽيءَ کي بلڪل مٽي ڪري ڇڏيو. جيئن تون عاشقن جي نيستيءَ جو پتو لڳائي سگهين. مٽيءَ جي خاصيت ۽ انفراديت کي هن طرح سمجهہ تہ عاشق مثل مٽي ۽ خاڪِ جي آهن. جيئن زمين ظاهر ۾ خاموش ۽ ماٺ هوندي آهي. پوءِ جڏهن هن تي رحمت جو پاڻي پوندو آهي تہ ان مان سوين پوکون، گل ٻوٽا ۽ گلزاريون لڪري نروار ٿيندا آهن. مٽيءَ کي اسان تازگي ۽ ساوڪ انهيءَ ڪري بخشي آهي. جيئن تون فقير جي تبديليءَ کان واقف ٿي سگهين.

با تو گويم اين جبال راسيات، وصف حالِ عشقان اندر ثبات

هي پنهنجي جاءِ تي جميل پهاڙ تو کي ٻڌائي رهيا آهن تہ ڪيئن عاشق پنهنجي حال تي جميل هوندا آهن. هنن مثال کي اڳيان رکندي لطيف جي سر ڪوهياريءَ جي هن بيت تي نظر وجهندا سون تہ اسان کي هي نقشو نظر ايندو.

ڏونگر پونئين ڪير، سڄڻ ميخون ڏونگرين،
همڙا سيڻ سڏير، ڪين لهندين ڪي پيا.

جهڙي طرح جبل زمين ۾ جڻ ڪلن سان ٺوڪيل مضبوط سوگها بيٺل پيو ڏسين. اهڙي طرح سڄڻن جي عشق جا جبل منهنجي قلب جي زمين ۾ ميخون هٽي مضبوط ڪوڙي ڇڏيا ويا آهن. پوءِ همڙا هوشيار ۽ همدرد عشق جي مٺي پيارينڊڙ پرين- تنهنجي دل مثل مٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪر. دنيا جي هڪ ئي شهنشاهه ممتاز محل جي مجازي عشق ۾ "تاج محل" جوڙيو. دنيا حيرت وچان ڏسڻ ٿي اچي. الله پاڪ پوري ڪائنات جوڙي ۽ ان ۾ پنهنجي محبوب جي مورت جي چمڪ رکي، جنهن ۾ پوري دنيا غلطان آهي. تون اهڙي دعويٰ ڪيئن ٿي ڪري سگهين. هن جي ذات وسيلي خليل دعا گهري ته هن جي نور سان آڙاهه جي باهه هن مٿان ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي وئي (1) ۽ جيڪي هن جي بارگاه عشق ۾ موجد آهن. هن جي غلامي پريندڙ آهن. معراج واري رات اهو عشق مجازي وجود مان نڪري حقيقي وجود ۾ قائم ٿي ويو. عشق قلب کي براق مثل سواري ڪري آسمانن ۾ پرواز ڪيو. اجا تون پوري نه ٿي سمجهين ته پوءِ ٻڌ:

پيـون ڏيـئي ٻـن ڪـي، هلـج پاسـي هيـڪ،
وَرُ نه سهي وِيڪ، تون ٽيڏي ٽائيون ڪرين.
(لطيف)

صوفي وٽ ٻه شرڪ آهي: الله جـ ۽ رسولﷺ وچ ۾ هن وٽ تفريق نه آهي. تنهن ڪري لطيف چوي ٿو ته "پيون" انهيءَ کي ڏي جيڪو "ٻن" يعني الله جـ ۽ رسولﷺ وچ ۾ تفريق رکي ٿو. تون "وحدت مطلق" جو رستو وٺ. جو هو ٻه نه آهي. پوءِ جنهن ٻه چيو انهيءَ شرڪ ڪيو. جو "وَرُ" يعني "وجود مطلق" کي ويچو پسند نه آهي. رسولﷺ تو کي واضع پڌائي ڇڏيو آهي تـ انا احمد بلاميمي• احمدصه جي وچ ۾ تفريق نه ڪر. هن جي اطاعت منهنجي اطاعت آهي. پوءِ جيڪو انهيءَ رمز کي نٿو سمجهي، اهو ان ٽيڏي جي مثل آهي، جيڪو هڪ مان ٻه ڏسي ٿو. اهڙي ساڳي ڳالهه مولانا روم به ڪئي آهي تـه

گـر هـزاران انـدم کـس يـک بيـش نيسـت،
جُـز خيـالاتِ عـدد انـديش نيسـت.

هزارين آهن مگر هڪ کان علاوه ڪجهه نه آهي، ڪثرت ۽ تعداد محض خيال آهي.

---

(1) ويک الخليل دعا_ فعادت ناره برداً وقد عمدت، بنور سناکا (قصدو امام ابو حنيفه رح)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيست اندر بحر شرکِ پيچ پيچ،
ليک باء حول چهہ گويم هيچ هيچ

سمنڊ ۾ ڪنهن شئي جي شرڪت نہ آهي. ليڪن تيڏي (هڪ مان بہ ڏسندڙ) ڪي مان چا چوان!

اهڙي طرح سهڻيءَ جي توڏي (سهڻي)، ديسي، ڪوهياري ۽ نوري جي تمثيل ۾ رسولﷺ جي ذات آهي. جيئن تہ هو بہ "نور ڪُل يار روح ڪُل" جو جز آهي ۽ عربي لغت ۾ "روح" مؤنث آهي. لطيف سسئي پنهونءَ جي پنجن ئي سرن ۾ پنهنجي "روح" جي آلاپ سان پاڻ کي سسئي جي تمثيل ۾ پيش ڪيو آهي. منهنجي ناقص خيال ۾ سسئي "روح" جي تمثيل آهي نہ سالڪ جي روح ۽ سالڪ ۾ تورو فرق آهي. سالڪ جو تعلق "عالم خلق" يا عالم شهود سان آهي ۽ روح جو تعلق "عالم مثل" ۽ عالم ارواح" سان رهي ٿو. جنهن ۾ مادو نہ آهي. مقالي جي حد جيئن تہ مقرر ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سمورو احوال سموهجي نہ پيو سگهيو. تنهنڪري مجبوراً پنهنجو قلم مختصر صرف تصوف جي بنيادي نڪتي سان "سر ڪوهياري" جي وضاحت تي رکيو اٿم.


1. شاهہ جو رسالو غلام محمد شاهواڻي
2. شاهہ جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي
3. شاهہ جو رسالو گربخشاڻي
4. "هندوستاني تهذيب جي ڪٿا" (اصل اي. ايل. باشم)
ترجمو: همسفر گاڏهي
5. رسالو اويسيہ، ڊاڪٽر عبدالمقيت شاڪر عليمي
6. جي. ايم سيد، "جيئن ڏٺو آهہ مون"
7. فُصوص الحِڪَمْ، ترجمو: مولانا عبدالقدير صديقي
8. مثنوي مؤلوي و معنوي، مولانا جلال الدين رومي رحہ
9. احياءَ العلوم الدين، امام غزالي عليہ الرحمت
10. قصص القرآن، مولانا حفظ الرحمان
11. ساميءَ جا سلوڪ، مضمون ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ڪوهاري جا ڪردار

سنڌ جي تاريخي لوڪ داستانن ۽ عشقيا قصن ۽ ڪهاڻين کي شاهه کان اڳي ٻين شاعرن ۽ سگهڙن ڳايو ۽ عوام ۾ مشهور ڪيو. قصا ڀراڙيءَ جي ڪچهرين ۽ رهاڻين ۾ ڀٽ، ڀان، چارڻ ۽ سگهڙ ڳائيندا ۽ ٻڌائيندا هئا.

اهي قصا ۽ ڪهاڻيون جڏهن شاهه صاحب ٻڌا ته انهن کي هن پنهنجو رنگ روپ ڏئي، اهڙو ته امر بنائي ڇڏيو جو اڄ به انهن تاريخي عشقيا داستانن کي پڙهجي ٿو ته ڄڻ انهن قسمن جا ڪردار ۽ اوصاف جيئرا جاڳندا اسان جي اکين آڏو ڦري رهيا آهن. اهي قصا ۽ ڪهاڻيون هاڻي اسان جي سنڌ جي تاريخي، سماجي، ثقافتي ورثي جو اَملهه يادگار آهن.

شاهه صاحب وٽ انهن تاريخي لوڪ قصن جي ڪردارن جو الڳ الڳ معيار آهي. نوري نماڻي نياز ۽ نوڙت جي علامت، مارئي حُب الوطني جو اعليٰ مجسمو ته وري سورٺ قرباني جو مثال آهي. وري جي غور سان سهڻي ۽ سسئيءَ جو مطالعو ڪبو ته انهن جي ڪردارن ۽ اوصافن مان جدوجهد، همت حوصلو "گهڙيا سي چڙهيا" ۽ "ڏورڻ منجهان ڏس" جي واٽ ملي ٿي.

سسئي جا پنجئي سُر آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياريءَ ۽ حسيني، جستجو جاکوڙ "آڏو ڪڪر ٽر" "اُٿي رائو ريل" "نيٺي نند اکوڙ" اعليٰ مثال آهن، جن تي جيڪڏهن ڪو به حق جو پانڌيئڙو هلندو ته اهو اعليٰ ماڳ ۽ مقصد ماڻي سگهي ٿو.

سر ڪوهياري جي مکي ۽ امر ڪردار ۾ (1) سسئي جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حق جي علامت ۽ طالب آهي. (2) پنهون جيڪو مطلوب ۽ سسئي جو محبوب ۽ منزل آهي. (3) ڏير جيڪي سماجي زندگي جا رشتيدار ۽ ڪردار آهن. انهن جو سماج ۾ ڪردار چڱو به ٿي سگهي ٿو ته سسئي جي ڏيرن جهڙو به ڪردار ٿي سگهي ٿو. باقي ٻيا رشتا ناتا سسئي جي امڙ جنهن ڪي هوءَ چوي ٿي:

"هوت نه مٽيان ماءِ، ٻئو مالُ مڙوئي مٽيان،
جنهن جي ساڃاهه، رڙهان ٿي رندن ۾.

پنهونءَ سان سسئي جو روحاني، سماجي ۽ جسماني رشتو اهڙو آهي، جو پنهنجي ماءُ کي چوي ٿي ته منهنجو پنهون ڪو گنديءَ جو پلاند يا ٽڪر نه آهي، جو ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏيان. ان سان منهنجو نينهن جو ناتو آهي، جيڪو ازل تائين ٽٽڻو نه آهي.

هوت نه چُنيءَ پوچ، ڦاڙي جو ڦٽوِ ڪريان،
هاڙيءَ جو بلوچ، ڏاڍي ڪنهن ڏکَ مڙي.

قصي جي مُک ڪردار سسئي سان واسطو سسئي جون سهيليون ۽ سرتيون به رکن ٿيون ته اٺ ۽ اوٺيڙا، جبل ۽ جاڏا، ڏک ۽ ڏونگر به واسطيدر آهن، جن جي هوءَ پنهنجي منزل جي ماڻڻ خاطر پرواهه ئي نه ٿي ڪري. انهن اوصافن جي ڪري شاهه صاحب ڪيس جستجو ۽ جدوجهد جي علامت سمجهي پنهنجي جي شاعريءَ ۾ سمايو آهي ۽ اهڙو ته ويهي پيش ڪيو آهي، جڻ شاهه صاحب سسئي سان گڏ ويٺو آهي.

شاهه صاحب جو سنڌ جي هنن تاريخي قصن ۽ ڪهاڻين کي شاعري ۾ سمائڻ جو سبب ڪهڙو هو؟ ان لاءِ ٻهريائين شاهه جي زماني ۾ سنڌ جي حالتن کي تاريخ جي آئيني ۾ ڏسڻو پوندو.

مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو ته "شاهه جو زمانو سنڌ لاءِ هڪ وڏو ڦرو انقلابي زمانو هو. عالمگير جي وفات وقت شاهه جي ڄمار 16 سال هئي. ۽ مغليه سلطنت جا گورنر اڪبر اعظم جي زماني کان وٺي سنڌ ۾ مقرر ٿيندا رهيا. تن جو سلسلو شاهه جي دور ۾ ڪٽيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ حڪومت جا سمورا اختيار ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حوالي هئا. مغلن جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندي نادر شاه دهلي تي ڪاهي آيو. اتان موٽندي 1739ع ۾ اچي سنڌ تي مارو ڪيائين ڪافي خون خرابي کان پوءِ نور محمد ڪلهوڙي کي 20 لک رپيا ساليانو ڏن مقرر ڪري، سندس 3 پٽ مراد ياب خان، ميان غلام شاه ۽ ميان عطر خان پاڻ سان گڏ ايران وٺي ويو. نادر جي مرڻ کان پوءِ اهي واپس پنهنجي ماڳ تي موٽي آيا. نادر جي وفات کان پوءِ احمد شاه ابدالي ايران تي قبضو ڪيو ۽ ان ميان نور محمد ڪلهوڙي کي ڏن ڏيڻ لاءِ لکيو پر ميان ٽُس ٽَساءَ ڪئي ان تہ احمد شاه ابدالي، 1747ع ڌاري سنڌ تي ڪاهي آيو.

انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني جون خوني اکيون پڻ سنڌ جي واپار ۽ رياست تي هيون. جن نيٺ وري غلام شاه ڪلهوڙي جي زماني ۾ ٺٽي ۾ ڪوٺي ڪولي. عربي سمنڊ ۾ پورچو گيزن، ڌاڙيلن بہ ڪين گهٽايو. جيڪي بہ واپاري ٻيڙيون ۽ ٻيڙا سمنڊ ۾ هنن کي هٿ ايندا هئا. انهن کي ڦري ويندا هئا. سامونڊي ٻيڙياتن کي هر طرح سان انهن ڌاڙيلن جو الڪو ۽ اُڪو هيئن تي هوندو هو. شاه سائين ان جو اشارو سر سامونڊي ۾ پڻ ڪيو آهي:

معلم ماڳ نہ اڳيين، فرنگي منجه ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا.

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر شاه جي زماني بابت پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو تہ مغليا دور ۾ جيڪي ٺٽي جا گورنر ۽ صوبيدار مقرر ٿي ايندا هئا. انهن ۾ اڪثر خود غرض، ظالم ۽ لالچي هوندا هئا. سنڌ مرڪز کان گهڻو پري هئي، ان ڪري هتي جي نوابن ۽ صوبيدارن جي سرگرمين تي نظر رکڻ مرڪزي حڪومت لاءِ ڏکيو هوندو هو. ان جو فائدو وٺندي سنڌن پاران مقرر ڪيل نواب ۽ جاگيردار، سنڌ جي عام رعيت سان ظلم ستم ڪندا ها. انهن ظلم ڪندڙن ۾ خاص ڪري رستم صفوي1613ـ 1614ع ۽ عطر خان ( 1712ع - 1714ع) پنهنجي ظلم جي ڪري تمام گهڻو مشهور هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نواب اعظم خان جي وقت ۾ (1715ع - 1719ع) ۾ سنڌ جي صوفي بزرگ شاهه عنايت کي شهيد ڪيو ويو (2) ڊاڪٽر نواز علي "شوق" صاحب "شاهه جو دور ۽ سنڌ جي حالت" بابت پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو "شاهه صاحب جي ولادت اورنگزيب جي زماني ۾ ٿي، جنهن تخت ۽ تاج خاطر، پنهنجي پيءُ کي قيد ڪيو ۽ ڀائرن کي قتل ڪرايو باقي عمر گولڪنڊي ۽ بيجاپور جي مسلمانن جي ڪوس ۾ گذاري ۽ پاڻ وري پنهنجي پٽن کان لڪندي آخر گولڪنڊيءَ ۾ گذاري ويو. اورنگزيب جڏهن پنهنجي وڏي ڀاءُ دارا شڪوه کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ ٻاهِ ڀاري ڏني، ان لشڪر ڪشيءَ جو اثر اهو نڪتو جو سنڌي جيڪي مغلن جي ظلمن کان اڳئي ڏڌل هئا، سي پنهنجا گهر ۽ آباديون ڇڏي سر بچائڻ لاءِ در بدر ٿيڻ لڳا. انهن حالتن سنڌ جي وسندين کي ويران ڪري ڇڏيو. ڪلهوڙن ۽ مغل نواب اعظم جي فوجين سنڌ جي ماڻهن جو سڪون تباهه ڪيو هو. اهي سڀ واقعا شاهه صاحب اکين سان ڏٺا، البت داراشڪوه وارو واقعو شاهه صاحب کان اڳ ٿيو هو" (3)

سنڌ جي صورتحال بابت تاريخي واقعا ايڇ - ٽي - سورلي پنهنجي ڪتاب "شاهه لطيف آف ڀٽ" ۾ هن طرح درج ڪيا آهن. "شاهه لطيف کان اڳ سنڌ تي مغلن جو راڄ هو جيڪو سندس حياتي ۾ ئي ختم ٿيو ۽ ڪلهوڙا حاڪم ٿيا. اونگزيب جڏهن وفات ڪئي ته شاهه صاحب 18 سالن جو جوان هو. نادر شاهه جي ڪاهه ته ڏٺائين ته احمد شاهه ابدالي جي ظلمن جي پروڙ هيس- جنهن سنڌ کي خوب لٽيو شاهه صاحب ڪلهوڙن جي اجاين سجاين سازشن، ننڍين ڳالهين تي ٽينڊڙ جنگين کان وڌيڪ حقيقتن کي مانُ ڏنو هن پنهنجي حياتي ۾ ڪنهن به تحريڪ ۾ عملي طرح حصو نه ورتو. سدائين عبادت ۽ استغراق جي عالم ۾ گذاريندو هو" (4) متين عالمن جي راين ۽ تاريخي حوالن کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب کان اڳ ۽ شاهه صاحب کان پوءِ سنڌ جون حالتون تمام ابتر هيون. هر طرف ڦر مار ۽ افراتفري وارو ماحول هو. صوفي شاعر شاهه عنايت جهوڪ واري شهادت (1130هه) ۽ مخدوم عبدالرحمان جي جماعت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سميت مسجد ۾ شهادت (1147ھ) جي نازڪ واقعن جو احوال تہ سڌو سنئون رسالي ۾ ڪونهي البتہ سندس شاعري جي اشارن ڪناين ۾ انهن جو عڪس موجود آهي. سنڌ جي عام مسڪين ۽ اڀوجهہ انسانن سان وڏيرن، جاگيردارن ۽ حاڪمن جو رويو هيٺي درجي واري حيثيت وارو هو. ڪلهوڙن حاڪمن جي گهرو ٻولي سرائڪي هئي ۽ دفتري ٻولي وري فارسي هئي. ان ڪري فارسي جو چلانامو وڌيڪ هو. سنڌي ٻولي صرف عام مالوند مسڪين ماڻهن ۽ پورهيتن جي زبان هئي. انهي ڪري شاهہ صاحب ڪي بہ عام ماڻهن لاءِ عوامي شاعري سنڌي ٻولي ۾ ڪرڻي پئي. سڄي سنڌ گهمي ڦري ماڻهن جي ڏکن، سورن ۽ پيڙائن ڪي ڏسي مشاهدو ڪري، ان ڪي شاعري جو رنگ روپ ڏئي. انهن ساڻ حال اوريو اٿس. سسئي جو بہ عملي ڪردار تمام اهميت وارو لڳو اٿس، ان ڪري ان ۾ پاڻ سماجي سالڪ ڪي هوشياري ۽ خبرداري جو سبق هن طرح ڏنو اٿس:

غافل غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اَڻاسي اوجهرين،
هُو ڇُپاتا چڙهي وڻڻا، وڃي پهتا توڙ
نيڻن ننڊ اُڪوڙ جَمَر وڻن ۾ واڪا ڪرين.

هر انسان ڪي پنهنجي زميني ۽ سماجي زندگي گذارڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. اهو ئي سسئيءَ جو اهم ڪردار آهي. جنهن شاهہ ڪي بہ متا ثر ڪيو. شاهہ صاحب وٽ بہ هڪ اعليٰ مقصد هو جيڪو هن مختلف تمثيلن ۾ بيان ڪيو آهي. سسئيءَ جي روپ ۾ ان ڪي اڃا بہ وڌيڪ بيان ڪيو اٿس. سسئيءَ جي اعليٰ ڪردار بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ "سسئيءَ جو اعليٰ ڪردار پنجن سُرن ۾ نمايان ڏسجي ٿو. انسانن جي اعليٰ ڪردار لاءِ سسئيءَ جي مثالي ڪردار مان ترغيب ملي ٿي تہ هر انسان ڪي زندگي ۾ هڪ اعليٰ مقصد سامهون هجڻ گهرجي، جنهن لاءِ هو پڪي ارادي سان مسلسل طور جدوجهد ڪري، شاهہ صاحب طرفان تاڪيد تہ "تتي ٿڌيءَ ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي" حقيقت ۾ شاهہ صاحب پاڻ سالڪ آهي، پاڻ سسئي آهي. سڀ کان اعليٰ اتاهون مضمون ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انساني زندگيءَ جو حقيقي راز ان سٽ ۾ سمايل آهي "اول آخر آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي"

(5) حقيقت ۾ اها آهي ته، جيستائين ڪو فرد پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ عملي طرح سان رات ڏينهن جستجو جاکوڙ ۽ جدوجهد نه ڪندو. تيستائين ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيندو. خالي سَڏن ڪرڻ سان ڪجهه به نه ملندو آهي. انهيءَ ڪري شاهه صاحب صاف طرح سان منزل ۽ مقصد تي پهچڻ واري کي چئي ڏنو ته.

"مَر ڪر سَڏ سريءِ جي جو تون تارين تُوهَ"
يا وري خالي سَڏن واري لاءِ چوي ٿو ته.
"سَڏڙ يا سريءَ جون ڪوهه پچارون ڪن.

شاهه صاحب به سسئيءَ جي ڪردار کي ساراهي ٿو پر جڏهن اها غافل ٿي سمهڻ وارو عمل ڪري ٿي ته ڪيس ميار ڏيئي چوي ٿو ته سچو ڏوهه سسئي تنهنجو آهي. جيڪڏهن تون سجاڳ هجين ها ته هيئن تو سان هاجو نه ٿئي ها.

"ليل جاڳينءَ لِڪ سين، ڪُلي نوم ڪئاءِ"
وڏيڪ ميار ڏيندي ڪيس چئي ٿو ته...
مُنهن ويڙهي مُٺن جٺن، سُتينءَ سنجهيئي،
اوجاڳو اکين کي، جاتوءَ نه ڏيئي،
هٿان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچين کي ڪرين.

شاهه صاحب سالڪ کي پنهنجي آفاقي ڪلام وسيلي هي پيغام ڏنو آهي ته انسان پنهنجي زندگي ڪيئن سنواري سڌاري سگهي ٿو ڏکن، سورن ۽ فطرتي آفتن سان ڪيئن منهن ڏيئي مقابلو ڪري سگهي ٿو. سُر ڪوهياري ۾ شاهه صاحب سسئيءَ کي غفلت ڇڏڻ جو چيو آهي جيڪي غافل آهن گهري ننڊ ۾ ستل آهن، لاشعوري واري حالت ۾ آهن، محنت ۽ جَان کي جفا نٿا ڏين. ته اهڙن کان ساٿ سوارو لنگهي ويندو.

"جڏهن سُتيون جي، پٺر پير ڊگها ڪري،
تڏهن تني کي، ساٿ سُتئي ڇڏيو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن جي پنيان پيئي وڃي رڙهي بہ انهن کي رس،
نااميدي ڪفر آهي، تون آسرو هَڏَ مَ لاهيج.
"چنن تـوءِ مَ چـن، پـاءِ اُمـيري اُن سـين،
جي اُوءِ اوڳڻ ڪن، اَسُئي تہ تون ڳُڻاني ڳڻ
پُـئيءِ لڳـي پـن، هِـن سـونهاري سَـنگ ۾.

حوالا


1. وفائي مولانا دين محمد. "شاهہ جي رسالي جو مطالعو" شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز" ڀٽ شاهہ، حيدر آباد سال 1991ع ص - نمبر 116 ۽ 117.
2. سوڍر شاهنواز ڊاڪٽر، "سنڌي ثقافت ۽ شاهہ لطيف" ٿيسز: "شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ- حيدرآباد سال - 1991ع- ص - 243 ۽ 244.
3. "شوق، نواز علي ڊاڪٽر: "تحقيقات لطيف" معراڄ اڪيڊمي، شڪارپور- سال- 2005 ص- 39
4. سورلي- ايچ - ٽي "ڀٽ جو شاهہ" مترجم عطا محمد ڀنڀرو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال 1992ع
5. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: "شاهہ جو رسالو" جلد چوٿون، علامہ قاضي رسالو آفيس حيدرآباد سنڌ 1997ع - ص 15
6. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر- "شاهہ جو رسالو" جلد 8 .9) علامہ قاضي رسالو آفيس، حيدر آباد سنڌ سال- 1999ع




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حزب الله آءِ سومرو

# سر ڪوهياريءَ ۾ "پٻ" جبل جو ذڪر

سنڌ جي نمائنده شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌ جي تاريخ، آثار قديمہ ۽ جاگرافيءَ جي حوالي کان بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪافي ماڳن، جاين ۽ اهڃاڻن جو ذڪر ڪيو آهي. سندس رسالي ۾ سسئي جي حوالي سان هي پنج سر آهن:

(1) سسئي آبري: سسئيءَ جي ايرائپ يا ڪمزوريءَ جو ذڪر آهي.
(2) معذوري: سسئي جي بيحاليءَ جو بيان آهي.
(3) ديسي: سسئيءَ جي پنهنجي ديس ۾ ٻي وسي ۽ نيزاريءَ جو بيان آهي
(4) ڪوهياري: سسئيءَ جو ڪوهہ (جبل) ۾ پنهونءَ پويان وڃڻ جو ذڪر آهي
(5) حسيني: سسئي جي درد ۽ فراق جو بيان آهي.

ڪوهياري سر ڪوهہ يعني جبل جي حوالي کان آهي، هن سر جو جائزو وٺبو تہ اهو جبل "پٻ" واضع ٿئي ٿو. "ڪوهياري" يعني ڪوهہ واري جيڪا سسئي آهي جيڪا عشق ۾ ڪوهہ (جبل) ۾ پنهنجي مڙس پنهون کي ڳولڻ وئي هئي. يعني ڪوهہ واري جيڪا سسئي آهي، هي سر انساني جستجو ۽ جدوجهد جو سر آهي.

سر ڪوهياريءَ ۾ ڀٽائيءَ جن بيتن ۾ "پٻ" جبل جو ذڪر آهي، اهي هي آهن:

ڏونگر! ڏکوين کي، ڳلي نہ سگها ڳوڙها،
هو جي پهڻ "پٻ" جا، سي پيچي ٿيا پورا،
گوندر جا گهوڙا، وجن جانِ جدا ڪيون.
(شاه جو رسالو آڏاڻي سر ڪوهياري داستان 2 بيت 5)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تـپـي کـنـديـن کـوهـ ڏونـگـر! ڏکـويـَن کـي،
تون جي پهڻ ”پپ“ جا، تـہ لگَ منهنجا لوهـ
کنهن جو کونهي ڏوهـ، اَمَر مون سين ائين کيو.
(شاه جو رسالو آڏواڻي سر کوهياري داستان 2 بيت 9)

❊

پاڻهيـن پَسي پَٻُ، متان کا، مڻ ! ڏئين،
اڳيان ڪَوُ مَ کَٻُ، اِي ڦالي آڏو کيچ کي.
(شاه جو رسالو سر کوهياري داستان 6 بيت 6)

❊

کنيزڪ کيچين جـي، ٻـانهي ٻـانهيوتي،
ٻـئي ٻـاروچي هـٿ ۾، چَڱـن سـر چـو تـي،
ٻـانيڻ کـي موتـي، پـاڻهي پُـڃَنـدو پـٻ ڏٽـي.
(شاه جو رسالو۔ شاهواڻي: سر کوهياري داستان 3 بيت 10)

❊

ڳـائو نـــ وائـــو اديـــون! آريچـــن جـــو
لنگهـــي پـــٻُ پـــري ٿيـــا، چـــڏي رڻ رائـــو
ڏيـــئي ڦوڙائـــو ويـــا ويچـــاريءَ ســـپرين.
(شاه جو رسالو: شاهواڻي۔سر کوهياري داستان 4 بيت 1)

سر کوهياريءَ کان سواءِ بہ کجھ ٻين سرن ۾ بہ ڀٽائي صاحب ”پپ“ جبل جو ذکر کيو آهي.اهي بيت هتي ڏيان ٿو تہ جئين ”پپ“ متعلق شاه صاحب جا خيال جامع نموني واضح ٿين.

گـورا وجـن گـامَ ڏيـرن سـندا ڏيهـ تـي
تو ڏن جون تڙَ پيڙَ ۾، تَريون ترکن تان مَ
اوڻيـــئڙا آرام، لنگهـــي پـــٻُ پـــري ٿيـــا.
(شاه جو رسالو: شاهواڻي۔ سر ديسي داستان بيت 23)

❊

ڇَپـَـرُ ڇَپـَـرُ پانيـان ڪـانيو ۽ کـارو،
پـٻُ وجهنـديس پـٺ تـي، صـبح سـوارو،
وجـڻ مـون وارو، کيـن ويهنـديس وچ ۾.
(شاه جو رسالو: آڏواڻي ــ سر ديسي داستان 5 بيت 5)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

❊

مَـرُ، متـا ڏيـئي، پنهـونءَ ڪـارڻ پـبَ ۾،
تـہ سـرتيون سـيئي، واڪـاٽيئي ويـئيـون.
(شاہ جو رسالو_آڏواڻي_ سر حسيني داستان 9 بيت 9)

❊

وَسـي وِسـاٽيون، رَتـو روئـي پـرينءَ کـي،
پيـون ڪٽـن پـب ڏي، نظـر نمـاٽيون،
سي ڪيئن پيلاٽيون، جن ويندو هوت نہ واريو.
(شاہ جو رسالو شاهواڻي سر حسيني داستان 9 بيت 11)

❊

کُهي جا ڪنيائين، وک تنهين ويجهي ڪئي،
ڇڪِـيءَ ڇِنـائين، پنـڌ مڙوئـي پـب جـو.
(شاہ جو رسالو شاهواڻي آڏواڻي سر سسئي آبري داستان 9 بيت 5)

❊

پريـائين ڪُـنَ ڪراڙجـا، وَڻـو وارياسـو
ڪوٽيـتي ڪِنـوڻ جـو چڱـو چوماسـو
ماڪـاٽيءَ تـان موتيـو ڏيـئي پـبَ پاسـو
خالص ڪيو خاصو چيهو چُڪيءَ ڪنڌين.
(شاہ جو رسالو _ شاهواڻي _ سر سارنگ داستان 2 بيت 3)

❊

ويـون پـب پـئي، ڪـيرون ڪـاهوڙين جـون،
آئـون تـن ڏوتيـن جـون، پڇـان ڪـير پَهـي،
رُجـن راتِ رهـي، جنيـن ڏونگـر ڏوريـان.
(شاہ جو رسالو شاهواڻي، سر ڪاهوڙي داستان 1 بيت 4)

بيتن مان پتو پوي ٿو تہ "پب" جبل ۾ سفر نهايت اٽانگو آهي. هڪ طرف آڏا ترڇا رستا آهن تہ ٻئي طرف جهنگ جا جناور ·ن. تئين پاسي پڪا پنهوارن جا نڪي جهويا جهانگيئڙن جا. سڄي جبل ۾ رچ پئي راڪا ڪري، ڪٿي بہ پاڻي پهر جو ڪو بندوبست نہ آهي.

پب جبل سنڌ ۾ ڪٿي آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان جو بهتر انداز ۾ بيان ڪندي لکيو آهي تہ "پٻ". هالار جبلن جو ڏاڪٽي قطار جو نالو آهي (جامع سنڌي لغات جلد 2 ص 763).

هالار جبل بابت ڊاڪٽر بلوچ وڌيڪ لکيو آهي تہ "هالار" سنڌ جي اُلهندي طرف واري جبلن جي قطار جو نالو آهي. (جنهن ۾ مکيہ ٽي جبل اچي وڃن ٿا: ڪروجبل، کير ٿر جبل ۽ پٻ جبل (جامع سنڌي لغات جلد 5 ص 3008)

يعني سنڌ ۾ اولهہ پاسي هالار جبلن جي هڪ ڏاڪٽي جبل جو نالو "پٻ" آهي. "پٻ" جي معنيٰ ڇا آهي؟ لغت جي حوالي کان "پٻ" لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي. پٻ معنيٰ پير جو اڳيون حصو جيڪو هيٺ رکيو وڃي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موجب پٻ معنيٰ پير جو مهڙ وارو حصو (جامع سنڌي لغات جلد 2 ص 764)

ان جبل تي پٻ (پير) جو نالو ڇو پيو ؟ ان لاءِ ڏنو وڃي تہ جبلن تي نالي پوڻ جا سبب هوندا آهن.

شڪل سبب نالن جو پوڻ

خاص واقعي سبب نالن جو پوڻ.

جيئن ڪوه ڪاف، ڪوهِ نور وغيره "پٻ" جي شڪل پير جهڙي نہ آهي تہ پوءِ جبل تي اهو نالو ڪنهن خاص واقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. پٻ جي حوالي کان "جودي" جبل جو ذڪر ضروري ٿو سمجهان ڇاڪاڻ تہ معنوي لحاظ کان ان جي "پٻ" جبل سان ڪافي هڪجهڙائي آهي. هڪ راءِ موجب جوديءَ جي معنيٰ پٻ قرآن پاڪ ۾ حضرت نوح جي طوفان جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ ٻوڏ لهڻ بعد حضرت نوح جي ٻيڙي "جودي" تي لٿي. سورة هود 44 ۾ آهي، جنهن جو ترجمو آهي

"۽ ڪم پورو ڪيو ويو ۽ (ٻيڙي) جوديءَ جبل تي اچي بيٺي. بائيبل پيدائش 8: 5 ۾ آهي تہ حضرت نوح جي ٻيڙي "ارارط" جي پهاڙن تي بيٺي."

جيئن تہ هڪ راءِ موجب "جودي" معنيٰ پير يا پٻ. جيئن حضرت نوح رحہ جي ٻيڙي جبل تي بيٺي ۽ حضرت نوح پنهنجو پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جبل تي رکيو تہ جبل جو نالو ”جودي“ (پير يا پپ) ٿي ويو. سنڌ ۾ ان معنيٰ مطلب وارو جبل ”پپ“ موجود آهي ۽ اهو ئي سبب آهي تہ سنڌ ۾ پٿرن تي ”پيرن جا نشان“ گهڻا ملن ٿا. سڄي دنيا مان فقط سنڌ ۾ ئي پٿرن يا جبلن کي ”پيرن جا نشان“ چالا ۽ گهڻا ڏاهيا ويا آهن؟ منهنجي راءِ آهي تہ اهي ان خاص واقعي ڏانهن اشارو ڪن ٿا جو حضرت نوح، طوفان بعد زمين تي جڏهن قدم رکيو تہ اهو جبل هو ان ڪري جبلن يا پٿرن تي ”پير“ ڏاهيا ويا.

”جودي“ جبل جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ آهي ان لاءِ مفسرين نهايت منجهيل رهيا آهن. ڪتاب جلالين جي راءِ موجب موصل اهو جبل پرسان آهي ۽ ”المنجد في الاعلام“ موجب يونان ۾ آهي پر ”جودي“ جبل يا ان جا آثار سڄي دنيا ۾ سواءِ سنڌ جي ٻئي هنڌ ڪو نہ ٿا ملن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيڙيءَ جي حوالي کان لفظ ”جود“ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب موجب ”جود معنيٰ ٻيڙيءَ جي منجهَي ڪَڙي جي وچ وارو واجهہ جو ٽڪر آهي (جامع سنڌي لغات جلد 2 ص 927)

جود نالي سنڌ ۾ ضلعي ٺٽي جي هڪ ڪاري ايراضي ۾ آهي. وڏي ڳالهہ تہ سنڌ جي شهر جيڪب آباد کان اتر طرف ارڙهن ميلن تي ”جوديءَ جو ڊڙو“ آهي. ان مان پتو پوي ٿو تہ ”جودي جا آثار سنڌ ۾ بہ ملن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نذير ناز

# سر ڪوهياري تي هڪ نظر

سر ڪوهياري جي لفظ ”ڪوه“ جي معنيٰ آهي، ”جبل“ پر منهنجو ذاتي خيال آهي تہ ”ڪوهياري“ اصل ۾ ڪوهہ داري بہ ٿي سگهي ٿو ڇو تہ پهِ جبل جي آڏن، ترڇن ۽ اٿاڳن، پيچرن سسئيءَ جي بنا ثمر، سفر ۽ پرينءَ جي ڳولا لاءِ انهن جبلن جا لَڪَ پنهون ڪي پسڻ لاءِ ڏونگر ڏورڻ جو ذڪر هن سر ۾ موجود ملي ٿو.

هونئن تہ هي هڪ راڳ ئي آهي، جنهن ۾ ڪوهہ جبل يعني سماجي رڪاوٽن، بندشن، ڏونگر ڏورڻ، ياري، پريت، ساجن، ڍولڻ، پيار ڪنڌڙ جو ذڪر هجي ٿو هي سر جابلو قومن جو من پسند سُر آهي.

هوتچند مولچند گربخشاڻي جي خيال ۾ سنڌ سميت پنجاب ۾ هي سُر گهڻو ڳائڻ ۾ ايندو آهي. شاهہ سائين جيڪو هن سُر جي ذريعي فڪر ڏنو آهي. گهڻي ننڊ چڱي ناهي. سُر ڪوهياري ۾ سسئيءَ جو مثال ڏيندي ننڊ ڪي وقت جو زيان سمجهندي عاشقن ڪي سجاڳيءَ جو درس ڏيندي چوي ٿا:

سُتيينءَ سنجهي، مُنهن ويڙهي مُئن جئن،
اوجاڳو اکين ڪي، جاتوءِ نہ ڏيئي،
هتان تو پيئي، تي ڪچو ڪيچين ڪرين.

شاهہ سائين! اُهو واضع پڌايو آهي تہ توکي پنهون سان سچو عشق هو تہ پوءِ توکي ننڊ ڪيئن اچي وئي. سچي عاشقن جي اکين ۾ ننڊ ڪٿي؟ عاشق تہ هر پل پهنجي محبوب جي محبت ۾ سرشار رهندا آهن. هر لمحي هوشيار رهندا آهن، پهنجي پيار جي حفاظت لاءِ تو ڪي غفلت جي ننڊ اچي وئي. هاڻي ڀين ڪي الزام ڏيڻ. اجايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي.

غافل! غفلت ڇوڙ! تون ڪيئن، اٺاسي اوجهرين،
ڇپاتا چڙهــي ويـا، وجــي پهتا تــوڙ
نيڻن ننڊ اُڪوڙ جمر ورن ۾ واڪا ڪرين.

يعني هي بند انهن غافلن لاءِ آهي، جيڪي سوچيندا آهن تـ هيئن يا هوئن ڪندا سين رڳو سوچيندا وقت وڃائي ڇڏيندا آهن. پر جيڪي سوچيندا آهن تـ اسان کي هي ڪمر ڪرڻو آهي. ۽ فوڙا انهي ڪمر تي عمل ڪندا آهن ۽ ماٺ ميٺ ۾ ڇپر چڙهي ويا ۽ وڃي منزل تي رسيا. غافل اکين مان ننڊ ڪيئي ڇڏ متان پوءِ منزل جي حاصلات لاءِ تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون. شاهه سائين! فرمائي ٿو:

تـ سالڪ جي هميشه لاءِ ساڳئي حالت هر گز نٿي رهي. منجهس ڪي چند خاميون رهجي وڃن ٿيون ۽ اهي اوچتو متس ظاهر ٿين ٿيون تـ هو ڏڪائجي وڃي ٿو. انهي حالت کي سبط ۽ ڪشف سڏين ٿا. صوفي هميشه سبط ۽ ڪشف واري حالت ۾ رهڻ جا خواهشمند هوندا آهن ۽ ان حالت تائين پهچڻ جو رستو جيڪو هنن کي نظر اچي ٿو ان جو ذڪر هن طرح ڪن ٿا.

اچــا تــو اوات، واٽــان پاســي وســري،
سُونهين ٿي سوات، تـ منجهان دل ڏگ لهين.

يعني تـ اچا تون گمراه ۽ حقيقت جي راه کان غافل آهين. غفلت جي ننڊ کي ڇڏي ڪري، پرين جي پچار سچي من سان رياضت ڪرڻ وارا ئي منزل مقصود کي ماڻين ٿا. انڪري جيڪڏهن تون بـ چاهين ٿو تـ غفلت سستي ڇڏي ننڊ اکين مان ڪيئي، اوجاڳن کي ساٿي بناءِ. جيئن وڻن سان هوا لڪرائجي هڪڙو مڌر آواز پيدا ڪندي آهي. ائين پرينءَ جي سار دل جي تندن سان تنوار تـ يقينن تون اهو مقصد ماڻيندين، جنهن جي توکي خواهش ۽ آرزو آهي.

اسان وٽ ڪجهه ماڻهو خواهشون تـ دل ۾ پاليندا آهن. وڏا وڏا خواب ڏسندا آهن پر انهن جي پورائي لاءِ هو ڪو بـ هٿ پير نـ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٽندا آهن ۽ چاهيندا آهن تہ بس پاڻهي سندن خواهشون پوريون ٿي وڃن ۽ اهڙي حالت ۾ مٿن ڪا مصيبت ايندي آهي تہ اهي ان ڪي قسمت جو ڏوهہ ۽ لکئي جو ليک سمجهندا آهن. لکئي جا ليک بہ ڪي قدر صحيح آهن. ان لاءِ شاهہ سائين بہ هڪ هنڌ فرمايو آهي تہ

"لکئي منجهہ نراڙ قلم ڪياڙيءَ نہ وهي"

پر شاهہ لطيف سڀ ڪجهہ لکئي جو ليک سمجهي خاموش ويهي رهڻ لاءِ هر گز نٿو چوي هو فرمائن ٿا:

تتي ٿڌي ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿيئي اونداهہ پير نہ لهين پرينءَ جو!

۽ جڏهن ڪو ماڻهو لوچي ئي نٿو ڪا بہ محنت نٿو ڪري ۽ رڳو قسمت کي ڏوهہ ٿو ڏئي تہ ان لاءِ شاهہ سائين چون ٿا:

لَيلَ نہ جاڳيںءَ لکَ سين ڪُلي نوم ڪيا،
قم تي پهچ قريب کي، اِجلس تو نہ جڳاءِ،
مُنئي! مهمانن سين، ويهي رات وهاءِ،
جيلان ننڊ ڪياءِ، تي روز رهين ٿي راهہ ۾.

شاهہ سائين! جو خيال آهي تہ سالڪ جو ڪم آ ور ور ووڙڻ، اُهو انهي ڳالهہ جو الڪو ناهي ڪندو تہ پرينءَ ان لاءِ ڇاٿو سوچي يا پرينءَ وٽ ان جي ڪيتري قدر اهميت آهي ۽ هو تہ بس پاڻ کي پرينءَ جي جُتي کان بہ ڪمتر سمجهندي پاڻ کي پرينءَ جي در جو پانهون سمجهي ٿو ۽ ان در جي غلامي ڏيڻ ۾ سموري سڦلتا ۽ ڪاميابي ڄاڻيندو آهي.

شاهہ سائين! شايد تڏهن ئي سسئي کان بہ اهڙي ڳالهہ چوائي ٿو تہ...

جيهي جي تيهي تہ بہ پانهي پاروچن جي
حُجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي،
اصل آري ڄام جي پلئہ آئون پيئي
هو جا پائن پير ۾ تنهن جُتي نہ جيهي،
وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## يا

## ڪينزڪ ڪيچين جي، پانهي پانهوڻي.

جڏهن پرينءَ در پانهو پهچي ٿو تہ اها پانهپ آهي نياز نوڙت هڪ طرف پرينءَ جي ويجهڙائپ نصيب ڪرائي ٿي تہ ٻئي طرف ساڙولن ۽ نہ سهو ماڻهن جي فتني بازي کي جاڳائي ورهہ جون رڪاوٽون بہ پيدا ڪرائي ٿي.

پر اها سچي سالڪ جي آزمائش هوندي آهي، ۽ ان آزمائش مان سچو سالڪ ئي ڪاميابي سان گذري سگهي ٿو. جهڙي تهڙي جي جاءِ ناهي، تہ اُهو انهيءَ آزمائش مان ڪاميابي سان اُڪري سگهي!

سسئي جي سڪ سچي هئي هن بهادري سان پنهنجي پنهل لاءِ ماءُ ۽ سرتين جي روڪڻ، ٽوڪڻ جي باوجود انهن جي ڳالهين کي اڻ ٻڌوڪري، اڻ سونهين ۽ سڄين سفر تي اڪيلي نڪري پوي ٿي. پوءِ جيڪو جبل سائس سان جاڙون ڪري ٿو يعني جيڪي ڪيس هن جابلو اٽانگي سفر ۾ تڪليفون ملن ٿيون. اهي ٽڪائيندڙ هجڻ سان گڏ هنيانءَ ڏاريندڙ پڻ آهن. ڇو جو هن سفر ۾ سسئي کي رات جو اونداهي بہ گهيري ۾ آڻي ٿي تہ ماڻهن، مرن، نانگ ۽ وڇن جي سندس آڏو اچڻ کي وساري نٿو سگهجي! ان سان گڏو گڏ وري پيرين اگهاڙي سفر تي نڪري پوي ٿي تہ پٿرن پاهڻ سندس نازڪ پيرن ۾ لڦون ڪڍي ٿا ڇڏين.

تڏهن بہ هوءَ انهن ڏونگرن کان ٿڪجي ڍجي، ويهي ڪو نہ ٿي رهي البتہ انهن ڏونگرن کي ميارون ضرور ڏئي چوي ٿي:

ڏونگر مون نہ ڏکوءِ، آنءَ اڳ ڏکوئي آهيان.
ساريان ڪو نہ سکوءِ، سور گهڻان ئي سينران.

وري ڏونگرن کي التجا ڪندي چوي ٿي تہ.....

ڏونگر ڏاراپو پهرين چونديس پرينءَ کي،
پهڻ پير پٿون ڪيا، تريون ڇنيون تو
رحم نہ پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو
واڪو ڪنديس ووءِ مون سين جبل تو جاڙون ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سسئي جو خيال آهي، هي سيئي ڏک ڏوجهڙا، زخم تڪليفون پنهونءَ کي ڏينديَ ئي سندس وجود مان ڇٽي ڪري پوندا ۽ هن کي سڪون ملي ويندو.

پرتــوو پنهــون جــو رڳيــائي راحــت،
مِــئي مصــيبت، آهــي آري جــام جــي.

هاڻي ڏسون تہ اُهو پنهون ڪير آ؟ ان تائين پهچ جو سفر جيڪو اڻ سونهون بہ آ، ڏکيو بہ آ، تہ ان تائين پهچڻ جو ڪو وسيلو بہ آهي؟ جي وسيلو آهي بہ تہ اهو ڪهڙو وسيلو آ.

ساريان ئـي سبيل، پـر تقصـيرون پـاڻ ڏي،
متــان مونکــي ڇــڏين، آري جــام اصــيل،
ور ورهيــن جــا وســيل، رس رهــبر راهــ پر.

سسئي جي هن آهہ ۾ سڌ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن پنڌ جو سونهون ڪو رهبر آهي سهي ۽ اهو سونهون رهبر ڪل ڪائنات جو ڪارڻي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ ئي ٿي سگهي ٿو ڇو جو اهو پنهون خود خالق ڪائنات رب ذولجلال آهي ٻيو ڪير بہ ناهي.

تڏهن تہ سسئي جي زباني شاهہ سائين ٻڌائي ٿو تہ

سـچ وسـندي تـن کـي، جـوش جلايـا جـي،
طالب جي تحقيق جا، نينهن تنهن وٽ نـي،
ٿيـڏي پسـي ٿـي، هـو تـان آهـي هيڪـڙو.

حاصل مطلب تہ سر "ڪوهياري" ۾ الله پاڪ ۽ نيڪ ٻانهن جي وچ ۾ ايندڙ شيطاني قوتن سان گڏ سالڪ جي صحيح سڃاڻ صوفي جو رستو ڪهڙو آهي ۽ ڪيئن رب العزت جو راضپو حاصل ڪري سگهجي ٿو ان جو هڪڙو ئي طريقو آهي.

ٻيـون ڏيـئي ٻـن ، هلـج پاسـي هيـڪ،
ورنہ سهي ويڪ، تون ٿيـڏي ٿئايون ڪرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اعجاز ممنائي

# سر ڪوهياريءَ جو جائزو

شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ هر موضوع نهايت برجستي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. بقول ڊاڪٽر اياز قادري جي تہ شاهہ جو رسالو هزار رنگن وارو آهي, جنهن تي جيترو بہ لکجي حرف آخر نہ آهي چو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام سنڌ جي تاريخ آهي.

شاهہ سائين پنهنجي حياتي ۾ ڏارين جون ڪاهون, انهن جا سنڌ سان ظلم, سياسي اٿل پٿل, پنهنجن جا قبيلائي جهيڙا ڏٺا. جن کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سهيڙيو. شاهہ سائينءَ جو ڪلام هڪ طرف مجازي ۽ ٻئي طرف حقيقي عشق جي جوهر سان مالامال آهي. انهيءَ شعر کي جيڪر تمثيلي شعر چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. سنڌس اڏاوت جو مکيہ بنياد سنڌ جا عشقي قصا ۽ ڪهاڻيون آهن, جيڪي عام ماڻهن ۾ مروج هئا. اهو نمونو جلال الدين روميءَ بہ اختيار ڪيو پر شاهہ ۽ روميءَ جي وچ ۾ اهو تفاوت آهي, جو روميءَ جي سڄي ڪهاڻي منڍ کان پڇاڙي تائين ڪٿندو, لڏندو, لمندو, ٻيهندو, اندروني مطلب ۽ معنانون ڪيندو وڃيو توڙ کي پهچي. ڪڏهن تہ آکاڻيءَ ۾ آکاڻي آڻيو وڃي, جنهن ڪري پڙهندڙ مونجهاري جو شڪار ٿيو پوي, پر شاهہ صاحب جو طريقو عليحده آهي. ڪٿي بہ سڄي آکاڻي نٿو کڻي پر فقط ڪي دلچسپ واقعا ۽ حالتون نقش ڪري ٿو جيئن انگريزي شاعر شيڪسپيئر ڪيو آهي ۽ ائين سمجهي ٿو اها آکاڻي پڙهندڙ کي اڳ ئي معلوم آهي. انهي شعر جي ڪري شاهہ صاحب جي شعور جون سڀئي خوبصورتيون نکري نروار ٿين ٿيون. شعر جون سڀئي وصفون جهڙوڪ. واقع نگاري, قدرتي انساني حسن جي تصوير, سيرت نگاري, خيالي قوت, عبارت, ضايع ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بدايع وغيره جهڙوڪر ڪماليت ڪي رسيون آهن. انسان جي اندر جا طرحين طرحين پور ۽ جذبا اهڙي سچائيءَ سان بيان ڪيا اٿس جو پڙهندڙ جي دل هڪدم ڇڪجيو وڃي. جيتوڻيڪ شاهه صاحب سهڻي کي درياءَ ۾ ٻڏندو ۽ لهرن ۾ لڙهندو پنهنجي جسماني اکين سان هر گز نه ڏٺو هو پر تڏهن به سندس قصي کي بيحد دلچسپ بڻايو اٿس. ائين ئي سسئي کي ڏسو ته ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو پهري، مٿو اگهاڙو ڪري، پنيور کان ٻاهر نڪري، جهنگل جهاڳيندي، وڻ ولاڙيندي، ٽڪر ٽاڪيندي، مرن سان منهن ڏيندي، واري وسائيندي، ورلاپ ڪندي، پنهنجي پريڻ (پنهل) جو پير کڻندي، هيڪليائي هاڙي ڏي هلي ٿي.

سسئي سچي عاشقياڻي آهي مگر ڪڏهن ڪڏهن سندس دل ۾ اهي خيال به اچن ٿا ته ناحق عشق ۾ پاڻ اڙايم ۽ پرديسيءَ سان پريت پات. ڪڏهن ڏک ڏاکڙن ۽ ڏولائن ڪري اهڙو ڪڪ ٿئي ٿي جو سندس وات مان نڪري وڃي ٿو:

> ڪوءِ هاڙو، ٻن هوت، ڪوءِ پنهون ٻن پرينءَ،
> مادر! مون موت، سيڻا پرائيو.

پر آخر ۾ خود انهن خيالن کي ڪُهه وجهي سر جو سانگو لاهي، پنهون جي پار ڏي ڪاهي ٿي پوي، سڀ مشڪلاتون خوشي سان برسر ڪري ٿي ۽ اهڙي ثابت قدم رهي ٿي جو نيٺ پنهون جي پويان پير پٽون ٿي ڪري وڃي.

> مرون ڪَينمَ ماس ته پي هڏ هلندم هوت ڏي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب نه هڪ هنڌ ويهي شاعري ڪئي ۽ نه ئي وري ٻڌل ڳالهين کي سانڍيو پر سندس زندگي سير ۽ سفر ۾ گذري. هن پاڻ هر علائقي ۾ وڃي عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، ڏکن ۽ سورن کي نه رڳو ڏٺو پر ان کي محسوس ڪري پنهنجي شاعريءَ ۾ پلٽيو.

شاهه صاحب جي دور واري سنڌ، اڄ جي نقشي کان تمام



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مختلف هئي. اڳوڻي سنڌ جو حدون ڪڇ ۽ ڪنياواڙ لس ٻيلو مڪران، گجرات، ڪنيات ۽ جيسلمير سان ملنديڙ هيون. جڏهن تہ اڄ اهي علائقا سنڌ ۾ شامل ئي نہ آهن. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب ٽي سال هنگلاج ۾ گذاريا. ڪجهہ وقت گنجي ٽڪر تي رهيو ۽ بيشمار تجربا ڪيائين جن جو ذڪر پاڻ سر رامڪلي، سر ڪاهوڙي ۽ سر سسئي ۾ ڪيو اٿس. هنگلاج کان موٽندي شاهہ صاحب ٺٽي کان ٿيندو هالار، دوارڪا، پوربندر، جهوناڳڙهہ، گرنار ۽ ڪاڪ ڪنڌيءَ بہ اُسهيو هو. سر ڪوهياريءَ ۾ جتي سسئي سان ڏونگرن جي ڏاڍ جو ذڪر آهي. مٿئين تاريخي حوالي موجب شاهہ صاحب انهيءَ جبلن جو سفر پاڻ بہ ڪيو ۽ جبلن جي اوکي پنڌ کي پاڻ بہ برداشت ڪيو.

شاهہ صاحب جي هن سر ڪوهياريءَ ۾ پهاڙن جي پنڌ ۽ ڏونگرن جي ڏاڪڙن جو احوال سمايل آهي. ڪوهياري جي معنيٰ ئي آهي: جبل واري. شاهہ صاحب سسئي جي سورن جو هونئن تہ سر سسئي آبري، سر معذوري، سر ديسي ۽ سر حسيني ۾ بہ ذڪر ڪيو آهي پر هن سر ڪوهاريءَ ۾ خاص طور تي جبلن جي ڏاڪڙن ۾ سسئي جهڙي هيٺي ۽ اپري عورت جي همت کي ڳايو آهي. پاڻ سسئيءَ جي ڪردار کي هڪ طرفو بيان نہ ٿو ڪري، انجي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين تي بہ نظر رکي ٿو ۽ ڪيس تنبيهہ ٿو ڪري تہ جيڪڏهن غافل ٿي نہ سُمهين هان تہ هوند تنهنجو پنهل تو کان پري نہ ٿئي ها. هاٿي جبلن کي جهاڳ ۽ پير پٿون ڪرڻ لاءِ پنهور کي باهہ ڏئي نڪري پئہ! سسئي بہ پنهنجي غلطي تي شرمسار آهي. ڏونگر سسئي سان همدردي تہ نہ ٿا ڪن ويتر سندس ڦٽن تي لوڻ ٻرڪن ٿا ۽ ڪيس چون ٿا:

سُتئينءَ پير ڏکيا ڪري، وڏي جاڙ ڪياءِ،
در پر ايئين دوست جي سُر پُر هوند سياءِ،
اصل آريءَ ڄام جي سڳي تون نہ سياءِ،
پنهون سين پياءِ، تي نياڳي ننڊون ڪرين.

تڏهن سسئي رت روئي چوي ٿي تہ مون کان وڏي غلطي ٿي،



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو سوير ئي سمهي پيس. مون نٿي چاتو تہ ڏير ڏاڍايون ڪري، منهنجو پنهل مون کان کسي ويندا. منهنجو پنهل مون تي چانو هو. اي ڏونگر! هڪ تہ مون سان پنهنجي ڏيرن ڏاڍايون ڪيون آهن ٻيو تون مونکي دلداري ڏيڻ بجاءِ جيڪو ڏک ڏنو آهي ۽ منهنجي پنهل جو پير گم ڪيو آهي. سا مان دانهن پنهنجي پنهل کي ضرور ڏيندس. تون سنگدل آهين، هن تقدير مونکي جبل جهاڳڻ تي مجبور ڪيو آهي نہ تہ ڪير آهي، هي ڪٺور ڏنگر ڏوري!

ڏونگر ڏوراپو ڀريون چوندس پرينءَ کي،
ڀڃڻ پير پٿون ڪيا. تريون ڇنيون تو
رحم نہ پئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو
واڪو ڪنديس وو! مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري

سسئي جي انهيءَ سور ڀرئي آواز تي مِرن بہ ماتم ڪيو پر سچ ۾ سندس پنهونءَ جو پرو نہ ٿي پيو پر پوءِ بہ همت هٿان نہ وڃائي جبل کي مخاطب ٿي چوي ٿي:

ڏونگر ڏکوين کي دلاسا ڏجن.
گهٽو پڇجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪيئن سندان ڀڃڻ پير ڏکوئين؟

سسئي کي سورن ساٽو ڪري ڇڏيو آهي. تڏهن بہ چوي ٿي تہ مون کي سچ ۽ رڃ جهڙيون مصيبتون پنهنجي محبوب سان ملڻ کان نہ ٿيون روڪي سگهن. جي ٻپ جا ڀڃڻ سخت آهن تہ سسئي جا لڱ بہ لوهہ آهن پر ڇا ڪري پرينءَ وٽ پنهنجي صدا پهچائڻ جو وٺس ڍنگ ڪونهي، جي ڍنگ هٿ اچي وڃيس تہ محبوب وٽ رسڻ مسئلو ئي ڪونهي.

ٻين سرن وانگي شاهہ صاحب جي هن سر ڪوهياري ۾ بہ ظاهري توڙي روحاني راز سمايل آهي ظاهر ۾ شاهہ صاحب سسئي کي پنهونءَ جي ڳولا ۾ ڏونگر جون تڪليفون سهندي ڏيکاريو آهي پر حقيقت ۾ سالڪ انسان کي سچي رات غفلت جي ننڊ گذارڻ کان روڪيو آهي ۽ مرشد ڪامل سان ملڻ لاءِ جستجو ڪرڻ جي واٽ



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وغيره تہ ڪونہ آهن. اهو شيطاني چرخو ڪيس ڪيچين جي صورت ۾ پري ڪري ٿو. ساڳيو پير پنهون جو بہ پاڻ سمجهيائين مطلب تہ خالق ۽ مخلوق، ساجد ۽ مسجود جو قرب ۽ ويجهڙائي ان ۾ سمائجي وئي. اهو تڏهن ٿيندو. جڏهن تنگ نظر، تعصب، حسد، فرقي پرستي، ذات پات کان مٿي وسيع خيالي ۽ ڪشاده دلي پيدا ٿيندي، پوءِ پاڻمرادو پاڻ ڪي اندر جي اکين سان ڏسي سگهبو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"عاطف" عبدالجبار جوڻيجو

# سُر ڪوهياري جي موسيقيءَ سسئي جون ڪيفيتون

"ڪوهه" لفظ جي معنيٰ آهي "جبل"، "پهاڙ"، "ڏونگر"، "ڇپر" شاهه جا شارح جهڙوڪ: ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شاهواڻي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وغيره سڀ انهي ڳالهه تي متفق آهن، تہ جنهن صورت ۾ سسئيءَ جي ڏونگر ڏورڻ ۽ ٽڪر ٽاڪڻ جو خاص ذڪر هن سر ۾ ڪيل آهي، تنهن صورت ۾ مٿس اهو نالو رکيو ويو آهي. هن سر بابت ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ ڪوهياري "لفظ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي سر اصل جابلو قومن جو رچيل آهي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ گهڻو ڳائڻ ۾ ايندو آهي. (1) شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجو گهڻي ۾ گهڻو ڪلام سسئي، پنهون بابت چيو ۽ انهيءَ ڪلام کي پنهنجن جدا جدا راڳن ۾ ڳائڻ جو بنياد رکيو جن مان تي راڳ يعني آبري، ديسي ۽ حسيني غالباً شاهه صاحب کان اڳ ئي سسئي جي داستان سان وابستہ هئا. "حسيني" جي بابت اڄ کان ٻہ اڍائي سئو سال اڳ مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام ۾ صاف طور لکيو آهي تہ سسئي پنهون جي داستان کي "حال ۽ قال جا صاحب، سنڌي بيتن ۾ سر حسيني ۾ ڳائيندا آهن". حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، پنهون جي اصل وطن بلوچستان توڙي پنهون جي پٺيان سسئي جي وڃڻ واري لحاظ سان، سنڌ ۽ لس ٻيلي جو ڪوهستاني نغمو "معذور" ۽ ان کان ٻہ اڳتي الهندي طرف "خضدار" واري علائقي جي نغمي ڪوهياري (ڪوهياري جو نغمو يعني خضدار جو نغمو) کي راڳن جو درجو ڏيئي، سسئي جي سر کي ڳائڻ لاءِ چونڊيو. شاهه جي رسالي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرسسئي اڪيلو سر آهي. جيڪو پنجن راڳن ۾ ڳائجي ٿو حالانڪ
پيو هر سر هڪ ئي راڳ ۾ ڳائجي ٿو. (2)

شاه جي شعر ۾ موسيقي تي جڳ مشهور ڏاهي ۽ محقق ڊاڪٽر بلوچ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "هڪ عظيم شاعر جي حيثيت ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي همہ گير شهرت، موسيقيءَ ۾ سندس مهارت کي قدري جهڪو ڪري ڇڏيو. حقيقت ۾ شاهہ جي فن ۾ شعر ۽ موسيقي ٻئي مترادف شيون آهن، سندس شعر، لفظن جي شڪل ۾ موسيقي آهي. هو ساڳئي وقت شاعر بہ آهي تہ موسيقار بہ. اهو شاعر ۽ موسيقار جو باهمي رشتو سندس شعر جي مضمونن توڙي سندس قائم ڪيل راڳ جي اداري مان پوريءَ طرح ثابت ٿئي ٿو تہ شاه عبداللطيف راڳ جي هڪ نئين تحريڪ جو باني آهي. (3) ڊاڪٽر صاحب، شاه جي راڳ جي هن نئين تحريڪ جا ہ مکيہ مقصد هن ريت بيان ڪيا آهن: اول تہ هندوستاني موسيقي جي عربي، ايراني اصليت کي قائم رکڻ ۽ اصلي راڳن کي جيارڻ، جن تي انهيءَ موسيقيءَ جي واڌاري ۽ وسعت جو مدار هو ۽ پوئين مصنوعي رنگ کي جنهن موسيقيءَ واڌاري ۽ سڌاري کي ڪاپاري ڌڪ هنيو هو تنهن کي ميٽڻ. ٻيو تہ هندوستاني موسيقي جي ڪلاسيڪي روايت جيڪا ذري گهٽ موت جي دروازي تي پهچي چڪي هئي، ان ۾ ٻاهرين ملڪن جي راڳن راڳڻين کي داخل ڪرڻ بدران ماڻهن جي پنهنجي عام ديسي نغمن جي پيوند سان نئين زندگي آڻڻ. (4) راڳ جي هن نئين اداري هيٺ نئين طرز ادا لاءِ جملي ڇٽيهہ راڳڻيون چونڊيون ويون، جن مان ٽيهہ راڳڻيون فقط شاه جي پنهنجي شعر لاءِ ۽ باقي ڇهہ ٻين شعرن لاءِ مخصوص ڪيون ويون. ڇٽيهين راڳڻين جي انتخاب مان ظاهر آهي تہ شاهہ صاحب ڇهن راڳن ۽ ڇٽيهن راڳڻين جي قديم روايت کي برقرار رکڻ ٿي چاهيو (5) سنڌي موسيقي ۾ ڀٽائي جي قائم ڪيل نظام موسيقي ڏانهن توجهہ ڏيڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي تہ ڀٽائي امير خسروءَ وانگر عربي ۽ ايراني موسيقي کي بہ برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي ڪلام جي 36 راڳڻين مان يمن ۽ حسيني ٻن راڳڻين کي آندو ۽ باقي 34 مان 17 راڳڻيون (ڪلياڻ، ڪنڀات، سري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راڳ، سهڻي،سارنگ، ڪيڏارو، ديسي، سورٺ، بروو هندي، بـرووسـنـڌي، رامڪلي، بلاول،آسا، ڌناسري راڳ، ڪاموڏ ۽ بسنت) هندوستاني ڪلاسيڪي سنگيت مان مقرر ڪيو ويو ۽ 17 راڳڻيون (سامونڊي، آبري، معذوري، ڪوهياري، راڻو ڪاهوڙي، رپ، ليلان، ڏهر، ڪاپائتي، پرڀاتي، گهاتو شينهن ڪيڏارو، مارئي، ڍول مارئي، هير ۽ ڪارايل) کي عوامي موسيقي (سنڌي موسيقي) جي ڌنن ۾ ڍاليو ويو.

مٿي ذڪر ڪيل راڳڻين مان ڪيتريون راڳڻيون اهڙيون آهن، جيڪي واديءَ سنڌ جي حسن و عشق جي داستانن جون يادگار طور مقرر ڪيل ڌنون آهن. جن اڳتي هلي بلڪل نالي جي مطابقت سان شاعري توڙي موسيقيءَ ۾ فني صورت اختيار ڪئي، جن مان ”سر ڪوهياري“ بہ هڪ آهي.

ڪتاب ”سنڌي راڳ ۽ تال“ جو مصنف سيد منظور نقوي هن سر بابت لکي ٿو تہ ”ڪوهياري هڪ خالص سنڌي راڳ آهي، جيڪو قديم زماني کان وجود ۾ آهي. هي راڳ موسيقيءَ جي ڪتابن ۾ نٿو ملي. هن راڳ کي صحيح انداز ۾ ڳائڻ وارا بہ سنڌ کان ٻاهر نٿا ملن. سنڌ ۾ هن راڳ ۾ ڪافيون ۽ وايون تمام سهڻي انداز ۾ ڳايون وينديون آهن“. (6) هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت پوئين اڌ رات ۽ پهريون اڌ ڏينهن آهي.

هن سر جي فني حيثيت بيان ڪندي شيخ عزيز لکي ٿو تہ هيءَ راڳڻي بلاول ٺاٽ مان سمپورن آهي، مڌم ڪومل اٿس، آروهي ۾ نکاد تيور ڪري ڪيترا هن کي ڪماچ ٺاٽ مان جاڻائيندا آهن. هن راڳڻيءَ جي پيٽ آسا (بلاول ٺاٽ) سان پڻ ڪري سگهجي ٿي پر آسا مندر استان جي پوئين حصي کان شروع ڪئي ويندي آهي، ليڪن ڪوهياري نہ. مڌم وادي ۽ کرج سموادي معلوم ٿئي ٿي. هن راڳڻي جي چيز هن ريت ڪئي ويندي:

**آروهي**: ساڌاني ساري گ سا ري گ سا ني سا ني سا

**امروهي**: ساني ڌپ م م م پ م پ م گ ني (ڪومل) ڌپ م گ ري گ ري سا.

آلاپ ڪانسواءِ تاثر سهڻي پيدا ڪرڻ لاءِ نکاد تيور پڻ هنيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندو آهي.

ڪرچ کان پنجم تائين ميند سهڻي ٿئي ٿي ۽ لهرو تہ ايڏو خوبصورت ٿئي ٿو جنهن جي انتها ڪانهي! هن راڳڻي کي سنڌي موسيقيءَ جي نمائنده راڳڻي چيو وڃي تہ غلط نہ ٿيندو.

اڄ کان سوين سال اڳ سر زمين سنڌ جي روحاني الميہ داستان سسئي پنهون جي داستان سان وابستہ هي راڳڻي اسان وٽ پنهنجي دردانگيز اثرات جي ڪري مقبول آهي. هن وقت تہ ريڊيو ۽ فلم جي ڪري ويتر ڪيس وڏيڪ پرڪشش ۽ نهايت جديد طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري ڪافي مقبول ٿي چڪي آهي. هن سر هيٺ پٽائي ۽ ان کان پوءِ جي شاعرن سسئي پنهون جي داستانن کي ڳايو آهي. هن سر هيٺ چيل ڪلام معنوي توڙي حقيقي طور پر سوز اثر رکي ٿو. هن راڳڻي لاءِ سسئي پنهون جي آڪاٽي تشبيہ طور هجڻ ضروري آهي. پٽ ڌڻيءَ تہ انهيءَ واقعي کي زنده جاويد ڪرڻ لاءِ سسئي کي پنجن سرن ۾ بيان ڪري ڇڏيو آهي. مجموعي طور تي هيءَ راڳڻي انتهائي سُرور ۽ ڪيف آور تاثرات جي ڪري نهايت سهڻي ۽ رقت انگيز آهي.

شاهہ جي سورمين ۾ سسئي اها اڪيلي سورمي آهي، جنهن کي سيني سورمين کان وڏيڪ فارسي شاعرن پڻ ڳايو آهي. جنهن جو سبب سسئي جي ڪردار جي اها سونهن آهي، جنهن کي هر ڪو پنهنجو ڪرڻ ٿو چاهي. صديون اڳي هن پنهونءَ ڪارڻ جيڪي پٻ کي متا پئي ڏنا. اڄ ان جي ڪري ڪيس سڀ ڪو واڪاڻئي پيو اهڙو عڪس شاهہ صاحب ڏاڍو سهڻي نموني چٽيو آهي:

مَرَمَتا ڏِيئي، پنهونءَ ڪارَڻِ پَبَ ۾،
تہ صَباح سَيئي واڪاڻِيندِي ويٺيُون.

سسئي جو پنهونءَ سان پيچ پوڻ، شادي ڪرڻ ۽ وري ڪانئس وڇڙڻ، هن لاءِ ڪهڙيون مصيبتون آنديون هونديون؟. سندس محسوسات، جذبات ۽ ڪيفيتون ڪهڙيون هونديون. اهو هڪ وڏو باب آهي. انهن ڪيفيتن کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي، تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سسئي پنهونءَ جي داستان لاءِ جيڪي پنج سُر (آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني) سرجيا آهن، تن جو بغور مطالعو ڪري، سسئي جي درد جي ڪيفيتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي! جيستائين ائين نـ ڪبو تيستائين انهن جو چٽو عڪس سامهون ڪو نـ ايندو. پر هتِ طوالت کان بچندي هن مختصر مقالي ۾ فقط ڪجهه ڪيفيتن جو ذڪر ڪجي ٿو.

جڏهن سسئيءَ جي زندگيءَ تي نظر ٿي ڪجي، تـ هوءَ هڪ درد ڪهاڻي ٿي محسوس ٿئي. سرجي ٿي تـ سور پُڪي ۾ ٿا پونس، سامائجي ٿي تـ سک هليا ٿا وڃن. ڇا ڪاڻ تـ ڄمڻ شرط ڪيس پيتيءَ (صندوق) ۾ وجهي دريا جي لهرن حوالي ڪيو ٿو وڃي، جوان ٿي ٿئي تـ پرديسي پنهون سان پرڻو ٿو ٿئيس.

سِرجِي تـان سُـورَ سـامـاڻِـي تـان سُـکَ وِئـا،
اِهـي ڀـيـئـي پُـورَ نِـمـاڻِـيءَ نَـصـيـبُ ٿِـئـا.

❊

هُوءَ جي سُورَ سُڄَڻِ، سي مون پينگهي ۾ پِرائِيَا،
سـانـديـاسِ سُـکـنِ، سُـورَنَ ڪـارڻِ سَـرِتيُون.

سور تـ سسئيءَ کي پينگهي ۾ پلئہ پيا، هوءَ ڇڪنا ڇور آهي، پر ڪيس آفرين آهي جو پين جي درد جو بـ احساس ايڏو اٿس، جو سورن وارين کي سڏي انهن سان احوال پئي اوري ۽ کين آٿتون پئي ڏئي، ڇو تـ ڪا بـ سورن کان ڌار ڪونهي.

اڇـو تـ سُـورنِ وارِيُـون، ڪـريـون سُـورَ ڀَچَـارَ
مُـٺِ مُـٺِ سُورَنِ سَيـڪَـهين ڪانهي سُوران ڌارَ
ڏِنَـمِ جي ڏاتارَ سي مون جهولِي پـائي جهَلِـئا.

سورن جون مٺيون سڀ ڪنهن وٽ، پر سسئي وٽ وٽاڻ (گهٽائي) آهن. ڏاتار جي ڏنل ان تحفي کي جهولي پائي ٿي جهلي ۽ پيري هڏي ڪنيو پئي هلي، ڪو بـ خريدار يا حصيدار ڪونهي، جو ڪٿي ساڻس حصو پتي ڪري.

مُـٺِ مُـٺِ سُورنِ سَيـڪَـنهين، مون وَٽِ وٽـاٽـانِ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ اهي ڏونگرن جا ڏاکڙا ڇو ڏسن؟ ڏونگر تہ سسئيءَ کي ڏئي ڏورڻو آهي، جنهن جو ورُ زوري جدا ڪيو ويو آهي. هوءَ سهيلين کي پڻ چوي تہ پنهونءَ سان پريتڙو منهنجو آهي، ٻولن ٻڌل آءٌ آهيان ۽ لڪئي لائون مون لڌيون آهن. اهڙن جذبن جو اظهار سسئيءَ ڪان شاهہ صاحب هن ريت ڪرائي:

آئيــن وَريتيُــون وَرو، آءٌ نـــ وَرَنــدي ورَ ري،
جــاڏي هِــنِ جَبَــلَ جــو تانگهِينــديَس تَــرو،
جَتَــنِ ســاڻُ ڏَرو، نيهــُ نيــرَڻُ نــَ ٽِــئي.

سسئي جي سفر جون بہ عجيب ڪيفيتون آهن. هوءَ ٻنا ڪنهن ٽيڪ ۽ آڌار جي ٻيواهي ۽ اڻ سو نهين آهي. هيءَ ضعيف زال، هوڏانهن جبلن جي چوٽين تي چورن جيان لڪيل چيتا آهن، تنهن ڪانسواءِ ٻيون بر جون بلائون ۽ نانگ آهن. هن پنڌ ۾ نہ ڪٽنب آهي، نہ ٽبيلو هٿِ هيڪلي حيلا پئي هلائي اهو ان ڪري تہ وڃان، تنهنڪري اي پنهون پهچ، هن راهہ ۾ رهبر ٿيءُ:

اَڏَرَ نِــڌَرَ اَيَــرِي، اَسُــونِهين آئـــون،
چِيتــا چـــور چُنجَـــنِ ۾ بَـــرَ ۾ بَلائـــون،
موٺُ پنهون پاهوَن، متّان مُحِبَ مَرِي رَهان.

ڏونگر سسئيءَ کي سفر ۾ ايذائيو ۽ ساڻس ڏاڍايون ڪيون. سندس هينئين کي ائين چيريو جيئن ڪو واڍو وڻ وڍي. هوءَ ڏنگر کي ميارون ڏي ٿي تہ مون ڏکيءَ کي ڏک نہ ڏي تون ڏاڍو آهين. تنهن ڪري تنهنجو ڏاڍ ڏاڍن سان ٿو ٺهي. هي تہ لڪئي جو ليکو آهي جو آءٌ لوڙيان پئي:

ڏُونگَــرَ تُــون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍائيُــون ڪَــرِين،
مُون تَنَ اَندرِ تِئَين وَهي، جئَين وَڻُ وَڍِي واڍو،
اِيءَ ڪَرَمَ جو ڪاڍو نا تہ پَٽِرِ ڪيرِ پَنڌُ ڪَري

اي ڏونگر تون ڏکوين کي دلداريون ڏي ۽ جن وٽان دلبر ويو آهي، تن سان دلبريون ڪر. توکي اهو ٺٺو ڄڳائي جو تون انهن جا پير پٽون ڪرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏُنگَــر ڏُکــوِيَنِ کـــي، دلاســا ڏِجَـــنِ،
گهَٽو پُڇِجي تَنِ کي جَنِ وٽان هوتَ وَڃنِ،
تُون ڪِيئَن سَندا تَنِ، پاهَڻَ پير ڏُکوئِيين.

سسئي جي سڪ بہ ڏاڍي عجيب آهي، هڪڙن کي "جي جاڳ ۾ ستي پڻ سي ئي." پر سسئي جي مثان موت جو فرشتو (عزرائيل) ٿو اچي بيهي، تہ هوءَ ان کي پنهونءَ جو پيغام آڻيندڙ ٿي سمجهي. جڏهن قبر ۾ حساب ڪتاب جا ملائڪ (منڪر ۽ نڪير) اچن ٿا تہ هوءَ انهن کان بہ پنهونءَ جي ساٿ جو ٿي پڇي. سندس اهڙي ڪيفيت جو اظهار شاهہ صاحب هن ريت ٿو ڪري:

آچـي عزرائيـلَ، سُـتِي جاڳـائي سَسُـئي،
ٿي دَورَائي دَلِيلَ، تـہ پُنهونءَ ماڙهُو موڪليو.

❋

مُنِڪَـرَ ۽ نَڪِيرَ کـي جَـڏهن ڏِٺـائِين،
اَڳِيـانَ اُتِـي اُنَ کـي پنهـونَ پُڇِيـائِين،
ادا اِئـائِين، ڪـو لَنگهيـو سـاٿُ سَـڄَڻَ جـو!

سسئي گهر ڇڏي ور ووڙڻ لاءِ جيڪي پهاڙن جا پنڌ ڪيا، ڏک ۽ ڏاڪڙا ڏٺا، اهي ڪي عام ڪو نہ هئا. هوءَ تہ مرڻ ڪانپوءِ بہ پنهونءَ جو ٿي پڇي. اهي اهڙا سبب آهن، جو ڪيس اڄ بہ واڪاڻيو ۽ ياد ڪيو ٿو وڃي، تڏهن شاهہ سائينءَ فرمايو هو:

مَرُ مَتا ڏِيئي، پنهـونءَ ڪارَڻِ پَبَ ۾،
تـہ صَباح سَيئي، واڪاڻِينَئِي ويٺِيُون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حوالا


1. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي- شاهه جو رسالو صفحو 496، ڇاپو ٻيو 1979ع شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدر آباد- سنڌ.
2. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- "سسئي پنهون" صفحو 48، ڇاپو پهريون- سيپٽمبر 1976ع سنڌي ادبي بورڊ حيدر آباد- سنڌ.
3. ڊاڪٽر دُرِ شهوار سيد (مرتبا) - شاهه لطيف جي موسيقي صفحو 107 ڇاپو پهريون- آگسٽ 1992ع شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي-
4. ايضا صفحو 110.
5. ايضا صفحو 113.
6. سيد منظور نقوي- "سنڌي راڳ ۽ تال" صفحو 67 ڇاپو پهريون- اپريل 1918ع انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي- سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو- سنڌ


نوٽ:

(هن مقالي لاءِ اڪثر بيت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاران ترتيب ڏنل "شاهه جي رسالو" جي (جلد 8-9) تان کنيل آهن.)



Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر ڪوهياريءَ ۾ وراڻ جي سٽا

”وراڻ“ جي لفظي معنيٰ آهي: ورندي، موٽ، جواب. ان جي اصطلاحي معنيٰ آهي: وري چوڻ، هر هر چوڻ، دهرائڻ. ”وراڻ“ کي ادبي ٻوليءَ ۾ ”تڪرار“ بہ چئبو آهي. ادبي اصطلاح ۾ وراڻ، شعر جي هڪ خاصيت آهي. اِها اهڙي خاصيت آهي، جنهن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ بيتن يا شعرن ۾ لفظ ، فقرا ۽ جملا وري وري ايندا آهن، يا هر هر دهرايا ويندا آهن.

”وراڻ“ شعر جي اهڙي خوبي آهي، جنهن سان شعر ۾ حد درجي جو اثر ۽ دلڪشي پيدا ٿئي ٿي ۽ رَسُ، رچاءُ ۽ رواني پيدا ٿئي ٿي، جيڪا پڙهندڙ کي نہ رڳو متاثر ڪري ٿي، پر موهي مست بنائي ڇڏي ٿي. ٻئي طرف وري شاعر جي مشاهدي ۽ مطالعي ۽ علمي سطح کي ثابت ڪري ٿي.

### وراڻ جو پس منظور

ڪلاسيڪي سنڌي شاعري جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ”وراڻ“ سڀ کان پهرين استعمال ڪرڻ وارو شاهہ لطف الله قادري آهي. شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام ۾ سڀ کان پهرين ”وراڻ“ ملي ٿي. توڙي جو شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام ۾ وراڻ جو هڪڙو نمونو آهي، جنهن ۾ ٽن بيتن جي پهرين پد ۾ ساڳيو جملو اچي ٿو ۽ اهو جملو آهي: ”حسن حبيبن جو.“

شاهہ لطف الله قادري کان پوءِ وراڻن جي سٽاءُ شاهہ عنايت رضوي جي ڪلام ۾ ملي ٿي، پر وراڻن جا اهي سادا ۽ ابتدائي نمونا آهن. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، وراڻ جي سٽاءُ کي فن جي صورت ڏني ۽ ان جي سٽاءُ جا نمونا گهڙيا. مطلب تہ شاهہ عبداللطيف ”ورڻ جي



Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاڳيتو آيو آهي. سر ڪوهياري جي سيني داستانن ۾ هن قسم جي وراڻ جا سلسلا آهن. جهڙوڪ پهرين داستان ۾ هڪ سلسلو "ليل نه جاڳن لک سينءَ" پد سان آيو آهي. اهڙا ٽي بيت آهن. بيت هن طرح آهن:

لَيلَ نَہ جاڳِنءَ لِکَ سِنءَ"، ڪُلِهِ نوٽرُ ڪِئاءِ

••

"لَيلَ نہ جاڳِنءَ لِکَ سِنءَ"، شامَ سُتِينءَ سَبَ رات

••

لَيلَ نہ جاڳنءَ لِک سينءَ"، سُتِنءَ راتِ سَڄِي

اهڙي نموني جو ٻيو سلسلو داستان ٽئين ۾ "مُنکي چنڊ مَ چهرين" پد سان آهي. هي سلسلو چئن بيتن تي مشتمل آهي. بيت هن طرح آهن:

"مُنکي چَنڊِ مَ چِهَرين"، هت هوتاڻي ! هاڻ

••

"مُنکي چَنڊِ مَ چهرين"، هوتاڻي ! هِنَ هَنڌِ

••

"مُنکي چَنڊِ مَ چِهَرين"، پوءِ رَهايَسِ "پاڻ"

اهڙي نموني جو ٽيون سلسلو داستان چوٿين ۾ "هلڻ سهان هوت جو" پد سان آهي. هي سلسلو ٽن بيتن تي مشتمل آهي. بيت هن طرح آهن:

"هَلَڻُ سهان نہ هوت جو"، وَڃَڻُ آئون گهوريان

••

"هَلَڻُ سَهان نہ هو جو"، وَڃَڻُ مون نہ وَسِ

••

"هَلَڻُ سَهان نہ هوت جو وَڃَڻُ مَ واريو

اهڙي نموني جو چوٿون سلسلو سر ڪوهياري جي چوٿين داستان ۾ "مون کي جنين ماريو" پد سان شروع ٿئي ٿو. هي سلسلو بہ ٽن بيتن تي مشتمل آهي.

اهڙي قسم جو پنجون سلسلو ساڳئي داستان ۾ "پرتوو پنهون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو " پد سان آهي. اهو هن طرح آهي:

"پَرتوَو اهو جو". ڪين ڇائي ڪِين اُس

• •

"پرتَوَو پُنهونءَ جو". سَمائي سِياهُ.

• •

"پَرتَوو پُنهونءَ جو". رڳيائي راحت.

اهڙي ئي قسم جو ڇهون سلسلو پنجين داستان ۾ آهي. ان جو پد آهي: "قريبن قوت ڪِئو". هي سلسلو ٻن بيتن وارو آهي. بيت هن طرح آهن:

رِيءَ قَرِيبنِ قُوتُ ڪِئو"، ويٺي وِرهَ چُران.

••

"ريءَ قريبن قوت ڪِئو"، ورهہ چَران ويٺي.

اهڙي ئي قسم جو ستون سلسلو پنجين داستان ۾ آهي. ان جو پد آهي: "حقيقت هن حال جي." هي سلسلو ٻن بيتن تي مشتمل آهي، بيت هن طرح آهن:

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪريان ذري.

••

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪيان زبان.

ساڳئي نموني جو هڪ سلسلو ڇهين داستان ۾ آهي. ان جا لفظ آهن: "ڪـه پر رئان پريَ کي." هي سلسلو ڇهن بيتن تي مشتمل آهي. بيت هن طرح آهن:

" ڪِهِ پَرِ رُئان پِريَ کي"؟ روئي نہ ڄاڻان

••

" ڪِهِ رُئان پريَ کي"؟ اَندرِ ناهہ اُساٽ

••

" ڪِهِ پَر رئان پِريَ کي"؟ پَچَرَ ناهِ پچار

••

" ڪِهِ پَر رئان پِريَ کي"؟ پارُ نہ ڄاڻان پَنڌَ

••

" ڪِهِ پَرِ رُئان پِريَ کي"؟ پارُ نہ ڄاڻا پيرَ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

••

"ڪِهِ پَرِ رُئان پِرِيَ ڪي"؟ رَئَڻُ مون رِياءِ.

3ـ وراڻ جو ٽيون نمونو اهو آهي، جنهن ۾ بيت جي پهرين سٽ جا ٻئي پد هڪ جهڙا آهن پر ٻئي پد جو آخري لفظ ٻئي بيت ۾ بدلجي وڃي ٿو يعني پهرين بيت جي پهرين سٽ جو قافيو بدلجي پويان اچي ٿو ۽ پويون لفظ قافيو بڻجي وڃي ٿو. اهڙي نوعيت جي وراڻ جا ٻه سلسلا سر کوهياري ۾ ملن ٿا. اهي هن طرح آهن:

ڪينڙڪ ڪيچين جي، ٻن انهي پانهوٽي.

••

ڪينڙڪ ڪيچين جي، نانهوٽي پانهي

هن بيتن ۾ ڏسبو ته پهرين بيت ۾ پانهوٽي قافيو ٿي آيو آهي. ٻئي بيت ۾ پانهي قافيو ٿي آيو آهي.

4ـ وراڻ جو هڪ نمونو اهو آهي، جنهن ۾ بيت جي پهرين سٽ جو ٻيو پد وري وري اچي ٿو. هن قسم جو وراڻ جو سلسلو سر کوهياري جي پهرين داستان ۾ آهي.

سٽڻ سواري، مَــهُ ويڙهي مُئِنِ جِنءِ

••

سٽڻ سنجهئي، مَــهُ ويڙهي مُئَنِ جنءِ

اهڙي نموني جي وراڻ جو ٻيو سلسلو ٻئي داستان ۾ آهي. جنهن ۾ "ڏکي ڏنگر پاڻ ۾" وراڻ ٿي آيو آهي.

••

ٻئي ويٺا رُون، "ڏکي ڏنگرَ پاڻَ ۾.

••

اڄ پُڻ ويٺو روءِ، ڏکي ڏُنگرَ پاڻَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سرِ ڪوهياري بابت

سُتي پنهون ڇڙڪ، آيل ٻاروچن جا،
وَ مَرِ وهاڻي وو ! ڏي ! ڪوهياري ڪِرِڪَ،
ڏاڙُ ڏُوڻيو تنهن ڏڪ، جَڏيءَ جِئڻ نہ ڏِئي!

سُر ڪوهياري، ڪلياڻ آڏواڻي جي رسالي مطابق ڏهون (10) سُر آهي، ڇهن (6) داستانن تي مشمل، ڏونگر، جبل جي معنيٰ رکندڙ سُر آهي هونئن بہ ڪوهہ لفظ جبل جي معنيٰ رکي ٿو. جنهن کي شاهہ صاحب بہ پنهنجن بيتن ۾ استعمال ڪيو آهي. هي سُر جابلو علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن جو رچيل آهي. سنڌ ۽ پنجاب ۾ هي سُر گهڻو ڪري ڳائڻ ۾ ايندو آهي ۽ نهايت اڙانگهن جبلن جي پنڌ جو خاصو بيان ۽ انهن ڏونگرن جي ڏکن ڏاکڙن جو تمام گهڻو احوال هن سُر ۾ ڏنل آهي.

انهيءَ لحاظ کان مٿس ڪوهياري نالو رکيو ويو ٿو ڀائنجي. هِن سُر ۾ شاهہ صاحب جن اڪثر سسئي جو مثال وٺي، ننڊ، غفلت ۽ سُستي جي تمام گهڻي ملامت ڪئي آهي. عاشقن کي هميشہ سجاڳ هئڻ گهرجي:

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سُهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

❋

سُکن واريءَ سَڌ، مٿان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*

آڏو لڪر لر، متان روهه رتيون لٿيون،
تون جي پهڻ پپ جا، ته لڳ منهنجا لوهه،
ٿپي ڪندين ڪوهه، ڏونگر ڏکوئين ڪي.

شاهه صاحب جي هر سٽ، هر لفظ ۾ حق کي ماڻڻ لاءِ پختو پيغام آهي، جيڪو صفا مايوسيءَ ۽ محروميءَ ۾ به جذبات جوان ڪري ٿو ڇڏي. اسان ۾ مسئلن سان منهن ڏيڻ جي همٿ پيدا ڪري ٿو.

وحدة الوجود جي جوهر ۾ جتي اسان جي نفسي مسئلن جي مسيحائي آهي، تئين اسان جي فڪري ۽ اقتصادي مسئلن جي رهنمائي پڻ آهي. وحدت الوجودي فڪر ۾ الله جي پيدا ڪيل وسيلن تي به سڀني ماڻهن جو مساوي حق آهي. توڙي جو صلاحيتن جي گهٽ وڌ استعداد جي ڪري رزق جي گهٽ وڌائي فطري تسليم ڪئي وڃي ٿي. ليڪن معاشرو ۽ رياست پابند آهن ته سڀني ماڻهن کي بنيادي ضرورتن جي پورائي جا وسيلا مهيا ڪري ڏين. اسان کي پاڻ وٽ اهڙي جهان جي اڏاوت ڪرڻي آهي، جنهن ۾ اسين سڀ پاڻ کي سڀني هم وطنن جي لاءِ بنيادي ضرورتن ۽ روزگار جي ذريعن کي مهيا ڪري ڏيڻ جا پابند سمجهون. جيڪڏهن رياست فردن کي ان استحقاق کان محروم رکي ٿي ته فردن ۽ تنظيمي طور تي انهن ذريعن ۾ سهڪاري ٿجون. جيڪڏهن اهڙو جهان اسين هتي اڏي يا بنائي ٿا وڃون پڪ ڄاڻو معاشي زندگيءَ جي بهتري جا باقي سڀ مسئلا مٿي ڄاڻايل اصولن جا حتمي نڪتا ٿجي پوندا.

اهڙي طرح شاهه لطيف رحه پنهنجي شاعريءَ ۾ جيئن ته ٿورو طبقي تي ڌتڪار وجهي ٿو ۽ واپارين، وڻجارن ۽ جوهرين جي ڪليل حمايت ڪري ٿو ۽ وقت جون ويران بازارون پسندي سندس هينئڙو لوڻ ٿئي ٿو انڪري واپارين جي حمايت واري اها رهنمائي موجوده دؤر جي تجارتي ترقيءَ واري ڊوڙ ۾ اسان جي مڊل ڪلاس لاءِ هڪ مينيفيسٽو جي حيثيت رکي ٿي. اسان جي موجوده سوسائٽي جو هي الميو آهي ته اسان وٽ حقيقي مڊل ڪلاس اڃا پيدا ٿيو ئي ناهي،



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مُنڌ نہ منجهان تن، پسي لِڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سڪي سَسئي.

سسئي جبلن کي چئلينج ڪري وڏي واڪي چوندي ٿي
وڃي تہ.

آڏو ٽڪر ٽر، متان روهہ ريتون ٿئين،
تون جي پڙ پپ جا، تہ لڳ منهنجا لوهہ،
تپي ڪندين ڪوهہ، ڏونگر ڏڪوئين ڪي.

اڄ ڪلهہ جي انسان پنهنجي زندگي جي اجتماعي حقيقتن کي وساري، انفرادي پٽ سٽ ۽ لالچ لوڀ کي پاڻ تي وڏيڪ حاوي ڪري ڇڏيو آهي. بنگلا، شان شوڪت، دٻدٻو رعب ڏسي پونگين مان بيزار ٿي حال تي صابر نہ ٿيڻ، اجائي لوڀ لالچ بہ انساني ذهن جو روڳ بنجي وڃن ٿا. انسان مٿي ڏسڻ بجاءِ هيٺ ڏسندو ۽ شڪر ڪندو تہ اجائي وهلور کان بہ بچي ويندو. ان جو هڪ ڪارڻ اِهو بہ آهي تہ اسان جيئڻ جو ڪارڻ ۽ اهم سبب وطن دوستي، ديس جي محبت ۽ اجتماعي زندگي جي ڳانڍاپي جو اهم وسيلو انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي.

شاهہ لطيف ڪڏهن مارئي جي روپ ۾ تہ ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ انهيءَ عظيم احساس کي مضبوط ارادي طور تمام گهڻو اجاگر ڪيو آهي. انهيءَ حساب سان اگر شاهہ جي فڪر جو ڳوڙهو جائزو وٺبو تہ ان مان ڪافي معنائون نڪرنديون ۽ سندس فڪر هر مڪتب فڪر شخص لاءِ سوچڻ لوچڻ جي ڪم ايندو. سندس شاعري جي صورت ۾ اسان جي لاءِ هڪ امڙو علم ۽ فڪر ڇڏيو ويو آهي جيڪو هر دور ۾ اسانجي رهنمائي ڪندو آيو آهي ۽ اڳتين دنيا لاءِ پڻ ڪندو رهندو. اصل ڳالهہ هي آهي تہ اسين سندس شاعري مان ڪهڙيون ڳالهيون، ڪهڙيون معنائون وٺڻ چاهيون ٿا. شاهہ صاحب جي سنڌ ۽ سنڌ وارن تي جيڪا مهرباني آهي اُها تہ قيامت تائين لاهي ڪو نہ سگهبي.

هر انسان جي اندر ۾ هڪ انسان رهي ٿو. ان انسان کي شاهہ



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاحب پنھنجي شاعري وسيلي جاڳائڻ چاھي ٿو. پوءِ وفا، دوستيءَ، دانائي، درد مندي، نياءَ نياءَ، نئڙت، بهادري ۽ بهتري جياپي تونڙي زندگيءَ جي هر موڙ تي پيش ايندڙ واقعن لاءِ انمول گُر، سيڪاري ٿو جيڪي سڄي انسان ذات لاءِ سچن موتين کان بہ وڌيڪ ڪار آمد آهن.

هر قوم کي هڪ رهبر جي ضرورت هوندي آهي، جن قومن وٽ اهڙا سونهان موجود آهن، جيڪي پنهنجي فڪر ذريعي هر دؤر ۾ ماڻهن جي رهنمائي ڪندا رهندا آهن. اهي قومن لاءِ ڪڏهن بہ نہ مٽجندڙ ۽ زنده مثال بنجي پوندا آهن ۽ انهن جون قومُون ڪڏهن بہ مٽجي نہ سگهنديون آهن.

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu